# مائوزي تونگ

## رسول بخش پليجو



پهريون ڇاپو 1972ع

# فهرست

★

| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | رسول بخش پليجو | 03 |
| مهاڳ | سراج الحق ميمڻ | 05 |
| باب پهريون | پڙهائي ۽ اوائلي انقلابي سرگرميون | 07 |
| باب ٻيو | چنگ ڪانگ جبلن ۾ | 19 |
| باب ٽيون | گهيرا | 33 |
| باب چوٿون | لانگ مارچ | 42 |
| باب پنجون | ڪومنتانگ سان ٽاهه | 55 |
| باب ڇهون | فتح | 76 |
| باب ستون | وري چوطرف گهيري ۾ | 97 |
| باب اٺون | عظيم پورهيت ثقافتي انقلاب | 113 |

★ ★

ٽيڪسٽ اِنٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami

# پيش لفظ

دنيا جي ٻين مظلوم ملڪن جي عوام وانگر سنڌي عوام به پنهنجي وطن جي ڇوٽڪاري، ترقي ۽ شان لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي.

سنڌ جي نوجوان نسل، سنڌي اديبن، شاعرن، دانشورن، شاگردن، هارين، مزدورن ۽ قومي ڪارڪنن ان جدوجهد ۾ وڏو حصو ورتو ۽ ڪافي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. گذريل تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته اسانجي جدوجهد جي راهه ۾ گهڻيون رڪاوٽون به آهن. انهن مان هڪڙي وڏي رڪاوٽ اها به آهي جو اڃا اسانجي ڪارڪنن ۽ عوام کي انقلابي جدوجهد جي لاهين چاڙهين، صحيح واٽ ۽ ان جي گس ۾ ورن وڪڙن، ڏيٺين ۽ اٽانگن لڪن جي پوري خبر ناهي. ان ڪري اسين بار بار ڪيتريون غلطيون ڪريون ٿا. پاڻ ۾ ٻڌي ڪري نٿا سگهون، لڳاتار جدوجهد نٿا ڪري سگهون، پنهنجي ۽ پرائي جي پوري ڄاڻ رکي نٿا سگهون، ٻيري ٻيري سان دوکا کائون ٿا ۽ پڇتايون ٿا.

دنيا جي ٻين ملڪن ۽ ٻين قومن جي حالت به پهريائين اسان جهڙي هوندي هئي. انهن به اهڙيون ئي سنگين غلطيون ڪيون ۽ انهن جي ڪري ڳريون مصيبتون ۽ ناڪاميون سٺيون. آخر هنن پنهنجي غلطين مان سبق پرايو، نوان تجربا ۽ آزمائشون ڪيون. هنن اهڙا ڏاها، دلير ۽ سرويچ ڪارڪن ۽ اڳواڻ پيدا ڪيا جن کين لڪن لانگهن مان لنگهائي پار ڪيو ۽ منزل تي رسايو.

ٻين قومن جي جدوجهد ۽ اسان جي جدوجهد ۾ گهڻا فرق آهن، زماني جا، ماحول جا ۽ حالتن جا. پر اسان ۽ هنن جي وچ ۾ ڪيتريون ڳالهيون ساڳيون آهن.

انڪري جيڪڏهن اسان پانيون ته سدائين پليل نه رهون ۽ اونداهي ۾ هٿوراڙيون نه ڏيندا رهون ته پوءِ اسان کي گهرجي ته پنهنجي تجربي مان به سبق پرايون ۽ ساڳئي وقت پنهنجي ساٿي ۽ اڳواڻ قومن سندن سرواڻن جي جدوجهد

جي ڄاڻ بہ حاصل ڪريون ۽ انهن جي تجربن مان سبق بہ حاصل ڪريون. ائين ڪرڻ سان اسين بار بار پلجڻ کان بچي وينداسون.

انهيءَ مقصد لاءِ سنڌي عوامي ڪتاب گهر ”نئين دور جا برک انقلابي“ نالي ڪتابي سلسلو شروع ڪيو آهي.

انهيءَ سلسلي ۾ هوچي منه جي آتم ڪهاڻي اڳ ڇپيل آهي. ايندڙ ڪتاب لينن بابت هوندو.

انهيءَ سلسلي جا ڪتاب اسان کي سيکاريندا تہ دنيا جي مشهور انقلابي قومن ڪهڙيون واٽون وٺي انقلاب جي منزل ماڻي!

سنڌي ادب کي هن وقت هر قسم جي علم جي دولت سان مالا مال ڪرڻو آهي ۽ ان کي دنيا جي عظيم ٻولين جي صف ۾ بيهارڻو آهي. اسان کي اميد آهي تہ هيءَ ننڍڙي ڪوشش بہ ان سلسلي ۾ مدد ڏيندي.

حيدرآباد
6 آگسٽ 1972ع

**رسول بخش پليجو**
جنرل ايڊيٽر

# هن گناهہ ۾ آءٌ بہ شامل هوس!

هڪ ڏينهن مينهن واچ ڪري رسول بخش پليجو منهنجي آفيس ۾ داخل ٿيو. نہ عليڪ نہ سليڪ، چي: ”’مائوزي تنگ‘ تي ڪتاب لک. مهينو ڏيانءِ ٿو. ساڳي تاريخ متئين مهيني ۾، توکان ڪٺي ويندس. چگو، هلان ٿو. هيٺ گاڏيءَ ۾ پار ويٺا آهن!“

”پلا جي نہ لکي سگهان تہ پوءِ؟“ مون ڊڄندي سوال ڪيو.

”تہ پوءِ آءٌ لکندس!“ اهو هو التي ميٽم جيڪو هن مون کي ڏنو.

مهينو گذريو. هن تقاضا ڪئي. مون پنج صفحا ڪيس ڏيکاريا، جيڪو منهنجي پنهنجي ليکي مائوزي تنگ جي زندگي جو پهريون باب هو. ڏٺائين، پڙهيائين، واپس ڪيائين. ”مهيني ۾ هي پنج پنا لکيا اٿئي؟“

”توهين دانشور مرگو هام هٽي چاٺو. اوهين مدي خارج، وقت کان پوئتي، هيٺا، پاڻ نہ وهيٺا، بنهہ چٽ آهيو! آءٌ تنهنجي چانهن بہ ڪونہ پيئندس!“

هو اٿي ويو آءٌ شرمسار، ڪنڌ هيٺ هن کي ويندو ڏسندو رهيس. سوچيم: چريو آهي. وري ملي تہ جٽ ڪندوسانس. مائو جي زندگي ڪا مهيني ۾ لکڻ جي شي آهي. مائوزي تنگ اهو عظيم انسان آهي جنهن دنيا جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو، جنهن نہ رڳو چين جي ”ماڪوڙين“ کي دنيا جا عظيم ترين محنتڪش پورهيت انسان بنائي ڇڏيو پر دنيا جي هر ڪنڊ ۾ سڏڪندڙ انسانيت لاءِ ولوڙ ۽ جاکوڙ جو جذبو جاڳائي ڇڏيو، جنهن جي زندگي ايتري وسيع، ايتري گوڙهي، ايتري رنگارنگ، ايتري هرسيج ستئين آهي، جنهن جي هڪڙي هڪڙي تقرير قومن جون تقديرون بدلائڻ جو سبب بنجي سگهي ٿي، جنهن جي زندگي هڪ سمنڊ نہ پر ستن سمنڊن تي حاوي آهي، جنهن دنيا کي هڪ نہ پر سوين سبق ڏنا آهن، جنهن جي هڪ جذبي جبل ڏاري ڇڏيا، وقت کي مات ڏئي ڇڏي. مائوزي تنگ کي انسان سڏڻ ئي غلط آهي. هو تہ ديومالائن جو ڪو خدا آهي، جيڪو زندگي جي هر پهلوءَ تي نظر رکي، نہ رڳو چين جي ماڻهن، بلڪ دنيا جي سمورن انسانن کي نت نوان آدرش ڏيندو ٿو رهي. ان ماڻهوءَ جي زندگي کي هڪ مهيني اندر قلمبند

ڪرڻ لاءِ وري بہ ڪو ”مني ـ مائوزي تنگ“ هجي، باقي منهنجي جاءِ نہ آهي. پڇي نہ سگهيس، ان ڪري وريام سڏائڻ ۾ ڪو اهم نہ سمجهيم.

وري بہ هڪ ڏينهن، رسول بخش واچوڙي وانگر هلال پاڪستان جي آفيس ۾ آيو. ڪتاب آڏو رکي چيائين، ”ڪتاب ڇپجي ويو آهي. مهاڳ لکي ڏينم! صبح جو ماڻهو موڪليندوسانءِ، ڪٺي ويندا!“

اهو هو نادري حڪم! اخبار جو ڳاٽي پيڱو ڪم، اوجاڳا ۽ ٻيا بهانا سڀ بيڪار، لاچار ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم. ڪتاب منهنجو سڄو ڪم خراب ڪري ڇڏيو. ايڊيٽوريل لکڻ جو وقت هو پر دل ئي نہ پئي چوي تہ ڪتاب کي اڌ ۾ ڇڏي ڪو ٻيو ڪم ڪريان. پورو ڪري پوءِ ڪم هٿ ۾ کنيم. فقط ايترو ئي چوندس تہ رسول بخش پليجو واقعي ”مني ـ مائوزي تنگ“ (Mini Mao) آهي. هي جبل جيڏو ڪم هن جنهن خوش اسلوبي ۽ سهڻي نموني ۾ ڪيو آهي، ان لاءِ سڄي سنڌ شڪرگذار رهندي. سنڌ کي بہ مائوزي تنگن جي ضرورت آهي. هيءَ بہ بيمار قوم آهي. هيءَ بہ ڪنهن آفيم جي نشي ۾ چُور قوم آهي. هن تي بہ اهي ئي ڏاڍ ٿيا آهن جيڪي چينين تي صدين کان ٿيندا رهيا. هتي بہ اهي ئي طور طريقا آهن، اهي لاٽون آهن، اهي ئي چڱه آهن. مائو جي زندگي هنن لاءِ مشعلِ راهہ ٿي سگهي ٿي. ان کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جهڙو رسول بخش ٻڌايو آهي. ٻولي بہ نهايت دلپذير ۽ مٺي لکي اٿس جنهن جو هو اڳي ئي بادشاهہ آهي. شال اسان جا سنڌي جوان، هن ڪتاب کي پڙهن، ڪڙهن ۽ هندائين. پوءِ اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن سنڌ جو ڳاٽ بہ اوچو هوندو، ماڻهن جي منهن تي مرڪ بہ موٽي ايندي. اهو ئي هن ڪتاب جي اهميت جو اهڃاڻ آهي. اهو ئي مائو جو پيغام دنيا جي سمورين قومن لاءِ آهي. اهوئي رسول بخش جو مقصد آهي. ان گناهہ ۾ آءٌ بہ هن سان ڀائيوار آهيان.

26 جولاءِ 1972ع

**سراج**

## باب پهريون

# پڙهائي ۽ اوائلي انقلابي سرگرميون

★

پيئي جنين باس، گنجي ڏونگر گام جي،
چڙي سپ لباس، لوچي لاهوتي ٿيا!

مائوزي تونگ اڄ کان اٽڪل 78 سال اڳ 26 ڊسمبر 1893ع ۾ ڏکڻ چين جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ شائوشان ۾ ڄائو.

سندس پيءُ هاري هو. وٽس ساڍا ٽي ايڪڙ زمين هئي. مائو ڇهن سالن جو ٿيو ته پٽس کيس مال چارڻ جي ڪم سان لڳايو. اٺن سالن جي عمر ۾ کيس ڳوٺ جي مڪتب ۾ داخل ڪيائين. هو اسڪول جي وقت کان پوءِ مال ۽ ٻنيءَ جي سنڀال به ڪندو هو. پر پنجن سالن کان پوءِ پٽس چيس ته "هاڻ گهڻو پڙهي ويو آهين. وڌيڪ پڙهڻ جي ضرورت ڪانهي. هاڻ مال ۽ ٻني سنڀال!" ائين چئي کيس مڪتب مان اٿاري ڇڏيائين. انهي وچ ۾ مائو لکڻ پڙهڻ سکي ورتو هو ۽ واندڪائيءَ ۾ ويهي، چين جي اڳوٽي زماني جي سورمن جا مشهور قصا ۽ ٻيا ڪتاب پڙهندو هو. انهن ڪتابن پڙهڻ سان سندس دل ۾ پنهنجي قوم ۽ وطن لاءِ بيحد محبت پيدا ٿي. کيس اها به خبر پيئي ته هينئر سندس وطن ۽ ان جا ماڻهو بري حالت ۾ آهن. هن جي مرضي ٿي ته وڌيڪ پڙهي، وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريان ۽ پنهنجي وطن ۽ قوم لاءِ ڪو ڪم ڪريان.

پر پٽس تمام تنگ خيالن جو ماڻهو هو. تنهن کيس وري اسڪول ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو. مائو ٻي ڪا واهه نه ڏسي لاچار گهر کان نڪري ويو. پهريائين وڃي هڪڙي ڪاليجي شاگرد وٽ پڙهڻ لڳو. پوءِ هڪڙي ڳوناٽي عالم وٽ پڙهيو. پر ڏنائين ته ائين ڪم نه هلندو. سو ڳوٺ ڇڏي هڪڙي پَريري ننڍي شهر ۾ پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. ان اسڪول ۾ گهڻو ڪري وڏن زميندارن ۽ شاهوڪارن جا ٻار پڙهندا هئا. مائو جي پڙهائيءَ جا ڪيترائي سال زيان ٿيا هئا. سو هو پنهنجن

ڪلاسين ڪان عمر ۾ ڇهه سال وڏو هو. سندس ڪپڙا بہ پراڻا ۽ ڦاٽل هوندا هئا. ان ڪري ڪلاس جا شاهوڪار ڇوڪرا مٿانئس ٺوڪون ۽ چٿرون ڪندا هئا.

هن شهر ۾ ڪيس ڪيتريون ئي نيون ڳالهيون معلوم ٿيون، هن پنهنجي پاڙيسري ملڪ جپان جي زبردست ترقيءَ ۽ طاقت جا احوال ٻڌا. يورپ جي شاهوڪار ملڪن ۽ سندن اڳواڻن جا داستان پڙهيائين. ڪيس اها بہ خبر پيئي تہ شاهوڪار ماڻهو غريبن کي تمام گهڻو ڏڪارين ٿا. ٻئي سال هو پنهنجي صوبي جي گاديءَ جي شهر "چانگشا" ڏانهن روانو ٿيو ۽ اتي جي هڪڙي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. "چانگشا" ۾ اچي هن پهريون دفعو اخبار ڏٺي.

چين تي وڏن زميندارن، شاهوڪارن ۽ آفيسرن جي حڪومت هوندي هئي. سندن اڳواڻ شهنشاهه هوندو هو. چيني هاري، پورهيت، آبادگار ۽ ٻيا غريب ماڻهو جانورن جهڙي حياتي گذاريندا هئا. قرض ۾ ماڻهن جا ٻار ٻچا ضبط ٿيندا هئا. غريب پنهنجو اولاد وڪڻي پيٽ پيا پاليندا هئا. زميندارن شاهوڪارن ۽ ڪامورن جي ٻيگهي مٽل هوندي هئي.

غريبن جي حياتي ۽ موت سندن وس ۾ هوندا هئا. ٿوري ٿوري ڳالهه تي ماڻهن کي ڪتي وانگر ماري اڇلائي ڇڏيندا هئا. ڌارين ملڪن جا سيٺيون ۽ شاهوڪار چين جي شهرن ۾ باغيچن ٻاهران لکي ڇڏيندا هئا. "چينين ۽ ڪتن کي اندر اچڻ جي منع آهي". ٿورن سالن ڪان پوءِ ڏڪار پوندا هئا، جن ۾ ماڻهو مکين وانگر مرندا هئا. انهن ڦورن ۽ ظالم زميندارن، شاهوڪارن ۽ آفيسرن ۽ سندن اڳواڻ شهنشاهه خلاف چيني عوام سوين سال پيري پيري سان ڪيتريون ئي زبردست بغاوتون ڪيون. پر اهي هر ڀيري ناڪام ٿي ويون. 19 صديءَ ۾ چار زبردست بغاوتون ناڪام ٿيون هيون. ان وقت شاهي حڪومت نالي ماتر وڃي رهي هئي. حقيقت ۾ ملڪ جون مالڪ انگلنڊ، فرانس، جرمني، امريڪا، روس، جپان ۽ ٻين سرمائيدار ملڪن جون سرمائيدار حڪومتون هيون. انهن چين کي ٽڪر ٽڪر ڪري پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو هو. هرهڪ ڌارئين ملڪ جي هٿ ۾ ڪي هٿ ٺوڪيا چيني فوجي جنرل هئا جن کي فوجي سردار ڪري ڪوٺيندا هئا. اهي فوجي سردار ملڪ جي وڏن زميندارن، شاهوڪارن، آفيسرن ۽ سندن چيني دلالن جي ساٿ سان ملڪ کي ڦريندا لٽيندا ۽ تباهه ڪندا هئا. ڌارين جي چُرچ تي هو وقت بوقت پاڻ ۾ لڙايون پيا ڪندا هئا جن ۾ خلق پيئي مرندي ڪسندي ۽ تباهه ٿيندي هئي. انهن سمورن ديسي توڙي ڌارين ظالمن مان سڄي چيني خلق تنگ

هئي. هارين، مزدورن، شاگردن، واپارين ۽ ٻئي عوام جي دلين ۾ انهن خلاف سخت ڪاوڙ ۽ ڏڪار هوندي هئي، ملڪ ۾ هر هنڌ بي انداز ڳُجهيون ٽوليون لڪ چپ ۾ بغاوت جا گهاٽ پيون گهڙينديون هيون. ڪيتريون ئي بغاوتون ڪيون ويون پر ڪابہ ڪامياب نہ ٿي ٿي.

اخبارن ۾ ملڪ جي حالت ۽ بغاوتن بابت جيڪي خبرون ڇپبيون هيون اهي پڙهي مائو تي تمام گهڻو اثر ٿيندو هو.

جنهن سال مائو چانگشا جي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ان جي پڇاڙيءَ ۾ ٻہ واري صوبي هوپائيءَ ۾ زميندارن، شاهوڪارن ۽ ڌارين جي دلالن ۽ سندن اڳواڻ شهنشاهہ جي حڪومت خلاف فوجي بغاوت ٿي. باغي فوج جون همدرديون عوام سان هيون. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ چانگشا ۾ بہ اهڙي بغاوت ٿي. مائو انهيءَ بغاوتن تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڙهائي ڇڏي باغي فوج ۾ ڀرتي ٿي ويو.

پر ٿورا ڏينهن ڪين گذريا تہ هڪڙو جاگيردار ۽ سرمائيدار جنرل جيڪو باغي فوج سان شامل هو تنهن سازش ڪري باغي فوج کي برغلائي، سندن هٿان عوام جي طرفدار باغي اڳواڻن کي مارائي پاڻ حڪومت تي قبضو ڪري ورتو. ٻين صوبن ۾ بہ اهائي ڪار ٿي. عوامي راڄ جو رڳو نالو وڃي رهيو. حڪومت ۽ اقتدار اهوئي فوجي جنرلن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جو رهيو.

اها حالت ڏسي مائو فوج مان استعيفا ڏيئي ڇڏي.

ان ڪان پوءِ هو ڪيترو وقت آئيندي بابت سوچيندو رهيو. نيٺ ٻيا ڪم ڇڏي صوبي جي وڏي ۾ وڏي لائبرري ۾ لڳاتار ڇهہ مهينا وڃي صبح شام ڪتاب پڙهڻ لڳو ۽ اقتصاديات، سياست، تاريخ، جاگرافي، فلسفي ۽ ٻين علمن مان چڱو چوکو پرايائين.

1913ع ۾ هن وري باقاعدي تعليم شروع ڪئي ۽ چانگشا جي هڪڙي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. هو پنج سال لاڳيتو اتي پڙهيو. اهو نالي ۾ تہ هاءِ اسڪول هو پر ان جو معيار عام ڪاليجن ڪان بہ مٿي هو.

تن ڏينهن چين جي سمورن اخبارن، رسالن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ زور شور سان اهو بحث پئي هليو تہ چين غلاميءَ ۽ ذلت ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪري تنهن لاءِ صحيح رستو ڪهڙو آهي.

انهن ڳالهين بابت ماڻهن جا جيڪي ڌار ڌار ۽ ابتڙ خيال هئا، تن ڪان مائو واقف ٿيو. هن هڪڙي پاسي چيني علم ۽ ادب جو اونهو مطالعو ڪيو تہ ٻئي

طرف يورپي سرمائيدار ملڪن جي تاريخن ۽ علمن جو مطالعو ڪرڻ لڳو. جنهن زماني ۾ هو فوج ۾ هو تنهن زماني ۾ هن سوشلزم بابت بہ ڪي مضمون پڙهيا هئا.

هن پنهنجي اسڪول جي شاگردن جي سرگرمين ۾ زور شور سان حصو ورتو ۽ ڪيس شاگردن جي يونين جو سيڪريٽري چونڊيو ويو.

1918ع ۾ مائو هاءِ اسڪول مان بي ـ اي پاس ڪئي. سندس هڪڙو استاد ان سال اتان بدلي ٿي چين جي گادي پيڪنگ جي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. تنهن ڪيس پيڪنگ سڏائي يونيورسٽيءَ جي لائبرريءَ ۾ اسسٽنٽ لائبررين جي نوڪريءَ تي رکايو.

پيڪنگ ۾ هو ڇهہ مهينا رهيو. اتي سندس علم ۽ ڄاڻ ۾ ڪافي واڌارو ٿيو. خاص ڪري هن دنيا جي مشهور انقلابي عالمن ۽ اڪابرن مارڪس، اينجلس ۽ لينن جا ڪتاب پڙهيا. جن ۾ سيکاريل آهي تہ دنيا ۾ وڏيرن، خانن، چوڌرين، نوابن، سيٺين سرمائيدارن ۽ آفيسرن جو راڄ اُوس ڊهڻو آهي. حڪومت نيٺ مزدور هاري عوام جي هٿ اچڻي آهي. انهن ۾ اهو بہ ڏسيل آهي تہ ظالمن جي راڄ کي ڊاهي عوام جي راڄ ڪڙي ڪرڻ جا ڪهڙا ڪهڙا طريقا ۽ واٽون آهن ۽ انهيءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون رنڊڪون اچڻيون آهن. اهي ڪتاب پڙهي مائو خاطريءَ سان ان نتيجي تي پهتو تہ چيني قوم جي دردن جي دوا اهو عوامي انقلاب آهي جنهن جو ڏس اهي انقلابي ڏاها ڏيئي ويا آهن.

## 4 مئي جي تحريڪ

ٿورن ئي ڏينهن کانپوءِ سڄي چين ۾ اها تحريڪ شروع ٿي وئي، جنهن کي چيني تاريخ ۾ چوٿين مئي جي تحريڪ ڪوٺجي ٿو. چين جا ڪي علائقا جپان ڦٻايو وينو هو. 1919ع ۾ جڏهن پهرين جنگ عظيم پوري ٿي تڏهن جنگ کٽيندڙ حڪومتن فرانس ۾ صلح جي ڪانفرنس ڪئي. چينين کي اميد هئي تہ اها ڪانفرنس کين سندن اهي علائقا موٽائي ڏياريندي، جيڪي جپان ڦٻايو وينو هو. پر ڪانفرنس جپان جي فائدي ۾ فيصلو ڏنو. مٿان وري چين جي ان وقت جي غدار سرڪار بہ اهو فيصلو قبول ڪري ڇڏيو. جنهن تي سڄي چين ۾ سخت تاءُ ڦهلجي ويو. ملڪ جي سيني وڏن شهرن ۾ ڌار ڌار طبقن جي ماڻهن مظاهرا ۽ هڙتالون ڪيون. وڏي پيماني تي گرفتاريون ٿيون ۽ گوليون هليون.

مائوزي تونگ پنهنجي صوبي هونان جي سمورين شاگرد جماعتن کي گڏي شاگردن جي گڏيل انجمن جي نالي سان شاگردن جو متحده محاذ ناهيو، صوبائي توڙي مرڪزي حڪومت خلاف زبردست هلچل هلارايائين. انجمن طرفان هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي ويئي جنهنجو نالو هو هفتيوار ”شيانگ دريا“. ان جو ايڊيٽر مائو ٿيو. هن ان اخبار ۾ غدار حڪومت خلاف جوشيلا ليک لکيا جن سڄي صوبي جي پڙهيل ڳڙهيل وطن دوست ماڻهن جي دلين ۾ ٽرٽلو وجهي ڇڏيو. ٿن پَرچن ڪانپوءِ غدار صوبائي سرڪار ان اخبار تي بندش وجهي ڇڏي. مائو وري ”نئون هونان“ نالي ٻي هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر ٿيو. ان تي به بندش پيئي. مائو وري هڪڙي مشهور روزاني اخبار ۾ مضمون لکڻ لڳو. انهن مضمونن نه رڳو هونان پر سڄي چين جي پڙهيل ماڻهن ۾ زبردست جوش خروش ۽ سياسي سمجهه پيدا ڪئي. پيڪنگ جي ٽن ناميارن رسالن انهن مضمونن جي ساراهه ڪئي.

1919ع جي پڇاڙيءَ ۾ مائو پيڪنگ ۽ شنگهائي ويو ۽ اتي وطن دوست ماڻهن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪيائين. جڏهن اتان موٽي آيو، تڏهن ڪيس چانگشا ۾ هڪڙي پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستريءَ جي نوڪري ملي. جنهنڪري هو گذر جي تنگيءَ کان آجو ٿي پيو ۽ ٻي فڪرو ٿي انقلاب لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو. مائو جڏهن پيڪنگ ۾ هو تڏهن سندس هڪڙي استاد جي ڌيءَ جو ساڻس پيار ٿي ويو. ماستريءَ جي نوڪري ملڻ کان پوءِ هن ان سان شادي ڪئي.

## چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد پوڻ

انهيءَ وچ ۾ نومبر 1917ع ۾ روس ۾ لينن ۽ سندس انقلابي پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ روس جي ظالم شهنشاهه زار ۽ سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ اتي وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن جي حڪومت جي جاءِ تي مزدورن، هارين ۽ عوام جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي.

اهو انقلاب جنهن کي عظيم آڪٽوبر انقلاب چيو وجي ٿو تنهن جي ڌاڪ سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويئي. لينن ۽ سندس انقلابي استادن مارڪس ۽ اينجلس جا انقلابي مضمون ۽ ڪتاب چيني ٻوليءَ توڙي ٻين ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا ۽ وطن جي حُب رکندڙ ۽ آزادي چاهيندڙ پڙهيل نوجوانن ۾ مقبول ٿيڻ لڳا.

مارچ 1920ع ۾ پيڪنگ يونيورسٽيءَ جي هڪڙي پروفيسر انهن انقلابي ڪتابن جي باقائدي پڙهائيءَ لاءِ انجمن ناهي. ان انجمن نهڻ جون خبرون جڏهن چين جي ٻين صوبن ۾ پهتيون، تڏهن اتي به ان جون شاخون کوليون ويون. مائو به چانگشا ۾ ان انجمن جي شاخ کولي، ان سان گڏ هن هڪڙي ثقافتي انجمن به قائم ڪئي جيڪا پيڪنگ ۽ شنگهائي ۾ ڇپجڻ وارا انقلابي ڪتاب ۽ رسالا گهرائي نوجوانن کي پڙهڻ لاءِ موجود ڪري ڏيندي هئي. ان سان گڏ مائو هونان صوبي جي مزدورن کي منظم ڪرڻ جو ڪم به زورشور سان ڪرڻ لڳو. اهي سڀ ڪم هو پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستريءَ جي ڪم سان گڏ هلائيندو هو.

1921ع جي بهار جي موسم تائين چين جي ڇهن مکيه شهرن پيڪنگ، شنگهائي، چانگشا، ووهان، ڪينٽن ۽ سنيان ۾ انقلابين جا ڇهه ٽولا ٺهي ويا. جولاءِ 1921ع ۾ شنگهائي جي شهر ۾ انهن سڀني ٽولن جي عيوضين جي هڪ ڳُجهي ڪانفرنس سڏائي وئي. هرهڪ ٽولي مان ٻه عيوضي گهرايا ويا. جپان ۾ رهندڙ چينين جو هڪڙو عيوضي به سڏيو ويو. سڄي دنيا جي انقلابين جي گڏيل جماعت جنهن کي ڪامنٽرن سڏيو ويندو هو، تنهن جا ٻه نمائندا به ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا. سي آءِ ڊيءَ کي ڪانفرنس جي ڪڙڪ پئجي وئي. تنهنڪري ڪانفرنس جا عيوضي شنگهائيءَ مان ڪسڪي نڪري ويا ۽ وڃي چيڪيانگ صوبي جي هڪڙي ڍنڍ ۾ ٻيڙي پاڙي تي ڪري ان ۾ سير ڪرڻ جي بهاني ڪانفرنس هلائڻ لڳا. انهيءَ ڪانفرنس ۾ چين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد وڌو ويو. مائو ان ڪانفرنس ۾ هونان صوبي جي عيوضيءَ طور شريڪ ٿيو هو ۽ ڪيس هونان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي صوبائي ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

مائو ۾ ننڍي هوندي کان وٺي نيون نيون ڳالهيون سوچڻ، ڪم ڪرڻ جا نوان ڍنگ ۽ نيون واٽون ڳولي لهڻ ۽ نه ٿيڻ جهڙا ڪم ڪرڻ جي عادت آهي. ڪانفرنس کان موٽڻ شرط آگسٽ 1921ع ۾ هن چانگشا ۾ ”پنهنجو پاڻ پڙهڻ جي يونيورسٽي“ قائم ڪئي. انهيءَ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد پاڻ ۾ آزاديءَ سان بحث مباحثو ۽ سوچ ويچار ڪندا هئا. ڪين هڪڙي پاسي مارڪس، اينجلس ۽ لينن جي سيڪاريل انقلاب جي سائنس پڙهائي ويندي هئي ته ٻئي پاسي ڪين چين جي علم، ادب ۽ قومي ثقافت بابت ڀرپور تعليم ڏني ويندي هئي.

ٻي طرف عوام سان ويجها لاڳاپا قائم ڪرڻ لاءِ هن بالغن کي تعليم ڏيڻ جي مهم شروع ڪئي. انهيءَ ڪم سان گڏوگڏ هن مزورن کي منظم ڪرڻ جو ڪم جاري رکيو. ان زماني ۾ مزورن ۾ گهڻي هلچل هلندڙ هئي. مائو جي ڪوششن سان هونان ۾ آسپاس ۾ ڪاٽيون ڪوٽيندڙ مزورن ۾ ريلوائي جي مزورن زبردست هڙتالون ڪيون.

1933ع ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٽين ساليانِي ڪانفرنس ۾ مائو کي پارٽيءَ جي هاءِ ڪمان يعني مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ تنظيمي سب ڪميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو.

# ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اتحاد

چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ڪومنتانگ پارٽي چين جي سڀ کان مقبول پارٽي هئي. اها چين جي وچولي طبقي جي ماڻهن جي پارٽي هئي. سندس اڳواڻ ڊاڪٽر سن يات سين هو. 1911ع ۾ چين جي شاهي گهراڻي جي حڪومت خلاف انقلاب آيو هو ۽ هڪ عارضي حڪومت قائم ڪئي ويئي هئي. ڊاڪٽر سن يات سين کي ان جو صدر مقرر ڪيو ويو هو. پر نئين حڪومت هاري عوام کي وڏي پيماني تي سجاڳ ۽ منظم نہ ڪيو ۽ سندن مدد سان زمينداري ۽ سرداري سرشتي کي پوري طرح ناس نہ ڪيو. تنهنڪري اها چين جي وڏن زميندارن، سرمائيدارن، سندن چيني دلالن ۽ فوجي سردارن جي دٻاءَ جو ڏک جهلي نہ سگهي ۽ انقلاب ناڪام ٿيو.

پر ڊاڪٽر سن يات سين ۽ سندس پارٽي چين کي ڌارين سرمائيدارن ۽ سندن چاڙتن فوجي سردارن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا.

1923ع ۾ ڊاڪٽر سن يات سين جو هيڊ ڪواٽر ڏکڻ چين جو بندرگاهه ڪينٽن هو. ڊاڪٽر سن يات سين ڪيترين آزمائشن ۽ تجربن ڪرڻ کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو تہ، (1) روس جي نئين انقلابي حڪومت سان دوستي رکجي، (2) چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ سان اتحاد ڪجي ۽ (3) هارين ۽ مزورن جي گذران جو بندوبست ڪجي. تڏهن ئي چين، ڌارين سرمائيدارن جي حڪومتن ۽ اندرين جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ فوجي سردارن جي غدار ٽولن سان منهن ڏيئي سگهندو. اهي اصول چيني تاريخ ۾ ڊاڪٽر سن يات سين جي پاليسيءَ جا ٽي اصول سڏبا آهن.

انهن اصولن جي بنياد تي ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي وچ ۾ اتحاد جو فيصلو ٿيو ۽ اهو بہ فيصلو ٿيو تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ميمبر ذاتي حيثيت ۾ ڪومنتانگ پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيندا. جنوري 1923ع ۾ ڪينٽن شهر ۾ ڪومنتانگ جي پهرين ڪانگريس ٿي. جنهن ۾ مائو کي ڪومنتانگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ ۽ آئين درست ڪرڻ واري ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو.

1924ع جي آخر تائين مائو چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪم ڪندو رهيو. 1924ع جي آخر ۾ هو بيمار ٿي پنهنجي اباڻي ڳوٺ شائوشان وڃي رهيو.

30 مئي 1925ع تي شنگهائي ۾ هڪ چيني مزور جي قتل جي واقعي تان مزدورن ۽ شاگردن مظاهرا ڪيا. پوليس گولي هلائي جنهن ۾ ڏهہ مظاهرا ڪندڙ شهيد ٿي ويا. انهيءَ تان سڄي چين ۾ زبردست مظاهرا ۽ هڙتالون شروع ٿي ويون. انهيءَ هلچل هلندي چيني هاري پهريون دفعو قومي تحريڪ ۾ شامل ٿيا ۽ سڄي ملڪ ۾ طوفان برپا ڪري ڇڏيائون. مائو انهن ڏينهن ڳوٺ هو. هارين جي انقلابي جذبي ۽ جوش خروش مٿس ڏاڍو اثر ڪيو ۽ هو هڪدم پنهنجي صوبي (هونان) جي هارين جي تحريڪ ۾ جوش خروش سان جنبي ويو. هن هارين لاءِ آسان نعرا تيار ڪيا. مثال طور ”سامراج مرده باد!“ جي نعري بدران هارين کي هي نعرو سيکاريائين، ”ڌاريان سيٺيون مرده باد“.

1924ع ۾ ڪومنتانگ پارٽيءَ طرفان هاري ڪارڪنن کي فوجي ۽ سياسي تربيت ڏيڻ لاءِ ڪينٽين شهر ۾ هڪ تربيتي اسڪول قائم ڪيو ويو. 1926ع ۾ مائو کي ان مرڪز جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. انقلابي فوج جي آفيسرن کي تربيت ڏيڻ لاءِ، روسي حڪومت جي مدد سان فوجي ائڪيڊمي قائم ڪئي ويئي. جنهن ۾ چو اين لائي کي سياسي استاد مقرر ڪيو ويو.

انهيءَ وچ ۾ سوويت روس جي حڪومت ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مدد سان چيانگ ڪائي شيڪ جي فوج فوجي سردارن کان چين جا ڪيترائي علائقا آزاد ڪرائي ورتا. آگسٽ 1926ع ۾ مائو جي اباڻي صوبي هونان تي ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي گڏيل انقلابي فوجن جو قبضو ٿي ويو ۽ اتي هاري تحريڪ تمام گهڻو زور ورتو. سياسي اقتدار هارين جي انقلابي ڪميٽين پنهنجي حوالي ڪري ڇڏيو. ڪيترن بي رحم ظالم زميندارن تي عوامي عدالتن ۾ مقدما هلائي کين مناسب سزائون ڏنيون ويون. انهن ۾ ڪي اهڙا رهزن خوني بہ هئا جن ويهہ ويهہ، پنجاهہ پنجاهہ هارين جا خون ڪيا هئا. هيستائين

ڪنهن ڪي مجال نٿي ٿي جو ڪين هٿ لائي. پر عوامي عدالتن انهن ڪي موت جون سزائون ڏنيون.

ڪومنتانگ پارٽيءَ وارا جيڪي هونئن تہ پاٽڪي وڏا عوام جا دوست ۽ انقلابي سڏائيندا هئا سي هاري عوام جي هستي مستي ڏسي سخت ڊنا ۽ ڪاوڙيا ۽ هارين خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ لڳا. ان وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مکيہ اڳواڻ پروفيسر چن توشيو هو. انهيءَ پروفيسر ۽ سندس ٻين ساٿين جي دل تي سرمائيدار ملڪن جي جمهوريت واري ڍونگ جو ڏاڍو اثر ويٺل هو. ڪين هارين جي انقلابي لياقت تي ڪوبہ ڀروسو ڪونہ هو. سندن پاليسي هئي تہ وچولي طبقي ۽ ان جي ڪومنتانگ پارٽيءَ ڪي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ناراض نہ ڪجي. تنهنڪري اهي چوڻ لڳا تہ هاري حد کان وڌي ويا آهن. مائو انهيءَ پروپيگنڊا جي جواب ۾ هڪ مضمون لکيو، ان ۾ لکيائين، تہ چين جي اصل طاقت هاري ۽ مزدور عوام آهن. جي سچ پچ چين ڪي آزاد ڪرائڻو آهي تہ پوءِ چيني هاري ۽ مزدور عوام ڪي سجاڳ ڪري ڪين زور وٺائڻ گهرجي. جيڪي ماڻهو چين جي هاري ۽ مزدور عوام جي هستي ۽ طاقت تي ناراض ٿا ٿين سي چين ۽ چيني قوم جا ڪنهن بہ صورت ۾ سڄڻ ٿي نٿا سگهن پر ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ان وقت جي اڳواڻن مائوءَ جي ان ڳالهہ ڪي رد ڪري هاري تحريڪ جي جوش خروش ۽ جذبي ڪي دٻائي ٿڌو ڪري ڇڏيو.

## ڪومنتانگ جي دغابازي ۽ اوچتو وار

ڪومنتانگ پارٽيءَ جو دلي مطلب هو تہ هارين، مزورن ۽ ٻئي مظلوم عوام ڪي انقلاب جا ڏنا ڏيئي ڪين هٿيو ڪري ڪم آڻيون ۽ سندن مدد سان حڪومت هٿ ڪريون. ڪم لهڻ ڪانپوءِ عوام ڪي ڌڪي پوئتي هٽائي مٿن پنهنجي وچولي طبقي جي ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪريون. چين تي جن ڌارين سرمائيدارن قبضو ڪيو سي بہ رات ڏينهن انهيءَ ڪوشش ۾ لڳل هوندا هئا تہ ڪيئن بہ ڪري ڪومنتانگ پارٽيءَ ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪي پاڻ ۾ ويڙهائي ڪومنتانگ ڪي پنهنجي پاسي ڪجي، انجي هٿان چيني عوام جي سچي ساٿي ۽ اڳواڻ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪي ختم ڪرائجي ۽ پوءِ ڪومنتانگ پارٽيءَ ڪي پنهنجو ڪمدار بنائي ان جي معرفت چين ۾ بنا روڪ ٽوڪ جاوا ڪجن. ڪومنتانگ وارا ڌارين جي انهيءَ سازش ۾ شريڪ ٿي ويا ۽ جڏهن

ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جون گڏيل فوجون فتحن پٺيان فتحون حاصل ڪنديون شانگهائي جي شهر ۾ پهتيون تڏهن 12 اپريل 1927ع تي اوچتو ئي اوچتو ڪومنتانگ جي فوجي جنرلن جنرل چيانگ ڪائي شيڪ جي اڳواڻيءَ هيٺ چيني مزدورن هارين ۽ ٻئي انقلابي عوام ۽ سندن چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ تي قاتل وار ڪيو. شانگهائي، ڪينٽن ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۾ مزورن ۽ عوام دوست ماڻهن جا ڪوس ٿيا. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جا جيڪي اڳواڻ ۽ ڪارڪن هٿ چڙهيا تنکي ايذاءَ ڏيئي قتل ڪيو ويو. اٽڪل 13 لک انقلابي ڪارڪن ۽ عوام شهيد ڪيا ويا.

چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ان وقت جي اڳواڻن انقلاب جو گهڻو دارومدار ڪومنتانگ جي ساٿ تي رکيو هو. تنهنڪري ڪومنتانگ پارٽيءَ جي اوچتي دغابازي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا پير ڪدي ڇڏيا ۽ هو هن اوچتي حملي جو مقابلو ڪري نه سگهيا. چيني ڪميونسٽ پارٽي جي ان وقت جي اڳواڻ چن توشيو انهيءَ حملي ڪانپوءِ اعلان ڪيو ته چين جو وچولو ۽ سرمائيدار طبقو چيني زميندارن ۽ چين جي دشمن ڌارين سرمائيدارن تي فتح پائي چڪو آهي. وچولي ۽ سرمائيدار طبقي جا پير جمي ويا آهن. چين ۾ سرمائيداري نظام زميندار ي نظام تي غالب پئجي ويو آهي تنهنڪري هاڻي چيني هارين طرفان زميندارن خلاف جدوجهد هلائڻ جي ضرورت ڪانهي. هاڻي مزورن جو وارو آهي ته سرمائيدارن خلاف جدوجهد هلائين. پر اهي اجا ٿورڙا آهن ڇاڪاڻ ته اجان چين ۾ گهڻا ڪارخانا نه پيا آهن. ان ڪري مزورن کي تيستائين انتظار ڪرڻ گهرجي جيستائين سرمائيداري نظام تمام گهڻو ڦهلجي وڃي. اجان بہ گهڻا ڪارخانا قائم ٿين. تان جو مزدور اڪثريت ۾ اچن ۽ سوشلسٽ انقلاب لاءِ ميدان تيار ٿئي. تيستائين ڪا خاص بي قاعدي ڪاروائي نه ڪجي. گهڻي ڀاڱي قانون جي اندر ڪم ڪجي. اها گهر ڪرڻ گهرجي ته اقتدار چونڊيل نمائندن جي پارليامينٽ جي حوالي ٿئي. جمهوريت رائج ڪئي وڃي. هنن انقلابي فوج وسيلي هٿياربند تحريڪ هلائڻ جي مخالفت ڪئي. چوڻ لڳا ته اها رولاڪ باغين جي تحريڪ آهي.

*[انهيءَ پاليسيءَ کي چيني انقلاب جي تاريخ ۾ چن توشيو واري هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري سياسي لائين سڏبو آهي. پاڪستان ۾ نعپ (نئشنل عوامي پارٽي) جي اها سياسي لائين آهي.]*

7 آگسٽ 1927ع تي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽي انهيءَ پاليسيءَ کي رد ڪري ڇڏيو ۽ فيصلو ڪيو ته زميندارن خلاف هاري انقلاب لاءِ جدوجهد ڪجي ۽ ڪومنٽانگ جي قتل عام جو هٿياربند مقابلو ڪيو وڃي. پارٽيءَ جي اندروني تنظيم بابت فيصلو ڪيو ويو ته پارٽيءَ جي اهم عهدن تي گهڻو ڪري فقط اهڙا ماڻهو رکجن جي مزدور ڪٽنب جا هجن. مائوءَ شروع ۾ ئي ڪومنتانگ تي حد کان وڌيڪ ڀاڙڻ جو مخالف هو. تنهنڪري ڪومنٽانگ جي دغابازيءَ تي جيتري حيرت ٻين اڳواڻن کي ٿي اوتري هن کي ڪانه ٿي.

تنهنڪري هن مقابلي ڪرڻ جي نئين پاليسيءَ جي به سخت مخالفت ڪئي. هو ڪومنٽانگ اڳيان صفا جهڪي پوڻ يا ان جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري ماٺ ڪري ويهي رهڻ جي به خلاف هو ته بنا تياريءَ ۽ بنا موقعي جي ابهرائي ڪري دشمن سان وڙهڻ جي به خلاف هو. سندس راءِ هئي ته هڪدم بغاوتون نه ڪجن. في الحال پنهنجي طاقت گڏ ڪجي پوءِ ڏِگهي ساهي ڪري موقعي آهر لڙندو ۽ موقعي آهر پاڻ بچائيندو رهجي. جي ضرورت پوي ته باقائدي رٿيل نموني پوئتي به هٽجي. اهڙي ريت آهستي آهستي عوام دشمن کي نستو ۽ ڪمزور ڪندو وڃجي ۽ عوامي طاقت کي ڏاڪي به ڏاڪي زور وٺائيبو رهجي.

پر سندس ڳالهه ڪانه مڃي وئي ۽ ڪيس پارٽيءَ جا حڪم مڃڻا پيا. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ چار پنج سال چيني فوج، هارين، مزدورن، شاگردن، نوجوانن ۽ ٻي عوام ۾ جيڪو ڪم ڪيو ويو هو تنهنجي آڌار تي ڪيتريون ئي هٿياربند بغاوتون ڪرايون ويون جي سڀ ناڪام ٿيون. انهن مان نانچانگ جي فوجي بغاوت ۽ ربيع جي لاباري واري هاري بغاوت مشهور آهي.

نانچانگ جي بغاوت 1 آگسٽ 1927ع تي ڪرائي ويئي. ان جا اڳواڻ جرنل ييهه تنگ ۽ جنرل هولنگ هئا. سندن زيردست ڪماندر جنرل چُوتيهه، جنرل چن يي، *[چن يي پوءِ چين جو وزير خارجه ٿيو.]* جنرل لِن پيائو (جي ٿيئي پوءِ انقلابي فوج جا هاڪارا مارشل ٿيا) ۽ چو اين لائي هئا. اها بغاوت بري طرح ناڪام ٿي. ساڳئي وقت مائو کي حڪم ڏنا ويا ته هو هونان ۽ ڪيانگسي صوبن ۾ ربيع جي لاباري وقت هٿياربند بغاوت ڪرائي. اها بغاوت به ناڪام ٿي ۽ نومبر 1927ع ۾ مائو باقي بچيل اٽڪل هڪ هزار هٿياربند هاري ۽ ڪجهه مزدور وٺي هونان ۽ ڪيانگسي صوبن جي سرحد وٽ چنگ ڪانگ نالي جبل تي چڙهي ويو. *[ائي پاسي مهيني ڪانپوءِ نومبر 1927 ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي*

*ڪميٽيءَ جو جلسو ٿيو. جنهن ۾ چيو ويو ته چيني انقلابي جدوجهد ۾ قدرتي طرح دائمي چاڙهه آهي. اڳيئين سال انقلابي قوتن کي جيڪا شڪست آئي هئي اها شڪست ڪانه هئي پر عارضي لاهي چاڙهي هئي. ڪٿي به هڪ انچ پوئتي نه هٽجي. هر هنڌ اڳتي وڌجي. ٿورا ڳهٽن تي حملو ڪن مائو انهيءَ فيصلي جي خلاف هو. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تاريخ ۾ انهيءَ سياسي پاليسيءَ کي پهرين خام خياليءَ ۽ ابهرائيءَ واري سياسي لائين سڏبو آهي.]*

ڏسڻ ۾ مائو ۽ سندس مٺ جيترن هارين جي ننڍڙي فوج دشمن ڪان پڄجي اچي جبلن ۾ پناهه ورتي. پر هو رڳو پنهنجو ساهه بچائڻ لاءِ جبل ۾ ڪونه آيا هئا. هو ڪا ڳري ڳالهه سٽي لڪن ۾ اچي لڪا هئا.

★

# باب ڀيو

# چنگ ڪانگ جبلن ۾

★

ور لڪن جي لوڏ، گهوريا سڪ ڀنيور جا
امڙ! جي تون آچيين، سي ڪم نہ اچن ڪوڏ
هنيين منهنجي هوڏ، ٻڌي ٻاروچل سان (شاهہ)

چنگ ڪانگ جبلن جي قطار ڪيانگسي ۽ هونان صوبن جي وچ تي آهي. هنن ٻنهي صوبن اندر ڪومنتانگ ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽي جي ساٿ وارن ڏينهن ۾ هارين ۽ عوام ۾ تمام گهڻي سجاڳي ۽ هلچل پيدا ٿي هئي ۽ هر هنڌ هارين جا مڪاني بچاءَ جا دستا ۽ سرخ پهريدارن جا دستا قائم ٿيا هئا. ڪومنتانگ جي دغا واري حملي ڪانپوءِ انقلابي عوام ۽ ڪارڪنن جو وڏي پيماني تي قتل عام ٿيو هو. ان ۾ هاري، سياسي تنظيمون ۽ بچاءَ جا دستا گهڻي ڀاڱي ناس ٿي ويا هئا. فقط ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هنڌن تي ڪي ٿورا دستا بچيا هئا. پر تنهن هوندي بہ عوام هڪ ڀيرو انقلابي هلچل هلائڻ ۽ طاقت جي استعمال ڪرڻ جو آزمودو پرائي چڪو هو. تنهن ڪري منجهن اندر ئي اندر آزاديءَ ۽ انقلاب جو جذبو موجود هو.

مائوزي تنگ پنهنجو هيڊ ڪوارٽر جبلن جي قطار جي وچ تي پهاڙي شهر ننگ ڪانگ ۾ قائم ڪيو. ان ڪي بچاءَ جي لاءِ ڪافي مضبوط ڪيو ويو. سيني لَڪن تي پهرا بيهاريائون. هونان جي صوبائي ڪميٽيءَ طرفان انهيءَ انقلابي اڏي جي سياسي ۽ فوجي اڳواڻيءَ لاءِ هڪ محاذ ڪميٽي قائم ڪئي ويئي هئي. جنهن جو سيڪريٽري مائوزي تنگ ٿيو. انهيءَ ڪاميٽيءَ انقلابي اڏي ۾ هارين مزدورن جي حڪومت قائم ڪئي ۽ زميندارن کان زمينون کسي هارين ۾ ورهايون. سمورن سرڪاري عملدارن ۽ آفيسرن جا عهدا ختم ڪري سندن پاور ۽ اختياريون هارين ۽ مزدورن جي انقلابي ڪميٽين جي حوالي ڪيون ويون. فوج

جي مدد سان هرهنڌ مڪاني بچاءَ جا دستا ۽ سرخ پهريدارن جا دستا قائم ڪيا ويا. هر ضلعي هر تعلقي ۾ هر فوجي دستي جي رهبريءَ لاءِ پارٽي ڪميٽيون مقرر ڪيون ويون. هارين کان فصل جي ستين پتيءَ جيتري ڍل ورتي ويئي. عوام کي جوش خروش سان انقلابي سياسي تعليم ڏني ويئي ۽ سندن حوصلا وڌايا ويا. اهڙي طرح اهو اڏو آهستي آهستي ڦهلجڻ لڳو. انقلابي اڏي جو وڌندڙ اثر ڏسي هونان ۽ ڪيانگسي صوبن جي جنگي سردارن انقلابي اڏي واري علائقي جي مڪمل ناڪي بندي ڪري ڇڏي. ٻيو ته نهيو پر ڪپڙي، لوڻ ۽ دوائن جي آمدنيءَ تي به بندش وڌي ويئي.

انهن سببن ڪري انقلابي اڏي اندر عوام کي سخت ڏک ڏسڻا پيا. انقلابي فوج کي برف سان ڍڪيل جبلن تي به سيءَ کان بچاءَ لاءِ پورو ڪپڙو ڪونه هوندو هو ۽ نه پورو کاڌو. زخمي ۽ بيمار سپاهين جي دوا درمل لاءِ ڊاڪٽر ڪونه هئا. رڳو ڦٽن جي ڳاڙهي دوا (ٽنڪچر آيوڊين) پوري ڪانه ٿي ملي.

مرڪزي ڪميٽيءَ طرفان فيصلو ڪيو ويو هو ته جتي جتي به انقلابي اڏا قائم ٿين، اتي وڏن توڙي ننڍن سمورن زميندارن جون زمينون ضبط ڪري هارين ۾ ورهايون وڃن. ان پاليسي جو نتيجو اهو ٿيو جو ننڍو آبادگار طبقو به انقلاب جو مخالف ۽ وڏن زميندارن جو طرفدار ٿي پيو. ٻئي طرف غريب هارين کي وڏن زميندارن جو ڍپ صفا ڪونه لٿو هو باقي جو ننڍن زميندارن، آبادگارن ۽ واپارين بـرغلاين سـو اهـي بـه بـڏتر ۾ هونـدا هئـا. انهـيءَ علائقـي جـون مکيـه پيدائشون هيون. عمارتي ڪاٺ، چانهه ۽ تيل. ناڪي بنديءَ ۽ واپارين جي مخالفت سبب انهن شين جي ٻاهر روانگي ۽ وڪرو بند ٿي ويو ۽ ماڻهن جي گذر تي لت اچي ويئي جيڪا ڪٿر رهيل هئي سا پارٽيءَ جي نت نون ابهرن حڪمن پوري ڪئي.

مائو نه رڳو مرڪزي سياسي هاءِ ڪمان يعني چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو زيردست هو پر ساڳئي وقت هونان ۽ ڪيانگسي صوبن جي صوبائي سياسي ڪمانن جي به هٿ هيٺ هو.

مارچ 1928ع ۾ هونان جي صوبائي ڪميٽيءَ جو نمائندو مائو جي هيڊ ڪوارٽر ۾ آيو. ان هونان ڪميٽيءَ طرفان مائو تي سخت چوهه چنڊيا ته توهان آبادگارن سان نرمي ڪئي آهي. هن حڪم ڏنو ته سيني سڪين ماڻهن جا گهر ساڙيا وڃن. جنهن وٽ به ڪا ملڪيت هجي ان کان ڪسي ان کي مزدورن جهڙو

ڪنگال بنايو وڃي تہ جيئن سڀ مجبور ٿي ملڪيت جو آسرو لاهي غريب مزدورن وانگر انقلابي ٿي پون ۽ انقلاب جو ساٿ ڏين. ڪميٽيءَ جي حڪم موجب مائو کي محاذ ڪميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ جي عهدي تان لاهي ڪيس حڪم ڏنائين تہ جابلو هيڊ ڪوارٽر ۾ ٿورا مکاني سرخ پهريدار ڇڏي پنهنجي فوج وٺي ڏکڻ هونان تي وڃي حملو ڪر. مائو لاچار حڪم مڃي فوج وٺي اوڏانهين ويو. حملو ناڪام ٿيو. پنيان دشمن انقلابي اڏي تي حملو ڪري ان تي قبضو ڪري ورتو. وچولي طبقي جا ماڻهو ۽ آبادگار جن سان سختيون ٿيون هيون سي موقعي جي تاڙ ۾ وينا هئا ۽ وجهہ ملڻ تي انقلابي هارين ۽ ڪارڪنن تي چڙهي ويا. خود ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ڪيترا موقعي پرست ميمبر، دشمن جو پاسو زور ڏسي ساڻن ملي ويا ۽ انهن جا چغل ۽ جاسوس ٿي پنهنجن ساٿين کي پڪڙائڻ لڳا. مائو جي فوج ڏکڻ هونان مان شڪست کائي پوئتي موٽي. واٽ ۾ ساڻس جنرل چُوتيه، جنرل چن يي ۽ جنرل لِن پيائو جي نانچانگ وٽان شڪست کاڌل فوج اچي ملي ۽ بنهي فوجن گڏجي چنگ ڪانگ جبلن واري انقلابي اڏي کي آزاد ڪرايو. دشمن ان هوندي بہ چار مهينا لڳاتار پنجوٽي فوج سان حملا ڪندو رهيو پر حملن کي ناڪام بنايو ويو ۽ پاڻ وڏيڪ ايراضين کي آزاد ڪرايو ويو. اجان دشمن جي فوج کي پوئتي هٽايوئي مس ويو تہ جولائي ۾ وري بہ صوبائي ڪميٽيءَ جي نمائندي اچي نڪاءُ ڪيو ۽ حڪم ڏنائين تہ انقلابي اڏي جو هيڊ ڪوارٽر هتان ڪڍائي فلاڻي هنڌ قائم ڪريو. هفتي ڪانپوءِ وري ٻئي نمائندي اچي حڪم ڏنو تہ پنهنجون فوجون وٺي هڪدم وري وڃي ڏکڻ هونان تي حملو ڪريو. ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ وري پهريون نمائندو موٽي آيو. تنهن حڪم ڏنو تہ ڏکڻ هونان تي نہ پر اوپر هونان تي حملو ڪريو. جيڪڏهن ڪابہ دير ڪئي ويئي تہ ان کي بزدلي ۽ نافرماني سمجهيو ويندو.

مائو حڪم جي تعميل ڪئي ۽ فوج جو وڏو حصو چٽ ٿي ويو. پويان دشمن چنگ ڪانگ جبلن جي مورچي کي خالي ڏسي ان تي قبضو ڪري ورتو.

## چريائيءَ جهڙن حڪمن جو ڪارڻ

مرڪزي ۽ صوبائي ڪميٽين جا اهي چريائيءَ جهڙا حڪم هڪڙي باقاعدي سوچ ۽ پاليسيءَ جو نتيجو هئا. ڪميونسٽ پارٽي سماج ۾ انقلاب آڻڻ جي فلسفي ۽ سائنس کي مڃيندڙ هئي. انهيءَ انقلابي فلسفي ۽ سائنس جا باني

جرمني جا مشهور معروف انقلابي دانا ۽ اڪابر ڪارل مارڪس ۽ اينجلس ٿي گذريا آهن. لينن ان فلسفي ۽ سائنس جي رهبريءَ هيٺ دنيا جو پهريون سماجي انقلاب آندو ۽ روسي زميندارن ۽ سرمائيدارن جي حڪومت ختم ڪري هارين ۽ مزدورن جي حڪومت قائم ڪئي.

اهو انقلاب اول وڏن شهرن ۾ آيو. ان ۾ مکيه پارٽ مزدورن ادا ڪيو. اهو انقلاب هڪڙو دفعو شروع ٿيو تنهن ڪانپوءِ ان ۾ گهڻي اينگهه ڪانه ٿي ۽ اهو ٿوري عرصي ۾ سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويو.

چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ان وقت جي ليڊرن سمجهو ته انقلاب جهڙي نموني روس ۾ ڪامياب ٿيو چين ۾ به اهڙي نموني ڪامياب ٿيندو. تنهنڪري سندن اکيون وڏن شهرن ۽ اتي جي مزدورن ۾ کتل هيون. اهوئي سبب هو جو هر دفعي مائو کي حڪم ٿي ڏنائون ته جبل ڇڏي وڃي فلاڻي شهر تي حملو ڪر. سندن خيال هو ته انقلاب هڪڙي وڏي شهر ۾ ڪامياب ٿي ويو ته پوءِ ٻين سيني شهرن جا مزدور ۽ غريب عوام اها ڳالهه ٻڌي هڪدم اٿي کڙا ٿيندا. تنهنڪري هنن ٻهراڙين ۾ اڏا ناهڻ جي ڪم کي اهميت نٿي ڏني . سمجهيائون ٿي ته اهي اڏا دشمن جي زبردست فوجي طاقت جو ڌڪ جهلي نه سگهندا. جيڪڏهن روس وانگر چين ۾ به هڪ زوردار انقلابي ڌڪ سان سڄي ملڪ تي انقلابي قبضو ٿيو ته ٿي ويندو نه ته جي دشمن کي رڳو ساهه پٽڻ جو به موقعو مليو ته انقلابين جا لاهه ڪڍي ڇڏيندا.

ان وقت جي چيني ڪميونسٽ ليڊرن کي هارين ۽ سندن انقلابي فوج جي انقلابي جذبي ۽ لياقتن تي ڪوبه ڀروسو ڪونه هو.ڪين مورڳوئي ڊپ هو ته جي انقلابي تحريڪ ۾ هارين مزدورن کان وڌيڪ حصو ورتو ته اهي پنهنجي تنگ ۽ پوئتي پيل پراڻن خيالن سبب انقلاب کي اڳتي وڌڻ نه ڏيندا ۽ سڄي ڪمائي ڪُٽ ٿي ويندي. *[چيني انقلاب کان اڳ انقلابي تحريڪون رڳو يورپي ملڪن ۾ هليون هيون. انهن تحريڪن ۾ يورپي هارين گهڻو ڪري انقلابي مزدورن جي بغاوتن جي مخالفت ڪئي هئي. هنن وچولي طبقي ۽ سرمائيدارن سان گڏجي انقلابي بغاوتن کي ڪچليو هو. روس واري انقلاب ۾ به روسي هارين وڏي چڪ چڪان ۽ ريڙهه پيڙهه کانپوءِ انقلابي مزدورن سان اڏوگابرو ساٿ ڏنو هو.]*

چين جا اهي ليڊر تمام وڏا بهادر ماڻهو هئا. وڏا قرباني جا پتلا هئا. عوام تان سر گهورڻ وارا سرويچ هئا. هو انقلابي استادن مارڪس اينجلس ۽ لينن جي

انقلابي تعليم بہ گهٽي پڙهيا هئا، پر هو ڪڙهيا ڪين هئا. هو ان انقلاب جو اصل انقلابي روح ۽ جوهر پروڙي نہ سگهيا هئا. هنن اها ڳالهہ چڱي ريت نہ سمجهي هئي تہ انقلابي استادن مارڪس اينجلس ۽ لينن جي انقلابي تعليم ڪو انڌو عقيدو ڪونهي جنهن جي انڌي پوڄا ڪجي. ڪو مذهبي ڪتاب ڪونهي جنهن کي هميشہ لاءِ زير زبر سوڌو صحيح سمجهڻ فرض هجي. اها انقلابي تعليم انقلابي عمل لاءِ رهبري آهي. *[درحقيقت مارڪس ۽ اينجلس پنهنجي حياتيءَ ۾ بار بار اها ڳالهہ کولي سمجهائيندا رهيا تہ اسان جي تعليم ڪو مذهبي ڪتاب ناهي، جنهن کي سدائين ۽ هر حالت ۾ صحيح سمجهڻو پوي. جڏهن جڏهن سندن رٿائون ۽ انداز صحيح ثابت نہ ٿي ٿيا. تڏهن هنن پاڻ ئي پنهنجن غلطين جي اپٽار ڪئي ٿي ۽ انهن ۾ درستيون ڪيائون ٿي.]*

چين کي ان وقت لينن جهڙي اعليٰ ۽ چيد دماغ ۽ ڏگهي نظر واري انقلابي استاد جي ضرورت هئي *[مارڪس اينجلس جي انقلابي تعليم جي هٿيار کي صحيح ۽ سائنسي نموني ڪيئن ڪتب آڻجي سا ڳالهہ سڀ کان وڌيڪ اثرائتي نموني لينن پنهنجي قول ۽ فعل سان سيکاري ويو. هو مارڪس ۽ اينجلس جي تعليم جو سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان پختي پروسي وارو مڃيندڙ هو. هن انهيءَ انقلابي تعليم کي انقلابي نموني پروڙيو ۽ ڪتب آندو. هن چيو آهي "اسين مارڪس جي انقلابي تعليم کي اهڙي مڪمل نٿا سمجهون جنهن ۾ ڪابہ ردبدل نہ ٿيڻي هجي. اسان جو عقيدو ان جي بلڪل ابتڙ آهي. اسانجو ويساهہ آهي تہ مارڪس انقلاب جي سائنس جي پيڙهہ جو پٿر رکيو آهي. انقلابين جو فرض آهي تہ ان سائنس کي هر طرف وڌائين، جي ائين نہ ڪندا ۽ رڳو جيڪي مارڪس سيکاريو آهي تنهن تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهندا تہ پوءِ هو زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي ويندا . . . مارڪس جي نظريي ۾ فقط 'عام، رهبري ڪندڙ اصول' ڏنل آهن جي هر ملڪ جي خاص حالتن ۾ ڌار ڌار خاص طبقن سان ڪتب آيندا." (ڏسو اردو ۾ لينن جون چونڊ لکڻيون ـ ڪتاب پهريون صفحو 43)]* جو لينن وانگر مارڪس ۽ اينجلس ۽ لينن جي انقلابي تعليم جي بنيادي، دائمي ۽ سچي دنيا سان لاڳو سچاين تي مضبوطيءَ سان رهي ۽ ساڳيئي وقت سندن وقتي رٿائن، تجويزن ۽ اندازن کي چين جي خاص حالتن ۽ گهرجن مطابق بدلائي گهڙي ۽ سنواري. انهن رٿائن ۽ تجويزن ۾ جيڪي ڳالهيون مدي خارج ٿي چڪيون هجن تن کي نظرانداز ڪري. جن ڳالهين جي کوٽ هجي تن جي پورت ڪري. جن ۾

ڦير گھير جي ضرورت هجي تن ۾ ڦير گھير آڻي. انقلابي تعليم جي جوهر ۽ روح کي قائم رکي. پر ان جي يورپي لباس ۽ روپ کي چيني لباس ۽ روپ ۾ بدلائي. يورپ ۽ چين ۾ جيڪو بنيادي فرق آهي ان کي سمجهي. مطلب ته انقلاب جي سائنس کي جدلي ۽ سائنسي طريقي سان ڪتب آڻي. *[سمجهڻ ۽ سوچڻ جو جدلي طريقو فطرت جي سائنس جي اصولن تي ٻڌل آهي. انهيءَ منجهان ٽي مکيه اصول هي آهن:*

*(1) هر شئي، حقيقت، صورتحال وغيره ظاهري طرح يڪي ۽ سڄي ساري آهي پر اها حقيقت ۾ ابتڙن جو ميلاپ آهي ۽ ان ۾ هر وقت اندروني قوتن ۽ مقابلو هلندو رهندو آهي.*

*(2) ڪابه شئي، حقيقت، صورتحال، لقاءُ، خيال، ڳالهه دائمي، ازلي ابدي ناهي، اٽل هڪ هنڌ بيٺل، هميشه ساڳي حالت ۾ ناهي. سڀڪجهه دائمي ۽ ابدي حرڪت ۽ چرپر ۾ آهي. سڀڪجهه پيدا ٿئي ٿو، اسري ٿو ۽ فنا ٿيو وڃي ۽ فقط دائمي حرڪت ۽ چرپر کي بقا آهي.*

*(3) ڪا ڳالهه صورت يا حقيقت جيڪڏهن بار بار دهرائجندي رهي ته پوءِ نيٺ دهرائجندي دهرائجندي اها هڪڙي اهڙي حد تي پهچندي جڏهن سندس خاصيت پاڻمرادو بدلجي ويندي.]*

# دنيا جي نرالي فوج

مائو جيڪا هارين ۽ مزدورن جي فوج تيار ڪئي هئي سا هڪ عجيب غريب فوج هئي. اهڙي فوج جو مثال انهيءَ کان اڳ دنيا جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ۽ ڪٿي به ڪونه ٿو ملي.

هي جي آيا هير، سي مون اڳ نه ڏٺا ڪڏهن!

هن فوج ۾ جمهوري ڊسيپلن جو اصول رائج هو. ٻين فوجن وانگر هن فوج ۾ آفيسر سپاهين کي مارڪٽ نه ڪندا هئا. آفيسرن ۽ سپاهين سان ساڳي هلت ڪئي ويندي هئي. سپاهين کي ميٽنگون ڪرڻ ۽ پنهنجي دل جي ڳالهه آزادي سان چوڻ جي اجازت هوندي هئي. فوج تي ٿيندڙ خرچ جو حساب ڪتاب ڪليل رکيو ويندو هو. جنهن کي هرڪو سپاهي جڏهن وڻيس تي تڏهن ڏسي چيڪ ڪري سگهندو هو. ماني ٽِڪي جي خرچ پکي هلائڻ جو ڪم سپاهين جي حوالي

هوندو هو. فوج جي هر ڪمپني ۾ پارٽي جي شاخ قائم ڪئي ويندي هئي. هرهڪ ڪمپني جي ڏار ڏار دستن ۾ به پارٽي گروپ قائم ڪيا ويندا هئا. جنهن جي ڪري ريجمينٽن ۽ بٽالين کان وٺي ويندي ڪمپني ۽ دستن تائين سموري فوج انقلابي سمجهه ۽ جذبي سان ٽمٽار هوندي هئي ۽ ٻي جڳريءَ سان وڙهندي هئي. دنيا ۾ ان کان اڳ جيڪي به فوجون ٿي گذريون آهن تن جي حوالي فقط هڪڙوئي اهو ڪم هوندو هو ته دشمن سان وڙهن. پر هن فوج جي حوالي به ٻيا اهم ڪم هئا. اها فوج عوام ۾ انقلابي تبليغ ڪري عوام کي سجاڳ منظم ۽ هٿياربند ڪندي هئي. هرهنڌ پارٽيءَ جون شاخون قائم ڪندي هئي. زرعي انقلاب جي تحريڪ جي اڳواٽي ڪندي هئي ۽ هارين ۾ زمينون ورهائيندي هئي. هارين، مزدورن ۽ غريب عوام جون انقلابي ڪميٽيون قائم ڪري ڪين سياسي اقتدار پنهنجي هٿ ۾ ڪرڻ لاءِ تيار ڪندي هئي. ٻي طرف اها پنهنجي توڙي عوام جي گذران جو بندوبست به ڪندي هئي. پوکون ڪندي هئي. ڪارخانا قائم ڪري هلائيندي هئي. واپار وغيره جو ڪم سنڀاليندي هئي. واهه کوٽيندي هئي. پلون ٺاهيندي هئي.

# لڙائي جا عجيب طريقا

انهيءَ فوج جي وڙهڻ جا طريقا عجيب غريب ۽ نرالا هوندا هئا. انهن کي ٿورن لفظن ۾ مائو هن ريت بيان ڪيو آهي: ”عوام کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ فوج کي ورهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪريو. دشمن سان وڙهڻ لاءِ ان کي ميڙي هڪڙي هنڌ جمع ڪريو. جڏهن دشمن اڳتي وڌي ٿو تڏهن اسين پوئتي هٽون ٿا. جڏهن دشمن ڪنهن جاءِ تي ٿاڪ ڪري ٿو تڏهن اسين ڪيس تنگ ڪريون ٿا. جڏهن دشمن ٿڪي پوي ٿو تڏهن اسين مٿس حملو ڪريون ٿا. جڏهن دشمن پوئتي هٽي ٿو تڏهن اسين سندس پيڇو ڪريون ٿا. مضبوط انقلابي اڏا قائم ڪريو. ابهرا ٿي يڪي سَٽ ڏيئي اڳتي نه وڌو. سمنڊ جي پاٽيءَ وانگر لهرن پٺيان لهرون بنجي اڳتي وڌو. جڏهن طاقت وارو دشمن حملو ڪري تڏهن چوڌاري گوهين ڏيڻ واري پاليسي تي هلو. مڇي مارينڌڙ مهاٽي واري چال اختيار ڪريو. جڏهن ضرورت پوي ته جار کي ڦهلائي ڇڏيو ۽ جڏهن ضرورت پوي ته اُن کي ڇڪي سوڙهو ڪريو. عوام کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ فوج جي جار کي ڦهلائي اڇلايو ۽ دشمن سان وڙهڻ لاءِ ان کي سوڙهو ڇڪيو.“ اهي جنگي چالون روءِ زمين جي جنگي تاريخ ۾ بلڪل نيون ۽ نراليون هيون. انهيءَ فوج جي هلت جا هي اصول هئا: عوام

کان هڪڙو سڳو يا سُئي به نه ونو. جيڪا شئي اڌاري ونو سا موٽائي ڏيو. جيڪا به خريد ڪريو، تنهنجو پورو ملهه ڏيو. سيني سان فضيلت سان ڳالهايو. جنهن به شئي کي نقصان رسايو، تنهنجو عيوضو پري ڏيو. ڪنهن به زال ذات سان ڪئونس نه ڪريو. ڪنهن کي به گهٽ وڌ نه ڳالهايو. فصلن کي نقصان نه رسايو. لڙائي ۾ دشمن جو جيڪو به سامان هٿ اچي سو سڀئي سڀ سوڌو هيڊ ڪوارٽر ۾ جمع ڪرايو. جنهن به ڳوٺ يا گهر ۾ رهو انهن کي سندن ڪم ڪار ۾ مدد ڪريو.

# دشمن سان سلوڪ

ڪومنتانگ وارا انقلابي فوج جي قيدي سپاهين سان جانورن جهڙيون عقوبتون ڪندا هئا ۽ گهٽن کي ايذاءَ ڏيئي ماري ڇڏيندا هئا. مائو جي هاري مزدور انقلابي فوج دشمن جي سپاهين سان پائرن وارو سلوڪ ڪندي هئي. جيڪي زخمي يا بيمار هوندا هئا، تنجو هڪدم علاج ڪندا هئا. سيني قيدين ۾ هڪدم انقلابي تبليغ شروع ڪندا هئا. کين سمجهائيندا هئا ته زميندار، سرمائيدار ۽ ڏارين سرمائيدارن جا دلال ڪيئن غريبن سان ظلم ڪن ٿا ۽ غريبن هٿان غريبن کي مارائين ٿا. اهي ڳالهيون چڱيءَ طرح سندن دماغ ۾ ويهاري پوءِ کين چوندا هئا ته جنهن جي مرضي هجي سو رهي پوي ۽ جيڪو گهر وڃڻ چاهي سو پلي گهر هليو وڃي! جيڪي گهر وڃڻ جي مرضي ڏيکاريندا هئا تن جي لاءِ موڪلاڻيءَ جون مهمانيون ڪندا هئا. انهن مهمانين کي "نون پائرن سان موڪلاڻيءَ جي مهماني" ڪري چوندا هئا. ان مجلس ۾ تقريرون ٿينديون هيون. موٽي گهر ويندڙ قيدي انهيءَ خاطري ۽ عزت لاءِ انقلابي سپاهين جو سچيءَ دل سان ٿورو مڃيندا هئا ۽ دل جان سان انجام ڪندا هئا ته، وري ڪڏهن به پنهنجي غريب پائرن خلاف هٿيار نه کڻنداسين ۽ ڪڏهن به ظالم زميندارن ۽ سرمائيدارن جا شڪاري ڪتا نه ٿينداسين. موڪلاڻيءَ مهل گهر ويندڙ هر قيديءَ کي پاڙو پتو ڏنو ويندو هو. انقلابي فوج جو حيرت جهڙو سلوڪ ۽ ماحول ڏسي گهڻا قيدي اتي رهي پوندا هئا ۽ انقلابي فوج ۾ شامل ٿي ويندا هئا. تان جو اصلي سپاهين کان نوان پرتي ٿيل دشمن جا قيدي سپاهي ٽيڻا چئوڻا ٿي ويا! هو اڳي جي پيٽ ۾ وڏي جرئت ۽ بهادريءَ سان آخر دم تائين وڙهندا هئا.

جولاءِ 1928ع ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڇهين قومي ڪانگريس ٿي. جنهن ۾ ابهرائي ۾ خام خيال واري نام نهاد ڪٽر انقلابي پاليسين کي درست ڪيو ويو. پر هڪ طرف هارين ۽ مزدورن ۽ ٻئي طرف وڏن زميندارن سرمائيدارن ۽ ڏارين سرمائيدارن جي دلالن جي وچ ۾ جيڪي وچ ٿرا طبقا هئا تن جي اهميت کي ڪونه سمجهيو ويو. عوام دشمن جي ڪئمپ ۾ جيڪا اندروني ڦوٽ هئي، ان مان فائدو وٺڻ جي اهميت به ڪانه سمجهي ويئي. *[مائو جو وچ ٿرن طبقن بابت نظريو اهو هو ته اهي طبقا ان وقت جيتوڻيڪ وڏن زميندارن، شاهوڪارن ۽ ڏارين سرمائيدارن جي دلالن جي برغلائڻ تي انهن سان شامل هئا ۽ انقلابي تحريڪ جا مخالف هئا پر ساڳئي وقت سندن ڪيترائي مفاد انقلابي عوام سان گهڻي ڀاڱي گڏ هئا. تنهنڪري انهن کي انقلاب دشمنن کان ڇني ڌار ڪرڻ ۽ عوام جي پاسي ڪرڻ يا گهٽ ۾ گهٽ ڪين ٻي طرفدار بنائڻ جي ڪافي گنجائش هئي. انهيءَ جو شرط اهو هو ته اهڙيون مناسب سياسي ۽ اقتصادي پاليسيون اختيار ڪيون وڃن، جن سان انهن جي گذر تي ڳري لت نه اچي. تنهن ڪان سواءِ خود انقلاب جي ڪٽر دشمن يعني وڏن زميندارن، سرمائيدارن، ڏارين سرمايه دارن ۽ سندن دلالن جي ٽولي ۾ ٻٽي به هئي ته نفاق ۽ ڦوٽ به هئي. صحيح پاليسين اختيار ڪرڻ سان اُن ڦوٽ کي وڌيڪ اونهو ۽ وڌيڪ ويڪرو ڪرڻ جو قوي امڪان پيدا ٿيندو.]* تنهنڪري ان ڦوٽ کي وڌائڻ ۽ دشمن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ پاليسيون تيار نه ڪيون ويون. ٻهراڙين ۾ اڏا قائم ڪرڻ جي اهميت به نه سمجهي ويئي، اها ڳالهه به چڱيءَ طرح نه سمجهي ويئي ته انقلاب فقط تڏهن ڪامياب ٿيندو جڏهن ان لاءِ تمام لنبي ۽ ڪٺن جدوجهد ڪبي جنهن ۾ تمام گهڻا ور وڪڙ ۽ گهٽيون لاهيون چاڙهيون هونديون.

5 آڪٽوبر 1928ع تي انقلابي اڏي جي ٻي پارٽي ڪانگريس ڪوٺائي ويئي. ان ڪانگريس کي رپورٽ ڏيندي مائو انهيءَ سوال جو جواب سمجهايو ته سڄي چين جي سرمائيدارن ۽ وڏن زميندارن جو سڄي ملڪ جي حڪومت تي قبضو آهي. ان هوندي به چين جي ڌار ڌار علائقن ۾ عوامي حڪومت جا انقلابي اڏا ڇا جي ڪري قائم رهي سگهن ٿا ۽ ڦهلجي سگهن ٿا؟ ٻه شينهن هڪڙي ٻيلي ۾ ڪيئن رهي سگهن ٿا. ٻئي مهيني هن مرڪزي ڪميٽي کي چنگ ڪانگ جبلن جي اڏي ۾ هلايل جدوجهد جي سربستي رپورٽ ڏياري موڪلي. ان رپورٽ ۾ هن ابهرائي وارين غلط پاليسين تي نهايت فضيلت ۽ ڌيرج وارن لفظن ۾ گهري ۽

اصولي نڪتہ چيني ڪئي ۽ تجويز ڏنائين تہ مرڪزي ڪميٽي فوجي معاملن تي وڌيڪ ڌيان ڏي ۽ وچ ترن طبقن کي دشمن جي چنبي کان ڇني پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ يا گهٽ ۾ گهٽ کين بي طرفدار بنائڻ لاءِ صحيح پاليسيون بہ گهڙي تيار ڪري.

## چانگ ڪانگ جي اڏي کان موڪلاڻي

14 جنوري 1929ع تي مائو مرڪزي ڪميٽي جي هدايت موجب چنگ ڪانگ جبلن جي انقلابي اڏي جي چارج "جنرل پينگ تيھ هئائي" *[جنرل پينگ تيھ هئائي پوءِ چيني آزادي جي فوج جو مارشل ٿيو. هن ڪوريا واري جنگ ۾ چيني رضاڪار فوج جي ڪمان ڪئي.]* جي فوج جي حوالي ڪري پنهنجي فوج وٺي ڪيانگسي صوبي جي ڏکڻ طرف روانو ٿيو ۽ اتي اچي نئون انقلابي اڏو قائم ڪيائين. واٽ تي کين دشمن جي فوج وڪوڙي ويئي. پر هو دشمن جي گهيري کي ٽوڙي اچي منزل تي رسيا. انهيءَ وچ ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪز تي وري بہ ابهرائي ۽ خام خيالي وارين پاليسين جو ٻيهر قبضو ٿي ويو ۽ 28 جولاءِ 1929ع تي پارٽي هائي ڪمان مائو ۽ جنرل پينگ تيھ هئائي جي فوجن کي حڪم ڏنو تہ صوبي هونان جي گاديءَ جي شهر چانگشا تي قبضو ڪيو وڃي.

حملو اول تہ ڪامياب ٿيو ۽ چانگ شا ڏهہ ڏينهن انقلابي فوجن جي قبضي ۾ هو پر دشمن جوابي حملو ڪري شهر جو قبضو ٻيهر ڪسي ورتو. انقلابي فوجن کي وري حڪم مليو تہ چانگشا تي وري قبضو ڪيو وڃي. 13 ڏينهن شهر جو گهيرو جاري رهيو پر ان مان ڪوبہ ڪڙ تيل نہ نڪتو. تنهنڪري مائو ۽ جنرل پينگ تيھ هئائي پنهنجن پنهنجن اڏن ڏانهن موٽي ويا. انهيءَ حملي جي وير وٺڻ لاءِ ڪومنتانگ جي فوج چانگشا ۾ وڏي پيماني تي قتل عام ڪيو. مائو جو گهر بہ چانگشا ۾ هوندو هو. سندس زال ۽ پيٽون پائر اتي رهندا هئا. انهن کي گرفتار ڪري سخت عذاب ڏنا ويا. مائو جي ننڍي ڀيڻ ۽ زال کي ڦاسي تي چاڙهيو ويو. *[پنهنجي انهيءَ محبوب زال جي ياد ۾ مائو 28 سال پوءِ 1957 ۾ نهايت درد انگيز نظم چئي. ان ۾ چيو اٿس تہ ان جو پاڪ روح ڪوهن تانگ جي خونخوار بگهاڙن جي شڪست تي خون جا لڙڪ پيو هاري.]*

ڊسمبر 29 تي مائو پنهنجي فوج جي ڪميونسٽ ڪارڪنن جي ڪانفرنس کي خطاب ڪيو. *[مائو ان تقرير ۾ انقلابي فوج جي سپاهين کي چيو ته توهان هيٺين غلط خيالن ۽ روَشن کان پاسو ڪريو:*

*پنهنجي ڪاميابين تي آڪڙ ڪرڻ، ٽولا ۽ فرقا ناهڻ، فقط پاڻ سان سٽو واسطو رکندڙ ڪمن جو ڌيان رکڻ ۽ سموري چيني عوام جي گڏيل جدوجهد جي بين مورچن جو ڌيان نه رکڻ، ننڍن ۽ خسيس ڪمن کان بيزار هجڻ ۽ فقط وڏا ۽ شاندار ڪم ڪرڻ جو خواهشمند ٿيڻ، انقلابي جوش ۾ اچي ڊسپلن ٽوڙڻ، فقط فوجي طاقت تي ناز ڪرڻ ۽ عوام جي طاقت تي ڀروسو نه ڪرڻ، انقلابي فوج ۽ عوام دشمن فوج جي وچ ۾ بنيادي فرق کي نه سمجهڻ، هر ڳالهه ۾ حد کان وڌيڪ هڪجهڙائيءَ ۽ برابري جي گهر ڪرڻ، پاڻ وهيٽو ۽ آپي خان ٿيڻ، ذاتي وير وٺڻ، مزا ۽ لنڌون ڳولڻ، پگهار تي ڪم ڪندڙ نوڪرن وانگر مڙيئي گهلجندو رهڻ، رولاڪ ڌاڙيلن واري ذهنيت ڌارڻ، اکيون ٻوٽي حملا ڪرڻ، شڪست وقت ڊسپلن جي خلاف ورزي ڪرڻ، خارن وچان گهر ساڙڻ، فوج مان ڀڄندڙن کي شوٽ ڪرڻ، انقلابي سپاهين کي جسماني سزائون ڏيڻ وغيره. هن انقلابي ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته عوام کي سجاڳ ڪجي ته هو انقلابي فوج تي تنقيد ڪن ۽ ڪين سندن عيب ٻڌائين.]* اُن خطاب ۾ هن چوٿين انقلابي فوج جي پارٽي تنظيم اندر غير پورهيت ۽ غير انقلابي خيالن جي اپٽار ڪئي ۽ انهن کي درست ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن فوج جي انقلابي ڪارڪنن کي چيو ته توهانکي خالص فوجي ٿيڻو ناهي. توهان جو ڪم رڳو لڙائي ڪرڻ ناهي. توهان ساڳئي وقت انقلابي سياسي ڪارڪن به آهيو. توهان اها هٿياربند جماعت آهيو جنهن کي انقلاب جا سياسي فرض ادا ڪرڻا آهن. فوج کي پاڻ وهيٽو هرگز نه ٿيڻ گهرجي. ان جو ضابطو مڪمل طرح انقلابي پورهيت عوام جي سياسي اڳواٽي جي هٿ هيٺ گهرجي. انقلابي فوج اندر جيڪي خاميون هيون تنهن جي دور ڪرڻ لاءِ هن هدايت ڪئي ته انقلابي فوجي سپاهين کي وڏي پيماني تي نظرياتي ۽ سياسي تعليم ڏيئي سندن معيار بلند ڪيو وڃي ۽ ڪين پنهنجي شاندار تاريخي فرضن کان چڱيءَ طرح واقف ڪيو وڃي.

مرڪزي سياسي هاءِ ڪمان جي حڪمن تي جيڪي اکيون پوري حملا ڪيا ويا تن جي ناڪاميءَ سبب انقلابي پارٽي ۽ انقلابي فوج اندر مايوسي ڦهلجڻ لڳي. خود مرڪزي ڪميٽيءَ جي هدايتن مان ائين نظر اچڻ لڳو ته اها به ڪنهن

حد تائين ناڪاميءَ جي احساس جو شڪار ٿي رهي آهي. انهيءَ احساس کي دور ڪرڻ لاءِ مائوزي تونگ 5 جنوري 1930ع تي پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ ڏانهن هڪ تفصيلي خط لکيو *[ان ۾ لکيائين ته پارٽيءَ ۾ ڪي ماڻهو سوچين ٿا ته ملڪ ۾ وري انقلاب جي ڪا اوچي لهر اچي تنهن ۾ اجا گهڻي دير آهي. تنهنڪري هيڏي ساري محنت ۽ قرباني ڪري انقلابي اڏا ناهڻ ۽ وڌائڻ مان ڪجهه به هٿ حاصل ڪونه ٿيندو. تنهنڪري سندن مرضي آهي ته انقلابي فوج انقلابي اڏن ناهڻ، مضبوط ڪرڻ ۽ وڌائڻ جي ڪم جي پچر ڇڏي، ننڍين ننڍين ٽولن ۾ ورهائجي، سڄي ملڪ جي ماڻهن کي سجاڳ ڪري ۽ پنهنجي پاسي ڪري پوءِ يڪي هڪڙي ڌڪ سان سڄي ملڪ انقلاب آڻي ۽ عوام جو انقلابي سياسي اقتدار قائم ڪري. هن چيو ته اهي خيال غلط آهن ۽ چين جي خاص حالتن سان ٺٺا نهڪن. عوام جي سياسي اقتدار وارا انقلابي اڏا جتي به ٿي سگهن اتي هينئر ئي قائم ڪجن، بچائجن ۽ وڌائجن. اهڙيءَ ريت شهرن کي ٻهراڙين جي گهيري ۾ آڻجي. دشمن کي نه هرويرو گهٽ ڄاڻجي ۽ نه وري اجايو ڪانئس ڊڄجي. انقلاب جي اوچي لهر ضرور اچڻي آهي. اڄ نه ته سڀاڻ، جلد نه ته دير سان پر ضرور ايندي.]* ان جو عنوان هو ”هڪڙي چڻنگ سڄي ٻيلي کي باهه لڳائي سگهي ٿي“. هن ان خط ۾ لکيو ته ”سڄي چين ۾ هرهنڌ ڇڻ ته ٻارڻ جون سڪل ڪاٺيون پکڙيون پيون آهن. هڪڙين مان ٻيون دکنديون ۽ جلدي سڄو ملڪ پنهنجي ٻرڻ لڳندو . . . . اسين انقلابي انسان ذات جي عظيم انقلابي استادن مارڪس ۽ لينن جا پوئلڳ، ڪي نجومي ڪونه آهيون جو چئون ته انقلاب فلاڻي تاريخ فلاڻي مهل ايندو. اسين فقط ايندڙ ڦيرين گهيرين جي عام رخ ۽ طرف ڏانهن اشارو ڪري سگهون ٿا ته ملڪ جو رخ فلاڻي طرف آهي ۽ اوڏانهن پيو وڃي . . . . پر تڏهن به اها خاطري آهي ته انقلاب اچي پيو. اها ڪو رڳو پاڻ کي خوش ڪرڻ جي ڳالهه ڪانهي. انقلاب ڄڻ سمنڊ ۾ پري ڪان ايندڙ جهاز آهي جنهن جا سڙهه ۽ وانئٽيون تڙ ڪان ڇٽا پيا ڏسجن. اهو ڄڻ چوٽي تان صاف پيا ڏسجن. اهو ڄڻ ماءُ جي پيٽ ۾ ڇڙيون هڻندڙ ٻار آهي جو ڄاڻ ته ڄائو!“

# اڀرائيءَ جو ٻيو دور

مئي 1930ع ڌاري چيني وڏن زميندارن ۽ شاهوڪارن ۽ ڌارين سرمائيدارن جي دلالن جي ٽولي ۾ ڦوٽ پيئي. انهيءَ ٽولي جي اڳواڻ جنرل چيانگ ڪائي

شيڪ جي پنهنجي ٻين فوجي سردارن سان ويڙهه شروع ٿي ويئي. انهيءَ جا ٻه نتيجا نڪتا. هڪڙو ته انقلابي فوج مائو جي اڳواٽي هيٺ دشمن جي ويڙهه جو فائدو وٺي انقلابي اڏن کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ۽ وڌايو. ٻيو ته لي لي سان جي انتها پرست ۽ ڪٽر ٽوليءَ کي ائين چوڻ جو موقعو مليو ته ”ڏسو اسان سچ ٿي چيو ته دشمن تمام ڪمزور آهي. ان جي ڪنهن به ساٿ ڏيڻ واري سان ڪابه نرمي ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي.“ هنن چيو ته ”عوام کي وڏا ڪارناما گهرجن. ننڍڙيون خسيس چڪريون نه گهرجن.“ تنهنڪري هنن سڄي چين جي شهرن ۾ روزمره جي جدوجهد جو ڪم بند ڪري اتي بغاوتون ڪرائڻ لاءِ شاگردن مزدورن هارين جون گڏيل ائڪشن ڪميٽيون ناهيون ۽ ساڳي وقت فوج کي پڻ وڏن شهرن تي حملو ڪرڻ جا حڪم ڏنا. پر اهي سڀ بغاوتون ۽ حملا ناڪام ٿيا ۽ شهرن ۾ جيڪو ٿورو گهڻو انقلابي ڪم رفتي رفتي ٿيو پئي اهو به بند ٿي ويو. ڪارڪنن ۽ فوج جو گهڻو نقصان ٿيو. سيپٽمبر 1930ع ۾ چهين مرڪزي ڪميٽي جو ٽيون مڪمل اجلاس ٿيو جنهن ۾ غلط پاليسي تي تنقيد ڪئي ويئي. *[چيني ڪميونسٽ پارٽي جي تاريخ ۾ انهيءَ پاليسي کي ٻي ابهري ۽ خام خيالي واري سياسي لائين يا لي لي سان واري سياسي لائين سڏيو ويندو آهي.]* خود لي لي سان قبول ڪيو ته منهنجون پاليسيون غلط هيون ۽ مرڪزي ليڊرشپ تان استعيفا ڏنائين. اڳين ابهريءَ پاليسيءَ کي درست ڪيو ويو. پر انهيءَ وچ ۾ ٻيو هڪڙو واقعو ٿيو جنهن ڪري مرڪزي هاءِ ڪمان تي وري به ابهرائي ۽ خام خياليءَ واريءَ پاليسي جو ٽيون دفعو غلبو ٿي ويو.

## ولايت پاس ڪيل انقلابي ٽولو

تن ڏينهين روس ۾ هڪڙي خاص يونيورسٽي قائم ڪئي ويئي هئي جنهن ۾ ايشيا جي انقلابي ڪارڪنن کي انقلابي نظريي ۽ ڪم جي ڍنگ جي باقاعدي تربيت ڏني ويندي هئي. ان جو نالو سن يات سن يونيورسٽي هو. ان ۾ ڪيترائي چيني شاگرد به پڙهائي لاءِ موڪليا ويا هئا. مئي 1930ع ۾ هنن چيني شاگردن مان 28 ڄڻن جو هڪڙو جٿو انقلابي تعليم جو ڪورس پاس ڪري واپس چين موٽيو. انهن مان مکيه به شاگرد ”وان مينگ“ ۽ ”پُوڪُو“ هئا. سندن عمر 24 سال هئي. ٻئي تمام ذهين ۽ هوشيار هئا ۽ چين جي وڏن شهرن ۽ سکين گهرن جا هئا. هنن اچڻ شرط پنهنجي نظرين جو پرچار شروع ڪيو ۽ پارٽيءَ جي مرڪز تي قبضو ڪرڻ

جون ڪوششون ڪرڻ لڳا. سندن خيال هو تہ چين ۾ جيڪا انقلابي جدوجهد هيستائين هلي هئي سا سڀ غلط لائين تي هلي هئي ۽ غير انقلابي هئي. هو مائوزي تونگ جي هاري انقلاب آڻڻ، ٻهراڙين ۾ اڏا ناهڻ، وچ ترن طبقن کي پنهنجي پاسي ڪرڻ، وڏن زميندارن، شاهوڪارن ۽ ڏارين سرمائيدارن جي دلالن جي ٽولي اندر قوت جو فائدو وٺڻ وارين پاليسين تي سخت تنقيد ڪرڻ لڳا ۽ چيائون تہ اهي ڇوٽي زميندار جي ذهنيت مان پيدا ٿيل غلط پاليسيون آهن. انهيءَ ڪٽرپڻي ۽ تنگ نظريءَ ۾ هو لي لي سان ڪان بہ گوءِ ڪڍي ويا. بلڪ چوڻ لڳا تہ ان جون پاليسيون تمام ڪمزور ۽ غير انقلابي هيون.

جنوري 1931ع ۾ چهين مرڪزي ڪميٽيءَ جو چوٿون مڪمل اجلاس ٿيو جنهن ۾ وانگ منگ واري ابهرائيءَ ۽ خام خيالي واري سياسي لائين مرڪزي ڪميٽيءَ تي مڪمل غلبو حاصل ڪري ويئي. پر اجان ان تي فوجي تنظيمي ۽ سياسي طرح عمل ٿئي ئي ٿئي تنهن کان اڳ ۾ صورتحال ۾ هڪ نئون ڦيرو آيو.

★

# باب ٽيون

# گهيرا

★

سَر پکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاه
سندي آس الله، لڏي لهرن وچ ۾ (شاهه)

## فوتين جو واقعو

ڪومن تانگ جا انقلاب دشمن، چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ سندس انقلابي فوج کي ناس ڪرڻ لاءِ رڳو سڌا حملا ڪونه ڪندا هئا. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ سندس انقلابي فوج ۾ ڦوٽ وجهڻ لاءِ ۽ عوام کي انهن کان بدظن ڪرڻ لاءِ هنن انقلاب دشمن ايجنٽن جي هڪڙي باقاعدي ٽريننگ ورتل جماعت ناهي جنهن جو خاص ڪم اهو هو ته انقلابين جو چوغو ڍڪي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ انقلابي فوج ۾ وڃي شامل ٿين. اندرئي اندر اهڙو تفرقو ۽ نفاق پيدا ڪن جو انقلابي پاڻ ۾ ئي وڙهي پورا ٿي وڃن ۽ انقلاب دشمنن جي مقابلي جي سٽ سهي نه سگهن. 8 ڊسمبر 1931ع تي انقلابي اڏي اندر ”فوتين“ شهر ۾ انهن مان ڪيترائي گرفتار ڪيا ويا. انقلابي فوج جي ويهين نمبر فوج جي هڪڙي بٽالين جي سياسي رهبر پنهنجي بٽالين کي برغلائي بغاوت جو جهنڊو کڙو ڪيو. بهانو اهو ڪيائين ته گرفتار ٿيل ايجنٽ سچا انقلابي آهن ۽ انهن کي بيگناهه قيد ڇو ڪيو ويو آهي. جيئن ته عوام انهن ايجنٽن جي انقلاب دشمن سرگرمين کان ناواقف هئا، تنهنڪري اهي منجهي پيا. باغي تمام گهٽي تربيت ورتل ۽ قابل انقلاب دشمن ايجنٽ هئا تن سڄي علائقي ۾ مانڌاڻ مچائي ڏنو زبردست پروپيگنڊا جي مهم شروع ڪئي ته اسان کي پنهنجا ٿا مارين. انهيءَ حالت ۾ متن قدم کڻڻ نقصانڪار هو جو انديشو هو ته عوام ان قدم جي تائيد نه ڪندا. عوام کي سندن اصلي روپ، آخر بن مهينن جي انقلابي تبليغ ۽ پرچار ڪانپوءِ ڏيکاريو

ويو. ان کان پوءِ باغين تي چڙهائي ڪري دوبدو لڙائي کان پوءِ ڪين گرفتار ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ انقلاب دشمن ايجنٽن خلاف باقاعدي مهم هلائي ويئي ۽ ساڍا چار هزار انقلاب دشمن ايجنٽ گرفتار ڪيا ويا.

اها گڙٻڙ اجان هلندڙ هئي تہ ٻيو واقعو ٿيو. هيستائين انقلابي اڏن ۽ اتي جي فوجن کي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائي ناس ڪرڻ لاءِ هڪ يا ٻن ٽن صوبن جي وڏن زميندارن ۽ شاهوڪارن جي حڪومت جا اڳواڻ جنگي سردار پاڻ ۾ هم صلاح ٿي گهيرا وجهندا هئا. ٻہ سال لڳاتار اهو سلسلو هليو. پر جيتوڻيڪ انقلابي فوجن کي ڪافي نقصان ۽ شڪستون پهتيون پر تہ بہ عوام دشمن وڏا زميندار ۽ شاهوڪار انقلابي فوج کي صفا ختم ڪري نہ سگهيا. آخر جنهن ڳالھ جو انقلابي فوجن کي سڀ کان وڏو انديشو هو اها ڳالھ ٿي.

1930ع جي پڇاڙيءَ ۾ جنرل چيانگ ڪائي شيڪ جي مرڪزي سرڪار ميدان ۾ آئي.

# پهريون وڏو گهيرو

28 ڊسمبر 1930ع تي هڪ لک فوجون ڪيانگ سي جي مرڪزي انقلابي اڏي کي اوچتو وڪوڙي ويون. هن فوج جو ڪمانڊر انچيف جنرل لوتي چينگ هو. سندس هٿ هيٺ ڇھ ٻيا ڊويزنن جي ڪمانڊ ڪري رهيا هئا. انقلابي اڏي ۾ ان وقت 40 هزار فوج هئي. ان فوج کي ڪابہ باقاعدي فوجي تربيت ڪانہ مليل هئي ۽ نہ وٽن مرڪزي فوج جهڙا نوان ۽ مضبوط هٿيار هئا. وڏي مصيبت اها ٿي جو اجان تازو انقلاب دشمن ايجنٽن انقلابي اڏي اندر بغاوت ڪئي هئي ۽ عوام کي برغلائي اجان تائين وڏو مانڌاڻ مچايو وينا هئا.

عام طرح سورهيائي انهيءَ کي سمجهيو ويندو آهي تہ ٿورا گهڻن سان مقابلو ڪن. جتي بہ دشمن ڏسجي اتي مقابلو ڪجي. پر هارين مزدورن جي انقلابي فوج مائو جي ايجاد ڪيل ۽ آزمايل انهيءَ اصول تي عمل ڪيو تہ جڏهن دشمن وڏي حملو ڪري ٿو تہ تڏهن اسين پوئتي هٽون ٿا. هنن دشمنن کي وڏڻ ڏنو ۽ پاڻ پوئتي هٽي اهڙي علائقي ۾ آيا جتي عوام ۾ تمام گهڻي انقلابي سجاڳي آيل هئي. اتي ساڳي وقت سيني فوجن تي حملي ڪرڻ بدران دشمن جي ڇهن ڊويزنن منجهان فقط هڪ ڊويزن جي هڪڙي حصي تي پنهنجي سموري فوج سان اوچتو ۽ قاتل وار ڪيائون. هتي هنن مائو جي ايجاد ڪيل انهيءَ اصول

تي عمل ڪيو تہ اقليت اندر اڪثريت پيدا ڪئي وجي. معنيٰ ٽوٽل ۾ پلي دشمن جو تعداد تمام گھڻو هجي، پر اها فوج سڀ تہ هڪڙي هنڌ ڪانہ هوندي. ضرور وڏي ايراضي والاريو ويٺي هوندي. مائو جو اصول هو تہ ان وڏي ايراضي مان جنهن ٽڪر ۾ دشمن جي فوج تمام گھٽ يا ڪمزور هجي اتي پنهنجي سموري طاقت گڏ ڪجي جيئن ان خاص ٽڪر ۾ پنهنجي فوج دشمن جي ان خاص ٽڪر واري فوج کان ٻيڻي چئوڻي هجي. انهيءَ ڪري دشمن جون ڪل فوجون انقلابي فوجن جي تعداد کان ٻيڻيون ٽيڻيون هيون پر مائو سموريون فوجون گڏ ڪري دشمن جي ٿورڙين فوجن تي حملو ڪيو جي انقلابي فوج جي چوٿين پتي جيتريون مس هيون. اها ڊويزن جيڪا انقلابي فوجن جي وڪڙ ۾ آئي سا هن اوچتي بجليءَ جهڙي تيز ۽ قهري وار جو ڏڪ جهلي نہ سگهي ۽ ٻہ برگيڊ فوج جا نوَ هزار ماڻهو سندن ڊويزن جي ڪمانڊر جنرل چيانگ هوئي سان سميت قيد ٿي ويا. هڪڙو بہ سپاهي يا گهوڙو وڪڙ مان ڀڄي نڪري نہ سگهيو. جيستائين ٻيون فوجون حملي لاءِ آيون تيستائين انقلابي فوج گوهي ڏيئي وجي ٻي ڊويزن، جا ڪافي پري هئي، تنهن تي ڪڙڪي ۽ ان جو اڌ هڪڙي ئي ڏڪ ۾ ناس ڪري ڇڏيائين. اها سڀ ڪاروائي پنجن ڏينهن اندر ٿي ويئي. دشمن جون باقي فوجون اها حالت ڏسي خوف ۽ هراس وچان منهن ڪري وٺي ڀڳيون.

## ٻيو گهيرو

پر اجان 4 ـ 5 مهينا ڪين گذريا هئا تہ 16 مئي 1931ع تي دشمن ٻيو گهيرو اچي وڌو. هن فوج جو ڪمانڊر انچيف جنرل هوينگ چين هو. سندس ڪمان ۾ 2 لک فوجون هيون. هن پنهنجو هيڊڪوارٽر ڪيانگسي جي گادي نان چانگ کي بنايو. هن گهيري ۾ دشمن جي 29 روٽ آرمي (ڪمانڊر جنرل سائي تينگ ڪائي) 26 روٽ آرمي (ڪمانڊر جنرل سن لين چونگ) 8 روٽ آرمي (ڪمانڊر جنرل چوشائو ليانگ) ۽ 5 روٽ آرمي (ڪمانڊر جنرل وانگ چن يو) شامل هيون. 5 روٽ آرمي پري اتر کان تازو آئي هئي ۽ سرزمين کان واقف نہ هئي. سندس سپاهين انقلابي فوج جي بهادريءَ جا زبردست داستان ٻڌا هئا. تنهنڪري مٿس دهشت وينل هئي.

هن دفعي انقلابي فوج ۾ فقط 30 هزار يعني دشمن جي ٽين پتيءَ جيترا سپاهي هئا. هن ڀيري بہ دشمن کي لالچائي انقلابي اڏي اندر آڻڻ واري پاليسيءَ

تي عمل ڪيو ويو. انقلابي فوجون پوري ترتيب سان چئني طرفن کان پوئتي هٽنديون ويون. پوءِ دشمن جي سڀ کان ڪمزور عضوي تي وار ڪرڻ ۽ دشمنن کي هڪ هڪ ڪري ختم ڪرڻ واري پاليسيءَ تي عمل ڪندي، جنرل وانگ چن يو جي، اتر کان آيل ۽ هيسيل فوج تي پهريون پرپور وار ڪيو. هن کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ واري سان چئن فوجن تي ڪاريون ضربون هنيون ويون. 15 ڏينهن اندر اڍائي سئو ميل مارچ ڪري پنجن ڌار ڌار هنڌن تي حملا ڪري دشمن کي شڪست ڏيئي پڇائي ڪديو ويو. 20 هزار سپاهين کي قيدي بنايو ويو.

دشمن جي پوئتي موٽڻ کانپوءِ انقلابي فوج واپس پنهنجي مرڪز ڏانهن موٽي، انهيءَ لاءِ کيس ٽي سئو ميلن جو چڪر ڪاٽڻو پيو. لڳاتار لڙائي ۽ ڏينهن رات مارچ جي ڪري فوج تمام ٿڪل ٽٽل هئي. تنهنڪري هوءَ آرام ڪرڻ ۽ پنهنجا زخم ميٽڻ لاءِ انقلابي اڏي جي اولهه طرف وجي منزل انداز ٿي.

## ٽيون گهيرو

پر اجان هڪڙو مهينو به ڪين گذريو ته 1 جولاءِ 1931ع تي دشمن ٽيون ڀيرو چئن ئي طرفن کان اچي وڪوڙيس. هن دفعي غدار جنرلن جي ٽولي جي سردار چيانگ ڪائي شيڪ پنهنجي سر پاڻ فوج جو ڪمانڊر انچيف ٿي آيو. سندس ماتحت ٽي ڪمانڊر هئا. مرڪزي فوج جو ڪمانڊر اڳئين حملي جو ڪمانڊر انچيف جنرل هوينگ چين کابي پاسي واري فوج جو ڪمانڊر جنرل چوشائو ليانگ هو ۽ ساڄي پاسي واري فوج جو ڪمانڊر جنرل چين مينگ شينگ هو. انهن فوجن جا هيڊ ڪوارٽر نانچانگ، ڪيانگ ۽ نافينگ شهرن ۾ هئا.

گهيرو ڪندڙ فوج ۾ ٽي لک سپاهي هئا. انهن ۾ هڪ لک فوج چيانگ ڪائي شيڪ جي پنهنجي خاص فوج هئي. ان جون پنج ڊويزنون هيون جنهن مان هرهڪ ڊويزن ۾ نوَ ريجمينٽون هيون. انهن پنجن ڊويزنن جا ڪمانڊر جنرل چين چينگ، جنرل لو چوينگ، جنرل چاؤ ڪوان تاؤ، جنرل وي لي هوانگ ۽ جنرل چيانگ تنگ وين هئا. انهن ڪانسواءِ ٽي ڊويزنون ٻيون هيون جن جا ڪمانڊر جنرل چانگ ڪوانگ نائي، جنرل سائي تينگ ڪائي، ۽ جنرل هان تيهه چن هئا. اڳئين دفعي دشمن هرهنڌ مورچا ناهيندو اڳتي وڌيو هو. پر هن گهيري ۾ سڌو ڌوڪي اچڻ جي پاليسي اختيار ڪيائين. دشمن جو مطلب هو ته انقلابي فوج کي

ڏوڪي ڪان نديءَ جي ڪناري تي سوڙهو گهٽجي ۽ گهيري ۾ آڻي ناس ڪجي. انهيءَ صورتحال ڪي منهن ڏيڻ لاءِ مائو جي رٿ هئي تہ قوتين جي شهر وٿان دشمن جي گهيري مان ڪسڪي ٻاهر نڪري اوڀر طرف تيزيءَ سان ڏوڪي دشمن جي رسد پهچائڻ جي لائين کي ڪاٽيندو نڪري وڃجي ۽ دشمن کي ڇڏي ڏجي تہ پلي انقلابي اڏي جي اندر وجي دربدر ٿين ۽ انقلابي فوج کي ڳولين. اهو گهيري خلاف مهم جو پهريون مرحلو ٿيڻو هو. تنهن ڪان پوءِ جڏهن دشمن ٿڪي ٽٽي اتر طرف موٽ ڪائي ها تہ وجهہ وٺي سندس ڪمزور دستن تي ڪاري ضربون هڻجن ها. ڪٽي بہ دشمن جي ور نہ چڙهجي ها. پر انقلابي فوجون جڏهن قوتين طرف وڌي رهيون هيون تہ دشمن ڪين ڏسي ورتو ۽ جنرل چين چينگ ۽ جنرل چوينگ جون ڊويزنون هڪدم مٿن بچيون ويون. تنهنڪري مائو کي پنهنجو جنگي منصوبو بدلائڻو پيو ۽ جتان آيا هئا اوڏانهن موٽ ڪائڻي پئي. اتي پهچي رات وچ ۾ هو دشمن جي ڊويزنن وچان ٿوري وٿيءَ مان ڪسڪي پلٽو ڪائي وري اولهہ طرف نڪري ويا. ٻئي ڏينهن سندن جنرل چانگ ڪوانگ جي مهڙ وارن دستن سان جهڙپيا. ان جي ٻئي ڏينهن هو چين مينگ شينگ جي ڊويزن سان ٽڪريا. اتان ٽي ڏينهن مارچ ڪري هنن وجي جنرل چيانگ تنگ وين جي ڊويزن تي حملو ڪيو. اهي ٽئي لڙايون هنن ڪٽيون ۽ ڏهہ هزار دشمن جي سپاهين کي قيد ڪيائون. انهيءَ منزل تي دشمن جون مکيہ فوجون انقلابي اڏي اندر اولهہ ۽ ڏکڻ طرف وڌي ويون هيون سي اتي ڪاريءَ وارا ڪک ڏسي پلٽو ڪائي پوئتي موٽيون ۽ تيزي سان انقلابي فوجن کي اوڀر ۾ وڪوڙڻ لڳيون. انقلابي فوجون وچ وارن جبلن مان گوهي ڏيئي گهيري مان ڪسڪي اوير ڪان وري اولهہ طرف نڪري ويون. تيستائين دشمن ڪين گهيري اندر موجود سمجهي گهيرو تنگ ڪندو رهيو پندرهن ڏينهن ڪان پوءِ خبر پين تہ شڪار نڪري چڪو آهي. انهيءَ وچ ۾ انقلابي فوجون 15 ڏينهن آرام ڪري تازيون توانيون ٿي ويون. پر دشمن جون فوجون انهن گوهين ۽ اڳتي پوئتي جي ڏڪن ڏومن ۽ رولڙن سبب چور ٿي پيون هيون. سندن ڳري سازسامان بہ سندن چرپر لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪيون. آخر هو بيزار ٿي پوئتي موٽڻ لڳا. دشمن جي پوئتي موٽڻ جو فائدو وٺي انقلابي فوجن جنرل چيانگ ڪوانگ نائي، جنرل سائي تينگ ڪائي، جنرل چيانگ تنگ وين ۽ جنرل هان تيهہ چن جي ڊويزن تي هڪ ٻئي پويان حملا ڪيا. ۽ جنرل هان تيهہ چن جي، سڄي ڊويزن ۽ جنرل چيانگ تنگ وين جي هڪڙي سڄي برگيڊ صفا

ناس ڪري ڇڏيائون. اهڙي ريت سيپٽمبر 31ع جي پڇاڙيءَ ۾ ٽن مهينن جي مقابلي ڪانپوءِ ٽيون گهيرو ناڪام ٿيو.

## باقاعدي حڪومت جو برپا ٿيڻ

سيپٽمبر 1931ع ۾ جيئن ٽيون گهيرو ختم ٿيو تيئن جپان اتر چين جي مڪدين شهر تي حملو ڪيو ۽ اهو خطرو وڌڻ لڳو ته جپان سڄي چين تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندو. انهيءَ سال جي اونهاري ۾ مرڪزي ڪميٽي فيصلو ڪيو ته پنهنجو هيڊ ڪوارٽر شهر مان بدلائي انقلابي اڏي اندر قائم ڪري. ان جو سبب اهو هو ته ابهرائيءَ وارين بغاوتن ۽ شهرن تي حملن سبب پارٽيءَ جا شهرن اندر ڪم ڪندڙ ڪارڪن ۽ تنظيمون ڪچلجي ويون هيون ۽ شهرن ۾ عوام تمام هيسجي ويو هو. تنهن ڪانسواءِ انقلابي اڏي ۾ انقلابي عوام ۽ انقلابي پارٽي ۽ فوج ثابت ڪري ڏيکاريو هو ته هو ڪومنٽانگ جي بدمعاش فوجي ٽولي جو مقابلو ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي مضبوط ڪري ڦهلائي سگهن ٿا. آڪٽوبر ۾ مرڪزي ڪميٽي اچي ڪيانگسي جي اڏي ۾ پهتي. مرڪزي ڪميٽي تي ان وقت ماسڪو مان آيل 28 ابهري شهري نوجوان انقلابين جو قبضو هو. انهن منجهان پُوڪُو نالي هڪڙو نوجوان مرڪزي ڪميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري هو. 27 نومبر 1931ع ۾ ڪيانگسي جي انقلابي اڏي ۾ باقاعدي انقلابي حڪومت قائم ڪئي ويئي. انهيءَ حڪومت جو اعلان انقلابي اڏي جي عوامي نمائندن جي سوويت ڪانگريس ڪيو. 63 ڄڻن جي مرڪزي ڪميٽي چونڊي ويئي. مائو کي عوامي وزيرن جي ڪائونسل جو صدر چونڊيو ويو. پر ساڳئي وقت حڪومت ۾ سندس اختياريون ڪافي گهٽايون ويون هيون. سندس فوجي پاليسين جي سخت مذمت ڪئي ويئي. ٻن مهينن کان پوءِ جنوري 1932ع ۾ مرڪزي ڪميٽي هڪ ٺهراءُ پاس ڪري مائو جي فوجي حڪمت عمليءَ کي رد ڪندي نئين حڪمت عملي ٺاهي.

## نئين فوجي پاليسي!

هنن چيو ته دشمن کي لالچائي انقلابي مرڪز ۾ آڻڻ غلط آهي جو ان ڪري ڪيترو علائقو هٿان وڃائڻو پوي ٿو تنهنڪري دشمن سان پنهنجي اڏي کان ٻاهر نڪري سندس علائقي ۾ وڙهڻ گهرجي. نئين فوجي پاليسيءَ جا هيٺيان نڪتا هئا:

هڪڙي هٿان ڏهن جو مقابلو ڪرايو، بهادري ۽ محڪم ارادي سان وڙهو، فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ دشمن جو پيڇو نہ ڇڏيو، سيني محاذن تي يڪو حملو ڪريو، مکيہ شهرن تي حملو ڪريو، پنهي مڪن سان وڙهو، ساڳئي وقت ٻن طرفن تي حملو ڪريو ۽ دشمن حملو ڪري تہ ڪيس پنهنجي در جي ٻاهران وجي سامهون ٽيو، دشمن جي وار کان اڳ مٿس وار ڪري چانئجي وجو، دشمن کي پنهنجي علائقي اندر اچڻ نہ ڏيو ۽ پنهنجا نولا نڪر ۽ پاٽيون ڪنا نہ پڃايو. هي جنگ انقلاب ۽ غلاميءَ جي وچ ۾ جنگ آهي. ننڍيون تيز چوٽون ڏيڻ، دشمن کي ٿڪائي مارڻ جي جنگ آهي.

## چوٿون گهيرو

جولاءِ 1932ع ۾ دشمن چوٿون دفعو مرڪزي انقلابي اڏي جو اچي گهيرو ڪيو. دشمن ٽن قطارن ۾ اتر کان آيو. سندس مکيہ فوجون اپرندي قطار ۾ هيون. انقلابي فوج سڀ کان اول سندس ڪمزور اولهہ واري قطار تي حملو ڪيو ۽ هڪڙي ڏڪ سان سندس ٻہ ڊويزنون جي جنرل لي منگ ۽ جنرل چين شاجي جي ڪمان ۾ هيون تنکي مڪمل طرح ناس ڪري ڇڏيو. تنهن تي دشمن وچ واري قطار جي مدد لاءِ اوپر وارين مکيہ فوجن مان ٻہ ڊويزنون ڏياري موڪليون. اهي ٻہ ڊويزنون اجا واٽ ۾ ئي هيون تہ انهن تي حملو ڪري هڪڙي ڊويزن کي ناس ڪري ڇڏيو ويو. اها حالت ڏسي دشمن سخت گهبرائجي ويو ۽ پوئتي موٽي ويو. ٻئي مهيني سمورن انقلابي اڏن جي مرڪزي سب ڪميٽيءَ طرفان تنگ تو شهر ۾ پارٽي ڪانفرنس سڏائي ويئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ سمورن انقلابي اڏن جي فوج جي ڪمان مائو کان کسي ويئي ۽ سندس فوجي پاليسين جي سخت مذمت ڪئي ويئي. ٻئي سال مئي 1933ع ۾ چو اين لائي کي سمورن انقلابي اڏن جي فوج جو سياسي رهبر مقرر ڪيو ويو. *[ان وقت ڪيانگسي جي مرڪزي اڏي کان سواءِ ٻين انن صوبن ۾ انقلابي اڏا قائم ٿي چڪا هئا جي سڄي چين ۾ ٽڙيل پکڙيل هئا.]*

## اقتصادي ڪم جي رهبري

هاڻي مائو کي مکيہ ذميواري اها سونپي وئي تہ هو ملڪ جي انقلابي اڏن جي عوام جي اقتصادي حالت بهتر بنائي.

آڪٽوبر 1933ع ۾ هن چين جي ٻهراڙين ۾ مختلف طبقن جي سڃاڻپ ۽ فرق بابت هڪ مقالو لکيو. ان مضمون ۾ زميندارن، سکين آبادگارن ۽ سکين هارين، غريب هارين ۽ سِرڙين هارين جي وچ ۾ فرق بيان ڪيو ته جيئن انقلابي حڪومت کي هرهڪ طبقي سان سندس طبقاتي پوزيشن آهر هلت ڪرڻ لاءِ صحيح ڪسوٽي ملي سگهي. 23 جنوري 1934ع تي هن عوامي نمائندن اڳيان اقتصادي حالت بابت رپورٽ پيش ڪئي. ٻن ڏينهن کان پوءِ هن ساڳي ڪانفرنس اڳيان تقرير ڪندي ڪارڪنن کي تلقين ڪئي ته عوام جي وڏين توڙي ننڍين ضرورتن تي ڌيان ڏيو. سندس اتي، اجهي، ڪپڙي، ڪاٺين، گاسليٽ، لوڻ، مرچ، اگهائي سگهائي، صفائي، شادي مرادي ۽ ٻارن جي پڙهائي جي ضرورتن تي ڌيان ڏيو.

# پنجون گهيرو

آڪٽوبر 1933ع ۾ ڪومنتانگ جي فوجن ڪيانگسي واري مرڪزي انقلابي اڏي، جنهن ۾ پارٽي ۽ حڪومت جا هيڊ ڪوارٽر هئا تن تي پنجون دفعو گهيرو وجهڻ شروع ڪيو. هي گهيرو نئين قسم جو هو. هن دفعي چيانگ ڪائي شيڪ جي فوجي حڪمت عملي جون واڳون ٻن جرمن فوجي ماهرن جنرل وان سيڪٽ ۽ جنرل فالڪن اوس جي هٿ ۾ هيون. سڀ کان پهريائين پوري انقلابي اڏي جي چوڌاري مضبوط قلعن جو چار وڇايو ويو. پوءِ انهن کي ڇهنبدار تارن سان پاڻ ۾ ڳنڍيو ويو ته جيئن ڪوبه انقلابي سپاهي انهيءَ لوڙهي کان ٻاهر نڪري نه سگهي. تنهن کان پوءِ انقلاب فوجون آهستي آهستي سيني طرفن کان وڌيون ۽ گهيرو تنگ ڪنديون ويون. ٿورو ٿورو پنڌ هلي هنن وري قلعا ۽ مورچا ناهيا ٿي. تنهن کان سواءِ اهڙي سخت ناڪي بندي ڪئي ويئي جو لوڻ جو ڪڻو يا ان جوداڻو به انقلابي اڏي اندر اچي نٿي سگهيو. هن دفعي انقلابي اڏي جو بچاءُ ماسڪو مان آيل ابهرن انقلابي نوجوانن جي پاليسين مطابق ڪيو ويو. هنن پارٽي جي جنوري 1934ع واري ڪانفرنس ۾ اعلان ڪيو ته هي انقلاب ۽ انقلاب دشمن قوتن جي وچ ۾ آخري ۽ فيصلہ ڪن جنگ آهي. هيءَ ٻن حڪومتن جي وچ ۾ جنگ آهي. تنهنڪري هاڻ گوريلا لڙائي ڪرڻ ۽ لڪڻ ڇپڻ، پوئتي هٽڻ ۽ گوهيون ڏيڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. سنئون سڌو ميدان ۾ مقابلو ٿيڻ کپي. پاڻ اڳتي وڌي دشمن جي حملي کان اڳ مٿس وار ڪجي. هنن فوجن کي حڪم ڏنو

تہ هڪ انچ بہ پوئتي نہ هٽيو. دشمن پهريائين هڪڙي ننڍڙي شهر تي قبضو ڪيو تہ فورن انقلابي فوجن ڪي حڪم ڏنو ويو تہ دشمن کان اهو شهر واپس کسو. اهو حملو ناڪام ٿيو تہ وري وڏي انقلابي اڏي ڪان ٻاهر نڪري دشمن جي هڪ مضبوط اڏي شائو شي تي حملو ڪيو ويو. اهو بہ ناڪام ٿيو تہ وري دشمن جي هڪڙي ٻئي مضبوط مورچي تي حملو ڪيو ويو. اهو بہ ناڪام ٿيو، پوءِ تہ انقلابي فوج دشمن جي مضبوط مورچن ۽ سندس فوج جي وچ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٺوڪرون ڪائيندي رهي. اها بي مقصد هل هلان ۽ اچ وڃ سڄا سارا ٻارنهن مهينا هلندي رهي جنهن ۾ انقلابي فوجن جا وڏا حصا چٽ ٿي ويا ۽ انقلابي علائقي جو وڏو حصو دشمن جي قبضي ۾ اچي ويو. آخر ٻي سال پهرين آگسٽ 1934ع تي اهي اڏا خالي ڪري اتر طرف ڪوچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سيني انقلابي اڏن جي فوجن ڪي چرپر ڪرڻ جا حڪم موڪليا ويا ۽ 15 آگسٽ 1934ع تي اها تاريخي مارچ شروع ٿي جنهن کي دنيا جي تاريخ ۾ لانگ مارچ ڪوٺيو وڃي ٿو.

دشمن جي فوجن ڪي اينگهائي رکڻ لاءِ پنيان 8 صوبن جي انقلابي اڏن ۾ ٿورا گوريلا پويان ڇڏيا ويا. انهن ڪي حڪم هو تہ دشمن ڪي گهٽي ۾ گهٽو وقت مصروف رکو تہ جيئن دشمن جي سڄي فوج انقلابي فوج جو پيڇو ڪري نہ سگهي.

انهن گوريلن ڪي خبر هئي تہ هو ڏني وائني موت جي منهن ۾ ڇڏيا پيا وڃن. پر هو انقلابي سپاهي هئا موت هنن ٻولي ڪنيو هو. انهن سورمن جي جانبازي ۽ سرفروشيءَ دشمن ڪي تمام گهٽو تنگ ڪيو ۽ هو پنهنجون سڀ فوجون مڪيہ انقلابي فوج جي پنيان موڪلي نہ سگهيو.

انهن مجاهدن ۾ مائوزي تونگ جو ننڍو ڀاءُ بہ هو جو وڏي جوانمرديءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويو.

★

# باب چوٿون

# لانگ مارچ

★

سَڏائتي سيڪا، بُکَ نہ باسي ڪا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي، جُنبش ڪانهي جاءِ؛
مون سين هلي سا، جا جيءُ منو نہ ڪري! (شاھ)

ٽڪيائي ٽر ٽيلھ، ڇُڪيائي چڙھ چوٽين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پَوَ مڙيئي پيل؛
اُتي رائو ريل، وينن تان واري وري! (شاھ)

انقلابي فوج جي ڇهين آرمي گروپ جو هيڊ ڪوارٽر هونان ۽ ڪيانگسِي صوبن جي سرحد واري انقلابي اڏي ۾ هو. آگسٽ 1934ع ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ ان فوج کي حڪم ڏنو تہ هوءَ دشمن جو گهيرو ٽوڙي اوپر ڪويچو صوبي واري انقلابي اڏي جي فوج سان اچي ملي جنهن جو ڪمانڊر جنرل هولنگ هو. حڪم جي تعميل ٿي ۽ ٻنهي اڏن جي گڏيل فوج کي انقلابي فوج جي ٻي محاذ جي فوج جو نالو ڏنو ويو. ساڳئي مهيني ۾ انقلابي فوج جي پهرئين، ٽئين ۽ پنجين آرمي گروپن کي حڪم ڏنو ويو تہ اولھ فوڪين ۽ ڏکڻ ڪيانگسي جي صوبن مان دشمن جو گهيرو ٽوڙي اتر طرف ڪوچ ڪن. ساڳيءَ طرح زيڪوان ۽ شين سي صوبن جي سرحدي علائقن جي انقلابي اڏي جي فوجن کي گڏي چوٿين محاذ آرمي ناهي وئي ۽ ان کي حڪم ڏنو ويو تہ جڏهن پهرئين ۽ ٻئي محاذ جون فوجون سندن علائقن ۾ پهچن تہ هو وڌي وڃي انهن سان ملن.

15 آڪٽوبر تي ڪوچ شروع ٿيو. انقلابي فوج ۾ ڪل هڪ لک ماڻهو هئا. جن مان 85 هزار سپاهي ۽ 15 هزار پارٽي ۽ حڪومت جا ڪارڪن هئا. اٺندي ئي شين فينگ شهر وٽ سندن ڪومنتانگ جي فوجن سان جهڙپون ٿيون. پر انقلابي

فوج گوهيون ڏيئي پاڻ بچائيندي ڪوان تنگ صوبي جو اتريون چيڙو ۽ ڏاڪڻو چيڙو ڏيئي اڳتي وڌي. تان جو اچي ڪوانگ سي صوبي جي اتر ۾ شيانگ نديءَ جي ڪناري تي پهتي ۽ ندي پار ڪيائين. ندي پار ڪرڻ مهل دشمن مٿن سخت گوليبازي ڪئي، جنهن ڪري پار اڪرڻ ۾ ۾ ڪين سڄو هفتو لڳي ويو. انهيءَ وچ ۾ دشمن جي گوليبازيءَ انقلابي فوج جون پتيون ڪدي ڇڏيون. ڊسمبر ۾ باقي بچيل انقلابي فوج ”ڪوي چائو“ صوبي جي وچ ۾ ”وُو“ نديءَ کي پار ڪيو. ”وُو“ نديءَ کي پار ڪرڻ ۾ انقلابي فوج، خاص ڪري سندس اڳواڻ دستن بهادريءَ ۽ سر صدقو ڪرڻ جا لاثاني ڪارناما ڪيا. هوڏانهن دشمن باھ جا الا پئي وسايا تہ هيڏانهن هي سورهيہ دستا تختن تي چڙهي ترندا، ڦٿبا، رت ڳاڙيندا وڌندا رهيا. ڪيترا سرويچ ڦٿجي ساٿا تي درياھ ۾ ڪري غرق ٿي ويا. پر بيا درياھ جي پار پهچي ويا. درياھ جي پرينءَ پر هڪ پهاڙي چوٽي هئي. ان مٿان دشمن جا مضبوط مورچا نهيل هئا جن مان انقلابي فوج تي سخت توب زني پئي ڪيائون. جيڪي انقلابي سورما پراڙ پهتا سي هڪدم رسين جون ڏاڪڻيون لڳائي ان چوٽيءَ تي چڙهي ويا ۽ وجي توب زني ڪندڙ دستن تي ڪڙڪيا. دشمن سان سنگينن جي دوبدو لڙائي ڪري ڪين ختم ڪيائون ۽ چوٽيءَ تي قبضو ڪري ورتائون. ان ڪان پوءِ سڄي انقلابي فوج آسانيءَ سان درياھ پار اڪري جلد ئي پر واري سون يي شهر تي قبضو ڪيو.

# سون يِي ڪانفرنس

جنوريءَ جي پهرين هفتي ۾ ان شهر ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ جي سياسي معاملن واري بيورو جي ڪانفرنس ٿي. مرڪزي ڪميٽيءَ جا ميمبر توڙي بيا پارٽي ۽ فوج جا ڪارڪن چٽين اکين سان ڏسي چڪا هئا تہ جيڪي ابهرائي ۽ خام خياليءَ واريون پاليسيون گذريل انن سالن ڪان پارٽيءَ تي چانيل هيون سي ڪيتريون نہ نقصانڪار ۽ ناڪام ثابت ٿيون هيون. تنهن ڪري ماسڪو مان انقلابي امتحان پاس ڪري آيل ابهري شهري نوجوان انقلابيءَ پُوڪوءَ کي مرڪزي ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تان لاٿو ويو ۽ مائوزي تنگ کي مرڪزي ڪميٽيءَ جي سياسي معاملن جي بيورو جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. *[چيني انقلاب جي تاريخ ۾ اها اهم ڪانفرنس ’سون يِي ڪانفرنس‘ جي نالي سان مشهور آهي.]* چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪجھ سال اڳ ڪيانگسيءَ ۾

باقاعده انقلابي حڪومت قائم ڪئي هئي. انقلابي فوج پاڻ سان انهيءَ حڪومت جو ڳرو ساز و سامان ڪنيو پئي هلي. انهيءَ ڪري فوج کي سفر ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي. تنهن ڪري سون يي ڪانفرنس ڪانپوءِ مائو اهو ڦٽو ڪرائي ڇڏيو. ڪوي چائو صوبي جي پرسان شي چان صوبو آهي. شي چان جي صوبي ۾ انقلابي اڏو هو. جنهن جو اڳواڻ چانگ ڪوتاؤ هو. ان اڏي ۾ انقلابي فوج جي چوٿين محاذ واري فوج منزل ڪريو ويني هئي. مائو ان سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌيو. چيانگ ڪائي شيڪ کي اها خبر پئجي ويئي. تنهن اتي جي مڪاني جنگي سردارن کي لکي موڪليو ته "پنهنجون فوجون تيار رکو." هتان پنهنجي فوج به ڏياري موڪليائين. دشمن جي ٻنهي فوجن گڏجي مائو ۽ چيانگ ڪوتاؤ جي فوجن تي ڌار ڌار حملا ڪيا. مائو پنهنجي انهيءَ اصول تي عمل ڪيو ته "جڏهن طاقتور دشمن پيڇو ڪري تڏهن گوهيون ڏيو!" سو تمام وڏو چڪر ڪاٽي لوشان جبل جي لڪ وٽ ڪوئي چائو صوبي جي جنگي سردار وانگ پيالين تي پنيان وجي ڪڙڪيو ۽ کيس سخت شڪست ڏنائين. ان فتح ڪانپوءِ هو سڌو شي چان صوبي ۾ داخل ٿي سگهيو ٿي ۽ چيانگ ڪوتاؤ جي فوج سان ملي سگهيو ٿي. پر سڌي گس تي دشمن جا مضبوط مورچا هئا. تنهن ڪري هو سڌو گس ڇڏي وري سون يي ڏانهن موٽيو ۽ "وو" ندي واپس پار ڪيائين. اتان سڌو چي شان وجي ها ته واٽ تي "ڪيويانگ" جو شهر ٿي آيس، هن ڪيويانگ ڏانهن ويندڙ واٽ ورتي. چيانگ ڪائي شيڪ اها خبر ٻڌي پنهنجي سر پاڻ اچي ڪيويانگ شهر ۾ منزل ڪئي ۽ واٽ جهلي ويهي رهيو ته انقلابي فوج لنگهي ته مٿن حملو ڪريان. پنهنجي وڌيڪ مضبوطيءَ لاءِ پاسي واري صوبي يونان جي فوج به گهرائي ورتائين. پر مائو کي ته ڪٿي به ڪو سڌو گس وٺڻو ئي ڪونه هو. نڪو کيس ڪيويانگ جهڙي مضبوط مورچي تي حملو ڪرڻو هو. کيس وچان ٿئين صوبي يونان جي واٽ وٺڻي هئي. پر اتي دشمن جي جيڪا فوج هئي ان مان جند ڪيئن ڇڏائي؟ هن رٿ رٿي ته دشمن کي ائين پنيلائجي جو هو يونان صوبي واري فوج ٻاهر ڪڍي وجي ته ان صوبي جو ميدان انقلابي فوج جي لنگهڻ لاءِ خالي ٿئي. ٿيو به ائين، چيانگ يونان صوبي واري فوج ڪيويانگ ڏانهن گهرائي ورتي. هوڏانهن اها فوج ڪيويانگ ڏانهن رواني ٿي هيڏانهن مائو ڪيويانگ ڏانهن ويندي ويندي اوچتو وني اولهه طرف يونان صوبي ڏانهن پلٽو کاڌو ۽ سٽ ڏيئي يونان صوبو لتاڙي اڳتي نڪري ويو. ان ڪانپوءِ وري ڪن منگ جي شهر ڏانهن رخ رکيائين.

دشمن سمجهيو تہ هاڻي ڪن منگ تي حملو ٿا ڪن سو ان جي بچاءَ لاءِ هتان هتان فوج گڏ ڪرڻ جي پيچ ڊڪ ۾ لڳي ويا. مائو ڪجھ پنڌ ڪري ڪن منگ ڏانهن مارچ ڪري وري ڦرتي ڪائي اتر طرف چينگ درياھ ڏانهن منهن ڪيو. انهيءَ سرڪش دريا کي پار ڪرڻ لاءِ پهريائين تورڙا جانباز روانا ڪيا ويا جيڪي ڪومنٽانگ جي پوليس وارن ۽ ڪامورن جو ويس بدلائي نندڙين ٻيڙين ۾ چڙهي پراڙ ويا ۽ اُتي ڪومنتانگ جي فوجي چوڪيءَ تي قبضو ڪري باقي فوج جي دريا پار ڪرڻ لاءِ رستو صاف ڪيائون. انهيءَ دريا پار ڪرڻ ۾ 9 ڏينهن لڳي ويا. ان ڪانپوءِ هنن شي چان صوبي جي انقلابي اڏي ڏانهن رخ رکيو.

## موت جو وات

هاڻ هو ان خوفناڪ علائقي ۾ داخل ٿيا جنهن کي ”موت جي وات“ وارو علائقو سڏجي ٿو. ان جي هڪڙي طرف گهاٽا گجگاھ ٻيلا هئا. ٻئي پاسي پوائٽيون ڏبڻيون هيون تہ ٽئين طرف خوفناڪ جابلو ندي تاتو هئي جنهن جي گجگوڙ ڪوهن ۾ ٻڌبي هئي. ان جي ٻنهي ڪنارن تي اٽانگن لڪن وارا هيبتناڪ جبل هئا. چين ملڪ جو اهو ٽڪر انسانن لاءِ چڻ اڪين ڏٺو موت آهي. اهي ٻيلا، ڏبڻيون، ندي ۽ جبل چڻ ڪنهن اجگر بلا جون خونخوار جاڙيون آهن جن ۾ جيڪو ڦاٿو سو ختم. هي اهو ئي علائقو هو جتي ان کان 75 سال اڳ شيتا ڪائي پلجي اچي ڦاٿو هو. هو 1861ع واري زبردست هاري انقلاب جو فاتح هو جنهن شاهي فوجن جي سپھ سالار کي هرهنڌ نيچو نوايو هو. پر شاهي فوج آخر کين انهيءَ خوفناڪ ڄار ۾ ڦاسائي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيو هو. چيانگ ڪائي شيڪ سمجهيو تہ جيڪو چالاڪ شڪار هيترا سال هر دفعي سندس ڄار مان بچي ويو هو، تنهن جي قدرت آخر مت منجهائي ڪيس هن موت مار ڄار ۾ آڻي ڦاسايو آهي ۽ ڪيس گهر ويٺي شڪار ڏياريو آهي. پر هيءَ ڪا رواجي فوج ڪانہ هئي. هيءَ جڳ کان نرالي فوج هئي جنهن جي سوچ دنيا کان الڳ هئي.

هي جي آيا هير، سي مون اڳ نہ ڏٺا ڪڏهن،
آئون ترسان، هو تڪڙا، پٽ نہ لائن پير! (شاھ)

هن فوج جي هر سپاهيءَ سمجهي سوچي مظلوم عوام سان پنهنجي سر جو سودو ڪري ڇڏيو هو. انهن سرويچ سورمن جون دليون صدين جي سمجھ ۽

صداقت جي جذبي سان روشن هيون، سندن ذهن ۽ دماغ انقلابي ايمان جا فولادي قلعا هئا. سندن اڳواڻي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جهڙي انقلابي هاءِ ڪمان جي هٿ ۾ هئي جنهن جو ڊسيپلين رُڪ ڪان وڌيڪ سخت هو ۽ انقلابي ارادا پهاڙن کان وڌيڪ اڏول هئا. انهي هاءِ ڪمان ڪين تعليم ۽ تربيت ڏيئي سندن ذهنن ۽ روحن کي انقلابي نظريي سان هٿياربند ڪيو هو. ڪين هٿياربند انقلابي جدوجهد جي ڪوريءَ ۾ پچائي ڪندن ڪري ڇڏيو هو. هن وقت سندن سپهه سالار اهو ماڻهو هو، جنهن انقلابي عوام کي اهڙي تہ بي مثال جنگي حڪمت عملي ايجاد ڪري ڏني هئي، جنهن جي پيٺ ۾ سڪندر، هيني بال، چنگيز خان، تيمور، وان مول تڪي، نيپولين، ڊيوڪ آف ويلنگٽن ۽ ڪيٽل جهڙن جڳ مشهور ۽ هاڪارن جنگي ماهرن ۽ فوجي سپهه سالارن جون حڪمت عمليون ڇڻ تہ هيچ هيون. هن اڻ موٽ فوج جا سپاهي هنن مشڪلاتن کي ڏسي ذرو بہ نہ هبڪيا ۽ جڻ چئي رهيا هئا:

جبل ماري جڪ، جو آڏو عجيبن کي،
توڙي لکن لڪ، سي لنگهنديس سڪ سين!

ڏونگر ڏکوين کي، تپي ڪندين ڪوهہ!
تون جي پهڻ پٻ جو، تہ لڱ منهنجا لوهہ!!
جنهن چوريءَ ۾ چوهہ، سا پٿون ٿيندي پير تي!!!

مائوزي تونگ خوفناڪ ۽ موتمار تاتو نديءَ کي پار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انقلابي فوج جهڙي نموني تاتو ندي پار ڪئي تنهن جا داستان ايامن تائين پيا ڳائبا.

درياهہ جي پراڙ واري تڙ تي دشمنن جو زبردست پهرو هو. انقلابي فوج جي هڪڙي ننڍي دستي دشمن جي اوراڙ واري چوڪيءَ تي قبضو ڪري ورتو ۽ هڪڙي ٻيڙي بہ هٿ ڪئي. ان ٻيڙيءَ ۾ 18 انقلابي سرويچ پار ويا ۽ جبل جي چوٽيءَ تي نهيل دشمن جي مورچي تي اوچتو حملو ڪيائون. ان کي تباهہ ڪري فوج جي درياهہ پار ڪرڻ لاءِ رستو صاف ڪيائون. پر هيڏي ساري فوج هڪڙي ڏينهن ۾ درياهہ پار ڪونہ ڪري سگهي ها، ان ۾ ڪيترا ڏينهن لڳي وڃن ها. انهيءَ وچ ۾ دشمن جون زبردست فوجون اچي سهڙن ها، بمبار هوائي جهاز هڪ وک بہ چرڻ ڪونہ ڏين ها. تنهن ڪري مائو فيصلو ڪيو تہ اتان نہ لنگهجي. اتان

سؤ ڏهه ميل پري لوتنگ شهر وٽ درياهه مٿان هڪڙي لٽڪندڙ پل هئي. مائو فيصلو ڪيو تہ لوتنگ هلي ان پل تي قبضو ڪري ان تان درياهه پار ڪجي.

انهيءَ وچ ۾ انقلابي فوج جي هڪ ڊويزن فوج پراڻ پهچي چڪي هئي. انهيءَ فوج ۽ اوراڙ ۾ رهيل فوج، ٻنهي کي حڪم ڏنو ويو تہ، ”درياهه جو ڪنارو ڪنارو ڏيئي جبل جي چوٽين تان مارچ ڪندا ٽن ڏينهن اندر لوتنگ شهر واري پل وٽ پهچو.“

وچ ۾ تاتو درياهه مست شينهن وانگر گجيو پئي. ٻنهي پاسن اوچيون ۽ سوڙهيون چيون هيون جن تي پير ڏيندا ٿڙندا ٿاٻڙندا ڪرندا ۽ زخمي ٿيندا انقلابي سپاهي اڳتي وڌندا رهيا. واٽ ۾ ڪيترن هنڌن تي درياهه مان ڦاٽ ڇڇي نڪتا هئا. انهن جي مٿان هٿرادو پليون ٺاهي انهن کي پار ڪيو ويو. هرهنڌ دشمن جا دستا کين گهيري ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا ۽ مٿن اوچتا حملا پئي ڪيائون. اجان انهي اٽانگي سفر جا 30 ميل پورا ٿيا تہ فوج کي مارچ ڪندي اطلاع مليو تہ، ”دشمن جا ڪٽڪ چئن ئي طرفن کان ڌوڪيندا اچن ۽ جيڪڏهن کين ٻہ ڏينهن ٻيا بہ واٽ ۾ لڳا تہ هن خوفناڪ موت جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پوندا.“ تنهن ڪري فوج کي حڪم مليو تہ، ”باقي رهيل سفر 24 ڪلاڪن اندر پورو ڪن.“ ٻئي ڏينهن شام تائين دشمن جا اڳواڻ دستا بہ اچي پهتا. پل تي پهچڻ لاءِ مقرر ڪيل وقت بہ اچي تنگ ٿيو. دشمن کان بچاءَ لاءِ هنن کي روشني ڪرڻ جي موڪل بہ ڪانہ هئي. اونداهيءَ ۾ هنن هيبتناڪ لڪن ۾ هلڻ جڻ ڏنو وائنو موت کي سڏ ڪرڻ هو. هزارين سپاهي انهيءَ مارچ ۾ اونداهي ۾ چپن تان ٿاٻڙجي هزارين فوٽ اونهين کاهين ۾ هميشہ لاءِ غائب ٿي ويا. بارود، هٿيارن ۽ رسد سان پريل هزارين خچر ۽ گهوڙا لڪن ۽ لانگهن جي ورن وڪڙن جو شڪار ٿي ويا. ٻئي طرف دشمن اوچتو سرچ لائٽون ڪٽي ٿي باريون جن ۾ انقلابي صاف ڏسڻ ۾ پئي آيا. تنهن ڪري کين فورن پنهنجو رستو بدلائي وڌيڪ خوفناڪ لانگهن تان هلڻو پيو.

25 مئي 1935ع تي فجر مهل انقلابي فوج رٿيل پروگرام مطابق لٽڪيل پل وٽ وڃي پهتي ۽ دشمن جي اوراڙ طرف واري مورچي تي وڃي قبضو ڄمايائين. پراڙين طرف لوتنگ جو شهر هو جنهن جي چوڌاري هڪ مضبوط ديوار هئي. جنهن جي مٿان مشين گنون ۽ توبون رکيل هيون لٽڪيل پل لوهي زنجيرن ۽ تختن جي ٺهيل هئي. هيٺ قطار ۾ زبردست زنجيرون ٽنگيل هيون.

انهن جي مٿان ڪاٺ جا شاهي تختا وڇايل هئا. هر هڪ پاسي وري ٻہ زنجيرون ٽنگيل هيون جن کي جهلي ماڻهو تختن تان ٻئي پاسي ايندا ويندا هئا. انقلابي فوج جي اچڻ شرط دشمنن انهن تختن کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو. هاڻي فقط پري پري زنجيرون پيئي لڏيون. انهن مٿان هلي درياهہ پار اڪرڻ امڪان کان ٻاهر ڳالهہ هئي. تنهن ڪانسواءِ درياهہ اُپ ڪپرو هو ۽ پراڙين طرف تمام اوچو هو. تنهن ڪري زنجيرن تان هلڻ مهل ائين ٿي لڳو ڄڻ ماڻهو ڪنهن جبل تي چڙهي رهيو هجي.

فوج کي حڪم جي بدران عام اعلان ڪيو ويو تہ "جيڪي جوان پنهنجي خوشيءَ سان هن پل تي قبضو ڪري ان کي اچ وڃ لائق بنائڻ جي سورهيائي واري ڪم ۾ حصو وٺڻ چاهين سي وڌي اچن." سيئي مڙس تيار ٿي ويا. انهن منجهان 23 چٽن کي چونڊيو ويو. پرئين پاسي جيڪا انقلابي ڊويزن پهچڻي هئي تنهن جو ڪم هو تہ مقرر وقت تي پهچي پراڙين پاسي دشمن جي مورچن تي حملو ڪري ۽ ڪين تيستائين رڌل رکي. پر ان ڊويزن تي واٽ هلندي دشمن جو زبردست حملو ٿي ويو جنهن ڪري اها روڪجي پيئي. تنهن ڪري انهي ڊويزن جي مدد ڪانسواءِ ڪاروائي شروع ڪئي ويئي. 4 وڳي شام جو 23 سورما تلوارون دستي بم ۽ مشين گنون ڪٽي درياهہ ۾ ٽپي پيا. دشمن پرئين پاسي کان چتي گولي بازي شروع ڪئي پر هي جوان ان آڳ جي بارش ۾ هڪڙي هٿ سان زنجيرن ۾ لٽڪندا ٻئي هٿ سان دستي بم اڇلائيندا، باهہ جي شعلن مان اپ ڪپريءَ تي چڙهندا ويا. سندن پويان ٻيو دستو تختا رکندو ويو. تنهن جي پنيان پيدل ريجمينٽ درياهہ پار ڪندي ويئي. سج لهڻ تائين اها ريجمينٽ درياهہ پار ڪري ويئي ۽ پراڙين پاسي جي ٻن ڊويزنن کي ڳترا ڳترا ڪري شهر تي قابض ٿي ويئي. ٿوري دير ڪانپوءِ پراڙين ڪناري کان جيڪا ڊويزن پئي آئي سا بہ اچي پهتي. ڪجهہ دستا پنيان دشمن کي روڪڻ لاءِ شهر ۾ ڇڏي باقي فوج پرهہ ڦٽيءَ کان اڳ ۾ اڳتي رواني ٿي ويئي. تان جو اها چاچنگ جبل جي برف سان ڍڪيل لڪن کي لتاڙي ٻاهر نڪري ويئي ۽ مائوڪنگ شهر وٽ مرڪزي فوج وچي چانگ ڪوتاؤ جي چوٿين محاذ واري فوج سان ملي ۽ ٻئي فوجون اتر طرف ڪوچ ڪرڻ لڳيون ۽ وڃي ماورڪائي شهر وٽ پهتيون.

# پارٽيءَ ۽ فوج اندر ڦوٽ

هاڻي هڪڙيءَ ٻي مصيبت منهن ڪڍيو. انقلابي فوج جي هاءِ ڪمان ۾ اندروني ڦيٽارو پئجي ويو. مائو هن لمبي، اٽانگي ۽ موتمار سفر تي هڪ سوچيل سمجهيل دورانديشيءَ واري پروگرام ڪي خيال ۾ رکي نڪتو هو. ان وقت جپان جون چين خلاف ارهه زورايون وڌي ويون هيون. ان چين جي سامونڊي ڪنارن ۽ اتر اوڀر وارن صوبن تي ناجائز قبضو ڪري ورتو هو. چيني عوام ۾ جپان خلاف سخت تاءُ هو. سندس مرضي هئي تہ جپان سان مقابلو ڪجي. پر چيني عوام جي دشمن يعني چيني وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن ۽ سندن حڪومت جپان جو ڪوبہ مقابلو نٿي ڪيو. سندن مرضي هئي تہ جپان کي پوءِ ڏنو ويندو. سڀ ڪان پهرين چيني هارين ۽ مزدورن جي انقلابي پارٽي ۽ انقلابي فوج جي پاڙ پٽي ناس ڪجي. ڪومنتانگ پارٽي ۽ خود ڪومنتانگ جي فوج اندر انهيءَ پاليسيءَ جا گهڻا مخالف هئا ۽ اها مخالفت روز بروز وڌي رهي هئي.

مائوءَ جو پروگرام هو تہ اتر اوڀر چين ۾ جتي جپان قبضو ڪريو وينو هو، اتي پهچي سڌيءَ طرح جپان سان مقابلو ڪجي ۽ ڪومنتانگ کي بہ مجبور ڪجي تہ هو انقلابي پارٽي ۽ انقلابي فوج سان لڙايون بند ڪري، جپان سان مقابلو ڪري. هن جو اندازو هو تہ ڪومنتانگ وارا اول هرگز اها ڳالهہ قبول نہ ڪندا ۽ انقلابي فوج کي هرحال ۾ پنهنجو بچاءُ ڪرڻو پوندو ۽ ساڳئي وقت جپان خلاف ڪارروايون ڪرڻيون پونديون. تان جو عوام چٽيءَ طرح ڏسندو تہ چيانگ ڪائي شيڪ سچ پچ ڪنهن سان ٿو وڙهي؟ چين جي دشمن جپانين سان يا اٽلو جپان سان وڙهندڙ چيني هارين ۽ مزدورن جي فوج سان! چيني عوام جڏهن ڪومنتانگ جي اصلي غداريءَ وارو روپ ڏسي وٺندو، تڏهن هو ان جو ساٿ ڇڏي اصل وطن دوست پارٽيءَ سان شامل ٿيندو. انهيءَ پروگرام جي راهہ ۾ تمام وڏيون رڪاوٽون ۽ خطرا هئا. ممڪن هو تہ انقلابي فوج ۽ پارٽي هڪڙي دشمن هٿان تباهہ ٿي مرٽينگ حالت ۾ جڏهن اتر چين پهچي، تڏهن ان تي هڪ طرف جپان تہ ٻئي طرف ڪومنتانگ جهڙيون ديوَ جيڏيون طاقتون حملو ڪن ۽ ڪين جنڊ جي ٻن پڙن ۾ پيهي اٽو ڪري ڇڏين. پر مائو کي پنهنجي انقلابي، سياسي ۽ جنگي حڪمت عملين ۽ حرفتن تي رُڪ جهڙو مضبوط ويساهہ هو ۽ ڪيس خاطري هئي تہ هو انهيءَ خوفناڪ آزمائش مان بہ پار پئجي ويندا. پر پارٽيءَ جي سيني

اڳواڻن ۾ ايڏو فهم ۽ ايڏي دورانديشي ۽ دانائي ڪانہ هئي. ماورڪائي شهر وٽ پهڪي چانگ ڪوتاؤ انهيءَ ڳالھ تي ضد ٻڌي بيٺو تہ اتر ڏانهن هلڻ جي بدران موٽ ڪائي سيڪانگ ۽ تبيٽ جي طرف هليو وڃجي، جتي ڪومنتانگ جي فوج پهچي ڪانہ سگهندي. في الحال اتي هلي دم پٽجي، پوءِ وري قسمت آزمائي ڪجي. مائو چيو تہ، ”اتي هلڻ مان وڌ ۾ وڌ رڳو اهو فائدو ٿيندو جو اتي هلي ڪجھ وقت سسي لڪائبي، پر جنهن فوج کي سواءِ لڪڻ ۽ ساھ بچائڻ جي ٻيو ڪو مقصد ڪونہ هوندو اها فوج ۽ پارٽي ازخود ختم ٿي ويندي.“

چين جي اتر طرف وچ واري علائقي ۾ شين سي ۽ ڪان سو جا صوبا آهن. انهن صوبن جي سرحد وٽ هڪ انقلابي اڏو ڪجھ زماني کان قائم ٿيل هو. مائو جي صلاح هئي تہ، ”ان اڏي ۾ هلي هيڊ ڪوارٽر ڪجي ۽ اتان جپان خلاف ڪاروايون ڪجن.“ چانگ ڪوتاؤ اها ڳالھ نہ مڃي. تان جو هو پنهنجي چوٿين محاذ واري فوج جو اڌ وٺي سيڪانگ صوبي ڏانهن نڪري ويو. نہ رڳو اها فوج هتان ويئي پر ان سان گڏ مائو جو جهوني ۾ جهونو ساٿي جنرل چُوتيھ جيڪو چنگ ڪانگ جبلن واري زماني کان وٺي ساٿس گڏ هو، سو بہ چانگ ڪوتاؤ جي چڪر ۾ اچي ساٿس گڏ هليو ويو.

نڪو ليکو ئي ٿيو، نڪو تتو ڏينهن،
تهان اڳي نينهن، چنو آتڻ وارين! (شاھ)

مائو پنهنجي باقي رهيل فوج وٺي منزلون ماريندو شينسي ۽ ڪانسُو وارن صوبن ڏانهن اڳتي روانو ٿيو.

# ڏٻٽين جي وڪڙ ۾

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ هو ڏکي ۽ گهاٽي گاھ جي زبردست ميدانن ۾ داخل ٿيا جنهن ۾ هر هنڌ خوفناڪ ڏٻٽيون هيون. ماڻهو هلندي هلندي سڌو هيٺ هليو ٿي ويو. پرسان ڪنهن ساٿيءَ بروقت ڪا لٺ هٿ ۾ ڏيئي ڇڪي ڪڍيو تہ واھ، نہ تہ اک ڇنڀ ۾ ماڻهو هيٺ غائب ٿي ٿي ويو. انهيءَ علائقي ۾ ”مان“ قبيلي جا غيرچيني وحشي قبيلا رهندا هئا. مائو جي فوج جتان جتان لنگهي ٿي. اتي غيرچيني قبيلن سان دوستيءَ ۽ پائپيءَ واري هلت هلي ٿي. اڳين چيني فوجن کان سندس هلت ابتڙ هئي. هنن ڪابہ قرلٽ نٽي ڪئي جيڪا بہ شيءِ خريد

ڪيائون ٿي، تنهن جي مناسب قيمت چانديءَ جي سڪن ۾ ڏنائون ٿي. انهيءَ ڪري هرهنڌ غيرچيني ماڻهن، ساڻن دوستاڻي هلت ڪئي. پر هي ”مان“ قبيلي وارا ماڻهو چينين جا اهڙا تہ ستايل هئا، جو هو چينين جي شڪل ڏسڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ هئا. انقلابي فوج جي اچڻ شرط هو پنهنجا مالن جا ڌڻ ۽ لڏا ڪاهي گاهن جي ٻيلي ۾ گم ٿي ٿي ويا. تنهن ڪري انقلابي فوج ڪي چانديءَ ۽ سون تي اَن، اٽو يا ٻيو رسد نہ ٿي ملي سگهيو. پاڻ جڏهن بہ هو ڪنهن ڏڪئي يا اٽانگي لڪ مان لنگهيندا هئا تہ اهي ”مان“ قبيلي وارا ماڻهو جبلن جي چوٽين تان لڪي لڪي، وني وڏين چپن ڪي هيٺ ڌڪيندا هئا ۽ سڄي علائقي ۾ چپن جو طوفاني مينهن وسڻ لڳندو هو ۽ تاڙو تاڙ مچي ويندي هئي. ان ڪان بچڻ لاءِ انقلابي سپاهي ڪنهن هنڌ پناهہ وٺندا يا لڪندا هئا تہ هو وري پنهنجن زهر ڀريل تيرن سان مٿن حملو ڪندا هئا. انقلابي فوج انهن علائقن جي هريل ڪونہ هئي. اتي ڊنڊ ۽ ڪوهيڙو اهڙو هوندو هو جو اک نہ ڏسي گوڏي ڪي. پر ”مان“ قبيلي وارا تہ ان ڊنڊ ۽ ڪوهيڙي ۾ ڇاوا نپنا هئا، سي وجهہ وٺي انقلابي سپاهين جي ٽڙيل پکڙيل ۽ ساٿ ڪان وڇڙيل ماڻهن ڪي ماريندا هئا. جڏهن وجهہ لڳندو هون تڏهن اچي انقلابي ڪيمپن تي اوچتا حملا ڪري، هن ڦريل لٽيل ۽ ماريل فوج جو رهيو کهيو سفر جو ثمر بہ لٽي ڪٽي ويندا هئا.

نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪو اَن اٽو انقلابي فوج وٽ هو سو ختم ٿي ويو. ماڻهو ۽ جانور بکن وگهي مرڻ لڳا. جڏهن سڀ جانور ختم ٿي ويا تڏهن چمڙي جا بوٽ ۽ پٽيون ٺهڪائي انهن جو پاڻي پيئڻ شروع ڪيائون. جڏهن اهي بہ ختم ٿي ويا تڏهن جهنگ جي گاهہ ۽ ٻوٽن ڪي اچي لڳا، جن مان ڪيترا ٻوٽا زهريلا هئا جن جي کائڻ سان ماڻهو اتي جو اتي چڙيون هڻي پورا ٿي ويندا هئا. فوج ۾ وبا ڦهلجڻ لڳي.

ايتري ۾ وري هڪڙي ٻي مصيبت منهن ڪڍيو. بارشون شروع ٿي ويون. بارشون بہ اهڙيون جيڪي ڏينهن جا ڏينهن هلنديون رهنديون هيون. هڪڙي اڳيئي ڦهر جي سردي هئي مٿان ٻوڙ ٻوڙان بارشون پيون، تنهن ڪري ماڻهو وٺي وٺي جمي ويندا هئا. چوطرف گپ ئي گپ گڏ ٿي پيئي جنهن ۾ زهر جا اثر هئا. ماڻهو فاقن، سيءَ، مينهن، مرضن جي گڏيل حملن ۾ مکين وانگر مرندا رهيا. ڪوبہ علاج ڪونہ هو. دوا درمل ڪڏهوڪا ختم ٿي چڪا هئا. هر مريض کي دوا بدران فقط گرم پاڻي ڏنو ويندو هو. ڏينهن جو سڄو ڏينهن دشمن جا هوائي جهاز

هنن جي تلاش ۾ هوندا هئا. تنهن ڪري هنن کي رات جو سفر ڪرڻو پوندو هو. ٽڪي چور ٿيل، فاقن ۽ مرضن جا ماريل سپاهي بيمار ۽ ڦٽيل ساٿين جا هڏاوان پيرا ڪڍي اڳتي وڌندا رهيا. هاڻ اصلوڪي هڪ لک فوج مان فقط ست اٺ هزار ماڻهو وڃي بچيا هئا. اڃا منزل اڳتي هئي. سامهون منشائن جبلن جون قطارون آيون. انهن کي پار ڪرڻ لاءِ ڪوبہ لک لانگهو ڪونہ هو. تنهن ڪري هنن اپرندين پاسي لات سي ڪائو واري لک جو رخ رکيو. اتان وري اتر طرف وڌيا ۽ ڪان سو صوبي ۾ داخل ٿيا. اتي دشمن جي هڪ زبردست فوج انتظار ۾ گس جهليو ويٺي هئي. مائو ائين ڏيکاءُ ڏنو ڄڻ تہ ان فوج سان دوبدو مقابلو ڪندو. هو تنگ سو شهر ڏانهن وڌيو. جتي دشمن جو هيڊ ڪوارٽر هو. پر عين ٽائيم تي هو گوهي ڏيئي وري اتر اوپر طرف هلڻ لڳو ۽ انهن علائقن مان لنگهيو جتي مسلمان رهندا هئا. انهن کين تنگ نہ ڪيو ۽ هو خير سان اڳتي نڪري ويا. هو هوئي تنگ ۽ تنگ چينگ شهر جي وچ تي هئا تہ اتي دشمن جي فوج اچي وڪوڙين پر انقلابي فوج بي جگريءَ سان لڙي. هن دفعي بہ دشمن جي گهيري کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي ۽ لويان جبل جي برف سان ڍڪيل چوٽين ۽ لڪن مان لنگهي هو آخر شينسي صوبي ۾ داخل ٿيا جيڪا سندن آخري منزل هئي. اهڙي طرح ستن هزار ميلن جو سفر ڪري، يارهن صوبن کي پار ڪري 22 ندين 28 جبلن جي قطارن کي چيري ۽ پنهنجي ساٿين جي نوَن پتين جي قرباني ڏيئي انقلابي فوج پنهنجي منزل يعني شينسي ۽ ڪانسو صوبن جي سرحد واري انقلابي اڏي ۾ پهچي ويئي. پر ڏنائون تہ اتي اڳيئي ويل ﺑﺮيو پيو هو. سندن نوان ميزبان خود زبردست گهيري ۾ هئا! انهن تي ٽن مهينن کان وٺي ڪومنتانگ فوجن جو گهيرو هو، جنهن کي ٽوڙڻ لاءِ هو سر ڌڙ جي بازي لڳائي رهيا هئا. جولاءِ 1935ع ۾ اهو گهيرو شروع ٿيو. هنن دشمن جون بہ برگيڊون ناس ڪيون. سيپٽمبر ۾ هڪ ٻئي انقلابي اڏي جي انقلابي فوج جو 25 آرمي ڪور اتان دشمن جو گهيرو ٽوڙي تمام وڏو چڪر ڪاٽي اچي شينسي ڪانسو انقلابي اڏي ۾ پهتو، جو ڪيس مرڪزي ڪميٽي طرفان اهڙو حڪم مليل هو. هاڻي ٻنهي فوجن گڏجي دشمن جو گهيرو ڪندڙ فوج تي جوابي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. تان جو آڪٽوبر ۾ مرڪزي فوج لانگ مارچ ڪري اچي هتي پهتي ۽ ٽنهي فوجن گڏجي دشمن جو گهيرو ڪندڙ فوجن کي ناس ڪيو.

# مائو جا ٻار

لانگ مارچ ۾ انقلابي مجاهدن جا ٻار ٻچا ٻہ گڏ هئا چاڪاڻ جو ڪومنتانگ وارا انقلابي مجاهدن کي تہ نھيو پر سندن ٻارن ٻچن کي بہ ڪونہ ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن بہ خبر پوندي هين تہ هي ٻار ٻچا فلاڻي انقلابي مجاهد جا آهن تہ انهن کي بي رحميءَ سان خون ڪري ڇڏيندا هئا. مائو جي پهرين زال مائو جي پيڻ سان گڏ چانگ شا ۾ ڪومنتانگ وارن شهيد ڪري ڇڏي. ان ڪانپوءِ هن ٻي شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس ٻہ پٽ هئا. لانگ مارچ واري سفر ۾ مائو جي زال پيٽ سان هئي ۽ پنهنجن ٻارن سان سفر پئي ڪيائين. واٽ تي جيڪي خوفناڪ مصيبتون ۽ مشڪلاتون انقلابي فوج ۽ ان جي قافلي وارن کي سامهون آيون، تن جي ڪري ٻارن جي جيئري بچڻ ۽ منزل تي پهچڻ جي ڪابہ اميد ڪانہ هئي. ان ڪري عيال دار انقلابي مجاهدن پنهنجا ٻار واٽ تي رحم دل ماڻهن کي ڏئي ڇڏيا تہ اسين بچون نہ بچون اهي بچي پون. مائو ۽ سندس زال بہ پنهنجا ٻہ پٽ ٻين ماڻهن کي ڏيئي ڇڏيا. اهي هنن وري ياعمر اکين ڪونہ ڏٺا. اڄ تائين سندن پتو ڪونہ پيو آهي تہ مري ويا يا بچيا چو تہ ان افراتفريءَ ۾ جيڪو جتي ٿي رهيو سو تتي ڄٽو. اولاد کي مائٽ جي ۽ مائٽ کي اولاد جي خبر ئي ڪانہ رهي. ننڍن ٻارن کي مائٽن جا نالا نشان ئي وسري ويا.

لانگ مارچ آڪٽوبر 1935ع ۾ پوري ٿي. ٻہ مهينا پوءِ لانگ مارچ تي تبصرو ڪندي مائو لکيو "ماڻهو پڇن ٿا تہ لانگ مارچ جي اهميت ڇا آهي؟ لانگ مارچ انسان ذات جي تاريخ ۾ پنهنجي قسم جي اڪيلي نرالي مارچ آهي. لانگ مارچ هڪڙو پڌرنامو آهي. هڪڙي تبليغي قوت آهي. هڪ ٻج ڇٽڻ جي مشين آهي. جڏهن کان ونئي آسمان ۽ ڌرتي وجود ۾ آيا آهن تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين انسان جي تاريخ هن لانگ مارچ جهڙي ٻي ڪا مارچ ڏٺي؟! ٻارهن مهينا سوين هزارين هوائي جهاز اسان تي روز چوڪسي ۽ بمباري ڪندا هئا. ڌرتي تي لکن جي فوج اسان کي گهيرا وجهندي هئي، پيڇا ڪندي هئي، اڌ ۾ روڪيندي هئي ۽ پڪڙيندي هئي. اسان کي بيان کان ٻاهر مشڪلاتون ۽ خطرا سامهون آيا پر اسان پنهنجي هنن ٻن ٽنگن سان 16 صوبا لتاڙي ست هزار ميل پنڌ ڪري اچي هتي پهتا آهيون . . . . لانگ مارچ جڻ تہ هڪ پڌرنامون آهي. ان سڄي دنيا کي اعلان ڪري ٻڌايو آهي تہ انقلابي فوج سورمن ۽ جوڌن جي فوج آهي، جنهن جي

سامهون ڏاريان سرمائيدار ۽ سندن چيانگ ڪائي شيڪ جهڙا شڪاري ڪتا خسيس ۽ بيوس آهن. لانگ مارچ هڪڙي تبليغي قوت به آهي. انهيءَ مارچ 46 صوبن جي 30 ڪروڙ عوام کي اعلان ڪري ٻڌايو آهي ته سندن آزاديءَ جو اهو ئي رستو آهي جيڪو انقلابي فوج ورتو آهي . . . . لانگ مارچ هڪڙي ٻج ڇٽيندڙ ناڙي آهي. انهيءَ 16 صوبن ۾ ٻي انداز اهڙا ٻج ڇٽيا آهن جيڪي اڳتي هلي ڦٽندا، پاڙون هٽندا ۽ پن ڪندا، گونچ ڪڍندا، ميوا جهليندا ۽ پلا فصل پيدا ڏيندا . . . .“

ان وقت لانگ مارچ جي ڪارنامن جي خود چين جي عام ماڻهن کي خبر ڪانه هئي. ڪومنتانگ وارن وٽي هلايو ته مائو ۽ ٻيا انقلابي اڳواڻ مارجي ويا آهن ۽ انقلابي فوج جو نالو نشان ڪونه بچيو آهي.

★

# باب پنجون

# ڪومنتانگ سان ٺاھ

★

ڪنھن جنھن گھيڙ گھڙي، جئن اُوتڙا تڙ ٽيوس،
سالم ويئي سوھٽي، ڪُنن ڪين ڪيوس! (شاھ)

## جپاني آفت سان مقابلو

جپان چين جي اوڀر ۾ ٻيٽن جو ھڪ ننڍو ملڪ آھي. ان زماني ۾ جپان ۾ جاگيرداري زمينداري نظام ختم ٿي چڪو ھو ۽ سرمائيداري عروج تي پھچي چڪي ھئي. گذريل 50 سالن ۾ جپان ڏسندي ڏسندي دنيا جي چوٽيءَ جي اقتصادي، سياسي ۽ بحري طاقت بنجي ويو ھو. 1905ع ۾ جپان روس جھڙي اجگر بلا کي موتمار شڪست ڏني ھئي. ھي پھريون مثال ھو جو ھڪڙي ايشيائي قوم يورپ جي ھڪ زبردست طاقت کي شڪست ڏني. ھاڻي امريڪا، برطانيہ، فرانس ۽ جرمني جھڙا زبردست سرمائيدار ملڪ بہ جپان کان ڪن ھڻڻ لڳا. انھيءَ ڪري جپان جي سرمائيدارن ۽ سندن چاڙتن فوجي جنرلن جو من تمام وڌيل ھو ۽ ھنن سڄي ايشيا تي قبضو ڪرڻ جا منصوبا پئي سٽيا. ھنن جون اکيون سڀ کان گھٽيون چين ۾ ڪتل ھيون. ھنن 1931ع کان وٺي چين جي علائقن تي آھستي آھستي زوري قبضا ڪرڻ شروع ڪيا. ان وقت تائين ھو اتر اوڀر چين جا چار صوبا ڳڙڪائي چڪا ھئا.

مائو وڏين اٽڪلن ۽ قربانين ۽ جاکوڙن سان پنھنجي انقلابي فوج جي مس ڪا ڍھين پتي چيانگ ڪائي شيڪ جي واڳوءَ واري وات مان بچائي آڻي اتر چين پھچائي ھئي. انھيءَ ماريل فوج جي باقي بچيل مٺ جيترن سپاھين سان ھن جپان جي فيل مست طاقت سان مقابلو ڪرڻ جو اعلان ڪيو! ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ سندس ھوش سالم ڪونہ ھو. چڻ تہ ”ڳوھ ڪي ڪتي ڪٽي تہ نھاري شڪارين جا

گهر!“ واري ڳالهه وانگر هٿ وٺي پاڻ کي ۽ پنهنجي بچيل ساٿين کي موت جي منهن ۾ ٽي ڏنائين.

پر سندس انهيءَ ظاهري خطرناڪ چريائيءَ ۾ وڏي دليريءَ واري دانائي هئي!

سچڻ سنيون ڪن، لوڪان ليکي ونگيون!
سنديون سيرين، پريون پروڙڻ ڏاڪڙو!! (شاهه)

گذريل 10 سالن کان مائو ۽ سندس ساٿي پنهنجا گهر گهاٽ عزيز قريب، ڳوٺ راڄ ڇڏي سر ترين تي رکي انقلابي جدوجهد جي ميدان ۾ ٽپي پيا هئا. مائو کي خبر هئي تہ رڳو هو اڪيلي سر يا سندس پارٽيءَ جا ميمبر ۽ سندس ننڍڙي فوج جا ماڻهو پنهنجي سر چيني عوام جي دشمنن يعني چيني وڏن زميندارن، سرمائيدارن ۽ سندن ڌارين آقائن سان وڙهي پهچي ڪونہ سگهندا. انهن جبل جيڏين طاقتن کي منهن فقط لکين ڪروڙين عوام ڏيئي سگهيا ٿي. سو بہ تڏهن جڏهن اهي عوام سچي ڳالهہ سمجهن، دشمن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڻ ۾ ٻڌي ڪن، هڪڙي تنظيم جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿين، ۽ دشمن خلاف هٿيار کڻي صحيح نموني ساڻن جنگ ڪن.

پر چيني عوام جي وڏي گهڻائيءَ کي اڃان اها خبر ئي ڪانہ هئي تہ سندن اصلي دوست ۽ اصلي دشمن ڪير آهن. گهڻا چيني وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن جي سرڪار جي پروپيگنڊا تي وسهي ويا هئا ۽ سچ پچ سمجهندا هئا تہ چيانگ ڪائي شيڪ عوام جو عظيم قائد ۽ انقلابي اڳواڻ آهي. هو سندس عوام دشمن ۽ غدار ٽولي کي عوام جي پارٽي سمجهندا هئا ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ کي فسادين ۽ ڌاڙيلن جو ٽولو ڪري سمجهندا هئا!

لنگوتاڙي لوءِ ۾، جنين لاءِ تياس،
تنين تان تر جيترو، پلڪ نہ پڇياس،
مارن مَنجهہ مُياس، نہ تہ ماڙين ماريس ڪينڪي! (شاهه)

هوڏانهن خود چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي سياسي سمجهہ بہ اڃا سورهن آنا پختي ۽ سالم ڪانہ هئي، جيتوڻيڪ هنن پنهنجون عمريون انقلابي جدوجهد ۾ ڳاريون هيون ۽ لاهيون چاڙهيون ۽

سرديون گرميون ڏسيو وينا هئا، پر تڏهن به مائو ڏٺو ته سندن دماغن جي ڪنڊن پاسن ۾ اجا به ڪيترائي غير انقلابي خيال ۽ لاڙا ۽ سوچ جا غلط طريقا موجود هئا.

چيني عوام جي آزاديءَ جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ اها هئي. نه ته هونئن منجهن همت ۽ مڙسيءَ جي ڪمي ڪانه هئي.

انهيءَ اڻ ڄاڻائيءَ ۽ بي عقليءَ جي پهاڙ کي عوام جي رستي تان هٽائڻ لاءِ مائو جي اعليٰ دماغ ۾ ڪيترا يڪ ٽڪ ۽ مجرب نظرياتي، سياسي، اقتصادي، فوجي ۽ تنظيمي نسخا هئا. پر اڳي سندس ڪنهن به نٿي ٻڌي. هاڻ هو پارٽيءَ جو مجيل اڳواڻ هو. هاڻي هن انهن نسخن کي استعمال ڪري انهيءَ ٽڪر کي آهستي آهستي ٽُڪي ٽُڪي پورا ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪيو.

ور ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن ور وڏو ڪيو،
نهاريندي نڪري، ٻوٽن ڪارڻ ٻر،
آڏو ٽڪر ٽر، متان روهه! رتيون ٿين! (شاهه)

# ٻه طرفي چڙهائي!

هن هڪ باقائدي ٻه طرفي سياسي مهم ۽ چڙهائي شروع ڪئي. هڪڙي طرف هن پنهنجي پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي ذهنن کي صاف ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي ته ٻئي پاسي اهڙا سياسي قدم کنيائين جو چيني قوم پنهنجي اکين سان ڏسڻ لڳي ته سندس رت ڏيڻ وارا مجنا ڪهڙا آهن ۽ ڪُتي ڪائڻ وارا مجنا ڪهڙا!

مائو ۽ سندس انقلابي فوج آڪٽوبر 1936ع ۾ ”يي نان“ پهتي. ڪجهه وقت ڪين دشمن جي گهيري کي ٽوڙي ۽ ٿانيڪي ٿيڻ ۾ لڳو. ٻن مهينن ڪانپوءِ وايا چائو جي ڳوٺ ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽي جي سياسي ڪميٽي جي ميٽنگ سڏائي ويئي. 27 ڊسمبر 1936ع تي مائو پارٽيءَ جي سرگرم ڪارڪنن جي اجلاس ۾ پنهنجي سياسي رپورٽ پيش ڪئي. ان جو عنوان هو ”جپاني سامراجين سان مقابلي لاءِ چالون.“ انهيءَ رپورٽ ۾ هن پنهنجي پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي پنهنجي نئين انقلابي سياسي حڪمت عملي ۽ چالن کان واقف ڪيو.

هن رٿ ڏني ته، ”چين ۾ جپان خلاف هڪ انقلابي قومي گڏيل محاذ ناهڻ لاءِ جدوجهد ڪجي ۽ اهڙي مهم ۽ تحريڪ هلائڻ گهرجي جو خود ڪومنتانگ پارٽي مجبور ٿي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان لڙائي بند ڪري ساڻس ناهه ڪري ۽ سڀ گڏجي جپان سان مقابلو ڪريون. پوءِ چيني عوام ڪي پاڻيهي خبر پئجي ويندي ته سندن پاران سچو سر ڏيندڙ ڪير ۽ سڪڻو نعري باز ڪير آهي.“

ڪومنتانگ سان ناهه ڪرڻ جي رٿ ٻڌي هر انقلابي ڪارڪن جي اکين ۾ ڄڻ رت اچي ويو. ڪين پنهنجا اهي لکين ساٿي ياد هئا جنکي چين جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين بي درديءَ سان قتل ڪيو ويو هو. ڪين پنهنجا برباد ٿيل اباڻا گهر گهاٽ ياد هئا. سندن رُلي دربدر ٿي مئل ٻار ٻچا مٽ مائٽ عزيز قريب ياد هئا. هو ڪومنتانگ ۽ وچولي طبقي تي وري ڀروسو ڪرڻ ۽ ان سان نهڻ لاءِ هرگز تيار نه هئا.

پر مائو ڪين چيو ته ”پنهنجي ڀهرين وفاداري چيني عوام ۽ چيني انقلاب سان آهي ۽ نه پنهنجي ذات سان. هن وقت دشمن جي ڪيمپ ۾ ڦوٽ آهي. وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن جو هڪ حصو صاف غداري ڪرڻ گهري ٿو ۽ جپان اڳيان پيش پوڻ گهري ٿو. ٻيو حصو ٻڏتر ۾ آهي. ڪڏهن پيش پوڻ ڏانهن مائل آهي ته ڪڏهن مقابلي ڏانهن. وچولو طبقو ڪومنتانگ جي پاليسي کان خوش ناهي، جو چيانگ جپان سان مقابلو نٿو ڪري. خود چيانگ ڪائي شيڪ جي فوج جا ڪيترا جنرل، آفيسر ۽ سپاهي به انهيءَ ڳالهه تان ناراض آهن. انهيءَ ڪري قومي انقلاب جي ڪئمپ مضبوط ٿي آهي ۽ انقلاب دشمنن جي ڪئمپ ڪمزور ٿي آهي.“

”پر انقلابي قوتون اجان ايڏيون مضبوط ناهن جو اهي اڪيلي سر چين جي اندروني توڙي ٻاهرين دشمنن کي منهن ڏين. انڪري انقلابي قوتن کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ وڏو گڏيل انقلابي قومي محاذ قائم ڪرڻ گهرجي. هينئر وڏا زميندار، سرمائيدار ۽ وچولو طبقو پاڻ کي اڳي وانگر دوکو ڏيئي ڪونه سگهندا جو پاڻ وٽ هينئر هڪ مضبوط ڪميونسٽ پارٽي ۽ آزمايل انقلابي فوج آهي.“

ڪيترا ڏينهن سخت بحث مباحثو ٿيندو رهيو. آخر وڏي ڪشمڪش ڪانپوءِ مائو جي نئين سياسي لائين کي پارٽيءَ طرفان منظور ڪيو ويو. اها پاليسي طي

ڪري ڪارڪنن کي سمجهائڻ ۽ پنهنجي گهر کي مضبوط ڪرڻ ڪانپوءِ مائو ڪومنتانگ تي نفسياتي ۽ سياسي چڙهائي شروع ڪئي.

انقلابي فوج فورن پنهنجا دستا جپان سان مقابلي لاءِ موڪليا. اهي پيلو درياهه ٽپي جپان جي والاريل علائقن ۾ گهڙي پيا ۽ دشمن جي پٺ ۾ وجي سندس رسد ۽ سامان جون لائينون ٽوڙڻ لڳا. هنن جپانين تي موتماري ڪاريون ضربون هنيون. سندن هوشياري ۽ بهادريءَ جي هاڪ چيني عوام ۾ پکڙجڻ لڳي.

چيانگ ڪائي شيڪ کان اها ڳالهه سٺي نه ٿي. تنهن هڪ طرف انهن انقلابي دستن تي حملو ڪيو ته ٻئي طرف خود انقلابي اڏي جو گهيرو ڪرايائين. مائو کي اڳ ۾ ئي خبر هئي ته چيانگ ضرور ائين ڪندو. هن فوج کي حڪم ڏنو ته جپان سان لڙائي بند ڪري انقلابي اڏي ڏانهن موٽي اچي ان جو بچاءُ ڪريو.

5 مئي 1936ع تي انقلابي فوج جي هاءِ ڪمان ڪومنتانگ سرڪار جي فوجي ڪائونسل سندس بري، بحري ۽ هوائي فوجن توڙي چين جي سمورين سياسي پارٽين، گروپن ۽ تنظيمن ۽ اخبارن کي هڪ تاريخي تار موڪلي ڪين مٿين واقعي جو اطلاع ڏنو ۽ چيو ته هن قومي خطري جي گهڙيءَ ۾ اسين پنهنجي سيني پائرن سان گهرو جهيڙا وساري ساٿن ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي دشمنن سان وڙهڻ لاءِ تيار ۽ ٻي چين آهيون پر چيانگ ڪائي شيڪ نه پاڻ ٿو جپان سان وڙهي ۽ نه ٻين کي ٿو ان سان وڙهڻ ڏي. توهان سيني جو فرض آهي ته گهرو جنگ بند ڪرائڻ ۽ قومي اتحاد قائم ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ونو ۽ پنهنجي ملڪ کي بچايو. نه ته قوم کي زبردست نقصان رسندو ۽ چيني عوام چيانگ ڪائي شيڪ ۽ اوهان سيني کي اهو ڏوهه ڪڏهن به معاف نه ڪندا.

ان جي جواب ۾ چيانگ ڪائي شيڪ اعلان ڪيو ته ملڪ کي مضبوط مرڪز ۽ مڪمل اتحاد جي ضرورت آهي، تنهنڪري چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ انقلابي فوج هٿيار ڦٽا ڪري مرڪزي حڪومت جي تابعداري قبول ڪري پوءِ سڀ گڏجي جپان سان وڙهون.

25 آگسٽ 1936ع تي وري مرڪزي ڪميٽيءَ ڪومنتانگ جي مرڪزي ڪميٽيءَ ڏانهن خط لکيو ته هڪ جپان دشمن گڏيل قومي محاذ، گڏيل قومي فوج ۽ گڏيل قومي سرڪار قائم ڪئي وڃي. انهن تارن ۽ خطن ڪانسواءِ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ ناهه جي ڳالهين لاءِ ڪومنتانگ ڏانهن ڪيترا پيرا پنهنجا

نمائنده بہ ڏياري موڪليا. پر چيانگ ڪائي شيڪ کي پنهنجي فوجي طاقت ۽ عوام ۾ مقبوليت تي ناز هو. هن وري بہ اهائي گهر ڪئي تہ هٿيار ڦٽا ڪري پيش پئو. چيانگ ڪائي شيڪ جي اها روش چين جي سمجهو ۽ وطن دوست ماڻهن کي نہ وڻي ۽ چين جي ڪيترن شهرن ۾ شاگردن انهيءَ روش خلاف مظاهرا ڪيا. خود چيانگ جي فوج جيڪا جپانين جي حملن جو شڪار هئي تنهن ۾ بہ ناراضگي وڌڻ لڳي. هنن ڏٺو پئي تہ چيانگ جاٽي واٽي "شير شاهہ جو شڪرو گهر جا ڪڪڙ ماري" واري ڳالهہ وانگي اصل دشمن ڇڏيو سدائين رڳو گهر جي ماڻهن سان پيو وڙهي.

# چيانگ جي گرفتاري

جنرل چيانگ سوي ليانگ ڪومنتانگ جي اتر اوير فوج جو ڪمانڊر هو ۽ جنرل يانگ هو چينگ سندس 17 روٽ آرمي جو ڪمانڊر هو. اهي ٻئي فوجون جپاني دشمن جي سڌي ٽڪر ۾ هيون. ڪين هر وقت انديشو هو تہ جپاني فوجون ڪنهن بہ مهل چال ڏيئي ڪين نپوڙي رکنديون. مائو انهن ڪومنتانگ جنرلن ڏانهن ماڻهو موڪليا ۽ ٻنهي ڪمانڊرن کي انقلابي قومي گڏيل محاذ ناهڻ جي رٿ پسند آئي. هنن چيانگ ڪائي شيڪ کي لکي موڪليو تہ ضد ڇڏي چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ انقلابي فوج سان ناهہ ڪري، جپان خلاف گڏيل قومي محاذ ناهي. پر چيانگ ڪائي شيڪ نہ مڙيو ۽ اٽلو سيان جي شهر ۾ جپان جي مخالفت ڪندڙ چيني نوجوانن جو قتل عام ڪرايائين. انهيءَ تان ڪاوڙجي ٻنهي جنرلن پاڻ ۾ هم صلاح ٿي 12 ڊسمبر 1936ع تي چيانگ ڪائي شيڪ جي هيڊ ڪوارٽر تي اوچتو حملو ڪري کيس سيان ۾ گرفتار ڪري قيد ڪيو. انهيءَ واقعي سڄي چين ۾ بلڪ سڄي دنيا ۾ سنسني ڦهلائي ڇڏي. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ اندر جيڪي ابهرن خيالن وارا انقلابي هئا تن سوچيو تہ چيانگ ڪائي شيڪ کان انتقام وٺڻ ۽ کيس سندس ڪيتي جي سزا ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي. هنن رٿ ڏني تہ باغي جنرلن کي چئي چيانگ کي ڦاسي ڏيارجي ۽ پوءِ انقلابي فوج هڪدم ڪومنتانگ فوجن تي عام ۽ ڀرپور حملو شروع ڪري ڇڏي. پر مائو کي چيانگ ڪائي شيڪ جي سڪٽي سر جي گهرج ڪانہ هئي.

هن هر ڳالهہ کي ان ڪسوٽيءَ تي پرکيو ٿي تہ ان مان چيني قوم جي عظيم ۽ دائمي مقصدن کي ڪهڙو نفعو نقصان ٿيندو. ٻئي طرف ڪومنتانگ ۾

ڪيترا جنرل اندر ئي اندر چيانگ ڪائي شيڪ جا رقيب هئا. سي صلاحون ڪرڻ لڳا تہ باغي جنرلن تي حملو ڪجي. دل ۾ سوچيائون تہ باغين تي حملو ڪبو تہ اهي ازخود ڪاوڙ ۾ اچي چيانگ ڪي قتل ڪري ڇڏيندا. هوڏانهن باغي جنرل ازخود چيانگ ڪي قتل ڪرڻ جي خيال ۾ هئا. پر مائو ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ڏکهي نظر ڏاري وچان پئي ٻنهي ڌرين جون پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرايون. ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان سندس سياسي نمائندو چو اين لائي ڌرين سان مليو.

آخر چيانگ ڪميونسٽ پارٽيءَ جون تجويزون قبول ڪيون. اهو ٺاهہ ٿيو تہ (1) گهرو لڙائي بند ڪري سڀ گڏجي جپان سان وڙهنداسون. (2) حڪومت نئين سر ناهي ويندي جنهن ۾ سڀني ڌرين جا نمائندا شامل ڪيا ويندا. (3) سياسي آزاديون بحال ڪيون وينديون ۽ (4) سياسي قيدي آزاد ڪيا ويندا. (5) قوم جي نجات ڪانفرنس سڏائي ويندي جنهن ۾ سڀني وطن دوست جماعتن تنظيمن، گروهن ۽ فوجن جا نمائندا شريڪ ڪيا ويندا وغيره. انهيءَ ٺاهہ ڪان پوءِ چيانگ ڪائي شيڪ کي آزاد ڪيو ويو.

## جنگ بندي

چيانگ ڪائي شيڪ ان ڪان اڳ شينسي ڪانسو جي مرڪزي انقلابي اڏي تي حملو ڪرڻ لاءِ جيڪي فوجون اڳ موڪليون هيون، سي ٺاهہ ٿيڻ ڪان پوءِ واپس گهرائي ورتائين باقي ٻين شرطن تان ڦري ويو. تڏهن بہ انقلابي اڏي ۽ انقلابي فوج کي اٺن سالن جي لمبي گهيري کان پوءِ مس مس ڪجهہ وقت ساهي پٽڻ جو موقعو ملي ويو. اها مائو جي نئين سياسي لائين جي بنيادي فتح هئي.

## انقلابي عوامي فوجي سائنس جو باقاعدي بنياد رکڻ

چيانگ ڪائي شيڪ جي فوج جرمنيءَ ۽ جپان جي فوجي حڪمت عمليءَ جو انڌو نقل پئي ڪيو. اها حڪمت عملي انهن ملڪن جي حالتن ۽ وسيلن موجب ٺيڪ هئي پر چين جي حالتن ۽ وسيلن جي خيال کان غلط هئي.

هوڏانهن جپان جن علائقن تي قبضو ڪيو هو تن ۾ رهندڙ چيني عوام ۾ جپان جي ظلمن خلاف سخت غصو هو. هنن جپان ڪان وير وٺڻ تي گهريو پر ڪين خبر نٿي پئي تہ ڇا ڪريون ۽ ڪيئن ڪريون. انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ

مائو ڊسمبر 1936ع ۾ ڪتاب لکيو. ان جو نالو آهي ”چين جي انقلابي جنگ ۾ حڪمت عملي جا مسئلا“ اهو ڪتاب عوام جي انقلابي فوجي سائنس جي پيڙهه جو پٿر آهي. ان ۾ هن سڄي دنيا جي جنگي تاريخ ۽ خاص ڪري خود چين جي جنگي تاريخ جا مثال ڏيئي سمجهايو آهي ته جنگ ۾ ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪجي تنهن جو دارومدار انهيءَ ڳالهه تي آهي ته اها جنگ ڪير ٿو لڙي؟ ڪنهن سان ٿو لڙي؟ ڪهڙي زماني ۾ ٿو لڙي ڪهڙي مقصد لاءِ ٿو لڙي ۽ ڪهڙين حالتن ۾ ٿو لڙي. انهن سڀني ڳالهين کي خيال ۾ رکي هن سيکاريو ته چين جي انقلابي فوج ٿورائيءَ ۾ هوندي به عوام جي مدد سان ڪيئن پاڻ کان ڏاڍي ۽ گهڻي فوج سان ڪامياب لڙائي ڪري سگهي ٿي. اهو ڪتاب چيني عوام جي لاءِ جپان خلاف تمام ڪارائتو هٿيار ثابت ٿيو. چيانگ ڪائي شيڪ تي وڏيڪ سياسي دٻاءُ وجهڻ ۽ عوام جون اکيون کولڻ لاءِ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ ڏهين فيبروري 1937ع تي ڪومنتانگ جي مرڪزي ڪميٽي ڏانهن هڪ تار موڪلي، جنهن ۾ چيائون ته جيڪڏهن اوهين ڊسمبر 1936ع ۾ ڪيل ناهه جا شرط پورا ڪرڻ لاءِ تيار هجو ته اسين به ڪومنتانگ خلاف هٿياربند بغاوت جون ڪاروايون بند ڪنداسين. شينسي ڪانسو واري انقلابي حڪومت کي آئنده چين جي خاص علائقي جي حڪومت ڏينداسين ۽ انقلابي فوج کي سرڪاري فوج جو حصو سڏينداسين ۽ ٻنهي کي مرڪزي سرڪار ۽ سندس فوجي ڪائونسل جي ماتحت تسليم ڪنداسين. زميندارن جون زمينون ضبط ڪرڻ جو پروگرام بند ڪنداسين ۽ هڪ گڏيل جپان دشمن متحده محاذ جي پروگرام تي عمل ڪنداسين.

انهيءَ آڇ دشمن جي ڪئمپ ۾ ڦڙڦوٽ ۽ تفرقو وجهي ڇڏيو.

ڪومنتانگ اندر هڪڙو ٽولو ڪلم ڪلا جپان جو حامي هو. ان جو اڳواڻ وانگ چنگ وي هو. اهي چوڻ لڳا ته ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ناهه ڪرڻ بدران بهتر آهي ته جپان سان ناهه ڪجي ۽ ان کي ڪجهه علائقا ڏيئي راضي ڪجي. ٻئي طرف جپان ڏنو ته چين اندر گهرو لڙائي بند ڪرڻ جي تحريڪ زور وٺي رهي آهي. ڪيس اچي ڊپ ورتو ته مبادا سڀ چيني پاڻ ۾ ٻڌي ڪري اسان سان مقابلو ڪن. تنهنڪري هن ڪومنتانگ سان ٽڏيون منيون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ چوڻ لڳا ته اسانجي چين سرڪار سان ڪابه بنيادي دشمني ڪانهي. اسين ڪومنتانگ سان باعزت ناهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

جپان جي انهيءَ اٽڪل وانگ چنگ وي واري جپان پرست ٽولي کي هٿي ڏني. چيانگ ڪائي شيڪ به وڏيڪ شير ٿي ويو ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ کي شوخي ڏيکارڻ لڳو.

اها حالت ڏسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نرم توڙي گرم ڌارا وارا ڪارڪن منجهي توائي ٿي ويا. ڪين خيال ٿيو ته متان جپان ۽ ڪومنتانگ ٻئي پاڻ ۾ ٺهي گڏجي چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ انقلابي فوج کي ڪچلي ڇڏين. مائوزي تنگ انهن انديشن کي لاهڻ لاءِ مئي 1938ع ۾ پارٽي جي قومي ڪانفرنس سڏائي ۽ ڪارڪنن کي سمجهايائين ته ڪومنتانگ امريڪي ۽ انگريز سرمائيدارن جي هٿ جو باز آهي. جپان جيستائين انهن جي آڻ نه مڃي آهي تيستائين هو چين ۾ سندس مقابلو ضرور ڪرائيندا. تنهنڪري جپان ۽ چين جي جنگ ضرور وڌڻي آهي ۽ گڏيل قومي محاذ جي ضرورت قائم رهندي. پاڻ کي ان محاذ جي اڳواٽي ڪرڻ گهرجي پر تنگ نظر ۽ فرقي پرست ٿيڻو ناهي. لڪين ڪروڙين عوام سان اتحاد ڪرڻو آهي. ساڳي وقت ڪومنتانگ جو پيچ ٿي لٽڪڻو به هرگز ناهي ۽ نه پنهنجي طبقاتي موقف کي ڪنهن به صورت ۾ ترڪ ڪرڻو آهي. پارٽيءَ کي بنيادي انقلابي تعليم ڏيڻ، پارٽيءَ اندر غلط ۽ منجهيل خيالن ۽ نظرين جي پاڙ پٽڻ لاءِ مائو پارٽيءَ کي انقلاب جي بنيادي ڪان بنيادي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. هن انقلابي فلسفي جي علم تي ٻه زبردست ڪتاب لکيا. انهن جا نالا آهن "عمل" ۽ "تضاد". انهن ڪتابن ۾ مائو تمام سادن سودن لفظن ۽ سولي نموني ۾ بلڪل بنيادي انقلابي ڳالهيون ۽ نڪتا سمجهايا.

## جپان سان باقاعدي جنگ

ٻه مهينا پوءِ مائوءَ واري ڳالهه سچي ٿي. جپان ڪجهه وقت منيون منيون ڳالهيون ڪري ڪومنتانگ کي غافل ڪري ۽ چين ۾ سياسي تفرقو وجهي پوءِ 7 جولائي 1937ع تي اوچتو پيڪنگ جي پرسان ليوڪوچائو جي فوجي چانوٽيءَ تي حملو ڪري ڏنو. انهيءَ حملي مان صاف ظاهر ٿي ويو ته جپان سڄي چين تي قبضو ڪرڻ گهري ٿو. ان واقعي جي ٻئي ڏينهن چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ هڪ پڌرنامو شايع ڪيو ۽ سڄي قوم کي جپان سان مقابلو ڪرڻ لاءِ للڪاريو ۽ ڪومنتانگ کان مطالبو ڪيو ته جپان جي غلامي قبول ڪرڻ

جو خيال دل مان ڪڍيو وڃي. جپان پرست غدارن جو تڏو پٽيو وڃي. ڪميونسٽ پارٽي ۽ ڪومنتانگ جو اتحاد مضبوط ڪيو وڃي.

چيانگ ڪائي شيڪ 9 ڏينهن ماٺ ڪيو ويٺو هو. 10 ڏينهن کان پوءِ هن تمام ٿڌن ۽ ڦلهڙن اکرن ۾ جپان جي مذمت ڪئي. پر اهڙو اشارو بہ ڏنائين تہ هو ناهہ لاءِ تيار آهي. 23 جولائي تي مائوزي تنگ هڪ بيان ۾ چيانگ ڪائي شيڪ جي انهيءَ ڦلهڙي بيان تي تنقيد ڪئي ۽ مطالبو ڪيائين تہ ڦلهڙي پاليسي ترڪ ڪري جپان سان سر ڌڙ جي بازي لڳائي مقابلو ڪيو وڃي. هن ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان جپان سان مقابلي لاءِ اٺن نقطن جو پروگرام پيش ڪيو.

مهيني ڪانپوءِ 25 آگسٽ 1937ع تي مائو جپان سان جنگ ڪرڻ لاءِ هڪ مفصل سياسي، اقتصادي ۽ فوجي پروگرام پيش ڪيو. نيٺ ڪجهہ عوام جي مطالبي کان مجبور ٿي ۽ ڪجهہ امريڪا برطانيہ جي زور ڏيڻ تي چيانگ آخر لاچار ٿي جپان خلاف باقائدي جنگ جو اعلان ڪيو. 22 سيپٽمبر 1937ع تي هن ڪميونسٽ پارٽيءَ کي تسليم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. مائو چيانگ تي عوام جو دٻاءُ وڌائڻ جي مهم باقائدي جاري رکي. 29 سيپٽمبر 1937ع تي هن هڪڙو بيو وڏو مقالو لکيو جنهن ۾ ڪومنتانگ کي چيائين تہ گڏيل قومي محاذ کي وڌايو ۽ ان ۾ سيني جپان دشمن وطن دوست سياسي، سماجي ادبي تنظيمن ۽ مزدورن، هارين شاگردن واپارين ۽ ٻئي عوام جي نمائندن کي بہ شامل ڪريو فقط ڪومنتانگ سرڪار ۽ سندن فوج جنگ لڙندا تہ ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيندو. تنهنڪري جنگ کي ڦيرائي عوامي جنگ بنايو ۽ سڄي قوم کي ان ۾ شريڪ ڪريو. گڏيل محاذ لاءِ باقائده سياسي پروگرام ناهيو ۽ ان تي عمل ڪريو.

## ڪومنتانگ جي جوابي پروپيگنڊا مهم

نومبر 1937ع تائين جپان، پيڪنگ ٽينٽ سين، شانگهائي ۽ ٻين اهم وڏن شهرن تي قبضو ڪري ورتو، انهيءَ تي سڄي چيني قوم ۾ زبردست غم ۽ غصي جي لهر ڊوڙي ويئي. هاڻي ڪومنتانگ جپان جو مقابلو مڙيئي ڪجهہ سنجيدگيءَ سان ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ ڳالهہ جو فائدو وٺي ڪميونسٽ پارٽي ۽ سندس انقلابي فوج جي خلاف زبردست سياسي مهم شروع ڪري ڇڏي. هنن اها پروپيگنڊا هلائي تہ قوم خطري ۾ آهي تنهنڪري ڪميونسٽ پارٽيءَ کي گهرجي تہ هوءَ طبقاتي جنگ بند ڪري ۽ پنهنجي الڳ فوج ۽ پارٽي ختم ڪري

عوامي سرڪار سان ملي هڪ ٿي وجي. انهيءَ پروپيگنڊا جو عوام تي ته ٺهيو پر خود پارٽيءَ جي نرم ڌر وارن تي به اثر ٿيو. مائو انهيءَ خيال جي زبردست مخالفت ڪئي ۽ پارٽيءَ کي تعليم ڏنائين ته، ڪميونسٽ پارٽي ۽ سندس انقلابي فوج ختم ٿيا ته پوءِ چيني قوم جي جپان سان مقابلي ڪرڻ جي اميد ازخود ئي ختم ٿي ويندي. هن چيو ته جيڪڏهن چيني عوام کان سندن انقلابي پارٽي ۽ انقلابي فوج کسجي ويا ته پوءِ جڻ وٽس ڪجهه به ناهي. چيانگ ڪائي شيڪ ٽولي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي خلاف ڪليل پروپيگنڊا سان گڏ اندران اندر ڳجها ڪاٽ به پئي هنيا. هنن گڏيل محاذ جو فائدو وني ڪميونسٽ ڪارڪنن جون خوشامندون ڪري ڪين وڏن عهدن، پگهارن ۽ عيش عشرتن جون لالچون ڏنيون. ڪي ڪارڪن جي هونئن سر ترِيءَ تي رکي وڙهيا هئا ۽ ڪنهن به ڊپ ۽ دٻاءَ ۾ اچڻ وارا ڪونه هئا. سي خوشامند ۽ لالچ جو شڪار ٿيڻ لڳا. پر گهڻا ڪارڪن رشوت ۽ لالچ ۾ ڪونه ڦاٿا ۽ پنهنجي جدوجهد ۾ اڏول ۽ ثابت قدم رهيا:

ڪر ڪاريندو سي، مانو جن پريتڙو،
جوش جلايا جي، ماري تن مات ڪيو.

ڪومنتانگ پنهنجي چالاڪ ۽ قابل جاسوسن جا ولر به انقلابي اڏي اندر موڪليا جن اتي وجي ڦوٽ وجهندڙ پروپيگنڊا هلائي ڏڦيڙ ۽ فتنا پيدا ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون.

## قومي مايوسيءَ ۽ خوش فهميءَ خلاف تعليم

مئي 1938ع ۾ مائو جنگ جي مسئلي تي ٻه تمام اهم ڪتاب لکيا. هڪڙي جو نالو هو ”جپان خلاف گوريلا جنگ جي حڪمت عمليءَ جا مسئلا“ ٻيو هو ”اينگهائيندڙ لمبي جنگ“. جپان جو زور ڏسي ڪيترن چينين جون دليون مايوس ٿي ويون هيون. سندن خيال هو ته جپان جهڙي فيل مست طاقت سان پهچڻ ناممڪن آهي ۽ چين کي آخر پيش پوڻو پوندو. وري ٻين جي دل ۾ اهي خيال هئا ته جپان ڪهڙي شي آهي؟ چيني گڏجي هڪڙو يڪو حملو ڪن ته جپان وجي ڍيري ٿيندو. مائو انهيءَ مايوسيءَ وارن تـوڙي اجائي اميد وارن خيالن جي مخالفت ڪئي ۽ چيائين ته نه چين غلام ٿيندو ۽ نه جپان هڪدم شڪست کائيندو. جنگ لمبي ٿيندي ۽ نيٺ فتح چين جي ٿيندي. ڪومنتانگ جي

پروپيگندا جي اثر هيٺ اچي پارٽيءَ جي ڪيترن ڪارڪنن جو اهو خيال ٿيو تہ جپان سان دوبدو مقابلو پيو ٿئي فتح يا شڪست جو دارومدار باقاعدي جنگ تي هوندو تنهنڪري گوريلا لڙائيءَ واري هلڪي پڇ ڊڪ مان ڪي ڪون ورندو. اها بند ڪري ڇڏڻ کپي. مائوءَ انهن ڪتابن ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ جپان سان جنگ ۾ گوريلا لڙائي ڪي اهم پارٽ ادا ڪرڻو آهي.

ڪن ڪارڪنن ڪي اهو بہ اچي خيال ٿيو تہ ڪومنتانگ وارا چون برابر سچ ٿا. هاڻ جڏهن ڪومنتانگ سان گڏ آهيون تہ پنهنجي الڳ فوج رکڻ جو ڪهڙو فائدو؟ ڪومنتانگ سان جيڪي بہ اختلاف آهن سي پرامن قانوني ۽ جمهوري طريقي سان ظاهر ڪري سگهجن ٿا. پوءِ هٿياربند فوج رکڻ ۽ انقلابي اڏا قائم ڪرڻ جو ڪهڙو لاچار؟ ان مونجهاري کي دور ڪرڻ لاءِ مائو ”چيني انقلاب ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو پارٽ“ نالي مقالو لکيو. هن پارٽيءَ کي هدايت ڪئي تہ جپان خلاف ڪاروايون ڪري جيڪي علائقا جپان کان آزاد ڪرايا وڃن انهن کي هرگز ختم نہ ڪجي. پاڻ نوان انقلابي اڏا قائم ڪجن ۽ انهن کي وڌائجي. نومبر ۾ هن عوام جي انقلابي فوجي سائنس تي ٻيو مشهور ڪتاب لکيو جنهن جو عنوان هو ”جپان سان جنگ ۾ جنگي حڪمت عملي جا مسئلا“.

## گڏيل قومي محاذ بابت انقلابي حڪمت عملي

گڏيل قومي محاذ ۾ عوام جي انقلابي پارٽيءَ کي ڪيئن ڪم ڪرڻ گهرجي؟ اهو سوال هڪ تمام پيچيدو سوال بنجي پيو هو. اهڙو سوال انقلاب جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن بہ ايڏي اهميت وارو سوال ڪونہ ٿيو هو. ان ڪري مائو سيپٽمبر 1938ع ان بابت هڪ باقاعدي نظريو تخليق ڪيو ۽ ان نظريي مطابق پاليسيون بہ تيار ڪيائين. ان مقالي جو نالو آهي ”گڏيل محاذ اندر خودمختياري ۽ پاڻمرادو ڪم ڪرڻ جو سوال“. مائو سيکاريو تہ عوام جي انقلابي پارٽيءَ کي قوم جي ٻين طبقن سان گڏيل محاذ اندر ساٿ ضرور ڏيڻ گهرجي ۽ ان کي ايمانداري، وفاداري ۽ سنجيدگيءَ سان نڀائڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت انقلابي طبقن ۽ سندن پارٽيءَ کي پنهنجو انقلابي موقف ۽ حيثيت برقرار رکڻ گهرجي ۽ ٻين غير انقلابي طبقن جو پڇ ٿي نہ لٽڪڻ گهرجي. گڏيل محاذ اندر ٻڌي بہ ڪجي ۽ تنقيد ۽ مخالفت بہ ڪجي. جي ائين نہ ڪبو تہ گڏيل محاذ ٽٽي ختم ٿي ويندو. سڀ ڪم گڏيل محاذ تي اڇلائي نہ ڇڏجن ۽ هر ڳالهہ ان جي معرفت نہ

ڪرڻ ڪجي. ضروري انقلابي قدم پنهنجي دليان پاڻ ڪڍجن. ٻئي سال مارچ 1940ع ۾ هن ان مسئلي بابت مڪمل پاليسيون گهڙي تيار ڪري پارٽي ۽ عوام کي سيکاريون.

سال 1938ع جي پڇاڙيءَ تائين جپان تمام وڏن علائقن تي قبضو ڪري ويو ۽ ڪومنتانگ جي سرڪار پنهنجو عارضي تخت گاهه ووهان خالي ڪري محاذ کان پري چنگ ڪنگ ۾ پنهنجو نئون تخت گاهه قائم ڪيو. ڊسمبر 38ع ۾ جپان جو حامي وانگ چنگ وي، چنگ ڪنگ مان ڀڄي وڃي جپان سان مليو ۽ نينڪنگ ۾ جپان جي هٿ ٺوڪي حڪومت قائم ڪري، ان جو صدر ٿي وينو.

# سرمائيدار ملڪن ۽ چيانگ جون سازشون

انهيءَ وچ ۾ دنيا جي سياست ۾ بہ زبردست ڦيريون گهيريون اچي ويون. هٽلر پنهنجي عروج تي اچي ويو.

انگلنڊ ۽ فرانس جي سرمائيدار حڪومتن جي مرضي هئي تہ هٽلر کي هُشي ڏيئي سندس هٿان روس جي انقلابي حڪومت کي ختم ڪرايون. تنهنڪري هنن سازش ڪري هٽلر کي خوش ڪرڻ لاءِ کيس آسٽريا، زيڪوسلاواڪيہ ۽ ٻين ملڪن تي ناجائز قبضو ڪرڻ جي کلي موڪل ڏيئي ڇڏي. هاڻ هو انهيءَ ڪوشش ۾ هئا تہ جپان کي بہ پاڻ سان ناهي راضي ڪري کيس اپرندي پاسي کان روس تي ڀچون. انهيءَ ڪري هنن روس جون سڀ آڇون نڪرائي هٽلر خلاف گڏيل محاذ ناهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ٻئي پاسي جپان کي روس تي حملي لاءِ راضي ڪرڻ لاءِ هو کيس چين جا علائقا رشوت طور آڇڻ لڳا. چيانگ تہ اڳيئي جپان واري لڙائيءَ مان ڦاٿو وينو هو. هن جي اصل جنگ هئي تہ چيني عوام ۽ سندس انقلابي پارٽي ۽ فوج سان. سو انڌو گهري الله کان هڪڙي اک ۽ ملي وجنس ٻہ اکيون. تنهن ڳالهہ وانگر هو ڏاڍو خوش ٿي جپان اڳيان ڪنهن نہ ڪنهن نموني پيش پوڻ لاءِ وجهہ ڳولڻ لڳو. 1939ع ۾ هن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڇرپر تي بندش وجهي ڇڏي ۽ مطالبو ڪرڻ لڳو تہ ڪميونسٽ پارٽي پاڻ کي ڪومنتانگ سان ملائي ڇڏي ۽ پنهنجو وجود ختم ڪري ڇڏي. 12 جون 1939ع تي چيانگ جي حڪم تي انقلابي فوج جي چوٿين نمبر فوج جي پينگ ڪيانگ شهر واري هيڊ ڪوارٽر تي اوچتو حملو ڪيو ويو ۽ سندس چيف آف اسٽاف ۽ ٻين ڪيترن آفيسرن ۽ مجاهدن کي شهيد ڪيو ويو. مطلب تہ چيانگ

سمجهيو تہ هاڻي پئون پارهن آهن. اجهو تو چپان سان ناهہ ٿئي ۽ اجهو تہ اسين چپان سان گڏجيو چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ تي آخري حملو ڪري سندس بُڻ بنياد ناس ڪريون. پوءِ بنا ڪنڪي لاڏا تي ويهي چيني حڪومت جي سيج ماڻينداسين. پر انهيءَ وچ ۾ دنيا جي سياست جي نقشي اوچتو پلٽو کاڌو.

## برلن ـ ماسڪو معاهدو

روس جي انقلابي پارٽي ۽ سرڪار برطانيہ ۽ فرانس جي سڄي سازش کي سمجهي ويا ۽ آخر منجهانئس صفا نااميد ٿي 1939ع ۾ هنن هڪ زبردست سفارتي ايٽم بم اڇلايو جنهن جي ڌماڪن سڄي سرمائيدار دنيا جي سازشي محلاتن کي لرزائي ڇڏيو. 22 آگسٽ 1939ع تي روس جي حڪومت هٽلري جرمنيءَ سان جنگ نہ ڪرڻ جي معاهدي تي صحيح ڪئي ۽ هڪ ڌڪ سان برطانيہ ۽ فرانس جي سرمائيدارن جا سفارتي ڪاڪ محل ڊهي اچي پٽ پيا. انقلاب دشمن قوتن روس جي انقلابي پورهيت ملڪ ۽ سندس عوام جي چوڌاري جيڪي سياسي لوڙها ۽ فوجي ڪوٽ اڏيا هئا سي اک ڇنڀ ۾ اُڏامي ويا. جلد ئي جنگ عظيم شروع ٿي ويئي. جرمنيءَ روس کي ڇڏي بُل ڏيئي وجي سازشين جي اڳواڻ فرانس کي نڙيءَ کان ورتو ۽ ٻن مهينن اندر ان کي چيپاٽي رکيائين.

1939ع ۽ 1940ع جي شروعات ۾ مائو چيني انقلاب جي مسئلن بابت ٻہ تمام اهم نظرياتي مقالا لکيا. هڪڙو ”چيني انقلاب ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽي“ ۽ ٻيو ”نئين جمهوريت“.

## نئين جمهوريت

”نئين جمهوريت“ جي مقالي ۾ مائو انقلابي تاريخ ۾ پهريون دفعو سرمائيدار جمهوريت بدران عوامي جمهوريت جو باقاعدي خيال ۽ پروگرام پيش ڪيو. هن سيڪاريو تہ هن منزل تي سوشلسٽ نظام قائم ڪرڻ جي ڳالھ بي وقتي آهي جو ان جو پنڌ اڃان پري آهي. پر ساڳئي وقت، هن وقت جيڪا وڏن زميندارن وڏن سرمائيدارن ۽ ڌارين سرمائيدارن جي دلالن جي ڊڪٽيٽرشپ آهي ان جي جاءِ تي سرمائيداري جمهوريت قائم ڪرڻ بہ عوام جي فائدي جي ڳالھ ناهي. جو تہ هر حڪومت لازمي طرح ڪنهن نہ ڪنهن هڪڙي يا گهڻن طبقن جي ڄڃهي يا

پڌري ڊڪٽيٽرشپ ٿئي ٿي. تنهنڪري سرمائيدار جمهوريت جو مطلب ٿيندو سرمائيدار ڊڪٽيٽرشپ. اها عوام خلاف هوندي. تنهنڪري چين ۾ عوامي جمهوريت قائم ٿيڻ کپي جا عوام جي وطن دوست طبقن يعني مزدورن غريب هارين ۽ غريب شهرين جي انقلابي ڊڪٽيٽرشپ هوندي. اها عوام جي فائدي لاءِ عوام دشمن ۽ غدار طبقن خلاف استعمال ٿيندي.

## بي ايمان اتحادين سان هلت جا ٽي اصول

ڪومنتانگ جو شرارتون پئي وڌيون. جپان جي انگلنڊ ۽ امريڪا سان ويڙهه شروع ٿي چڪي هئي. هن چين ۾ ڪافي ملڪ هٿ ڪري ورتو هو. تنهنڪري هن في الحال چين ۾ پنهنجا هٿ روڪي ڇڏيا ۽ اڳتي وڌڻ ۽ ڪومنتانگ جي باقاعدي فوج سان وڙهڻ بند ڪري ڇڏيائين. هاڻ هن سڄو ڌيان والاريل علائقن اندر انقلابي فوج جي ڪاروائين کي ختم ڪرڻ ۽ انقلابي اڏن کي ناس ڪرڻ تي لڳايو. ڪومنتانگ کي به اها ڳالهه وڻي. تنهن به جپان سان منهن ڏيڻ بدران انقلابين ڏانهن رڪيو. مطلب ته جپان ۽ ڪومنتانگ ظاهري طرح ته پاڻ ۾ وڙهيا پئي. پر حقيقت ۾ ٻيئي ڄڻ ته همصلاح ٿي انقلابي فوج جي پويان هٿ ڌوئي پيا. ڪومنتانگ جي اها حالت ۽ روش ڏسي پارٽيءَ جا ڪارڪن سوچڻ لڳا ته ڪومنتانگ وارن سان زور جي مائٽي ته ڳچيءَ ۾ پئجي ويئي آهي. اڳي ته اجان هو جپان سان ڪجهه نه ڪجهه وڙهيا پئي. تنهن ڪري سور پيئڻ مناسب هو. پر هاڻ ته هو جپان کي ڇڏي رڳو عوام ۽ سندن فوج ۽ پارٽيءَ سان ٿا وڙهن. تنهنڪري چو نه هنن منافقن سان کلم کلا مقابلو ڪجي ۽ ساڻن هيڪ هڪاٽي ڪجي. پر مائو جي سوچ ئي ٻي هئي. هن سوچيو ٿي ته ڪومنتانگ برابر دغابازي پيئي ڪري پر اها ڳالهه عام چينين اجان پوريءَ ريت ڪانه سمجهي آهي. چو ته اخبارون ريڊيا ۽ ٻيا عوام ۾ پروپئگنڊا جا سڀ وسيلا دشمن جي هٿن ۾ آهن. جيستائين ڪومنتانگ عوام اڳيان صفا اگهاڙي نه ٿي آهي تيستائين عوام منجهانئس هٿ نه ڪيندا. ان حالت ۾ ڪومنتانگ سان وڙهبو ته عوام ان گهرو ويڙهه جو سڄو ڏوهه انقلابين کي ڏيندا. ان حالت ۾ انقلابي پنهنجي عوام کان ڪٽجي اڪيلا رهجي ويندا. تنهنڪري تيستائين انتظار ۽ صبر ڪرڻ کپي جيستائين عوام پوريءَ طرح ڪومنتانگ جي غداريءَ کي سمجهي وڃن. پر ٻئي طرف ڪومنتانگ وڙهه وڙهان لڳايو بيني هئي. انهن اڳيان هٿيار ڦٽا به ڪرڻا نه

هئا. انهيءَ مشڪل مسئلي جي حل لاءِ هن تمام وڏي دانائيءَ وارا حل پيش ڪيا. هن پارٽيءَ کي تعليم ڏني تہ قومي ٻڌي قائم رکڻ لاءِ لازمي آهي تہ گڏيل محاذ ۾ جيڪي مردار ۽ رجعت پرست شامل آهن تن اڳيان هٿيار هرگز ڦٽا نہ ڪجن. نہ تہ هو شينهن ٿي ويندا ۽ انقلابي طبقن کي کائي ويندا. تنهنڪري 'لتر کي چڪر پهچي' واري اصول تي عمل ڪجي ۽ سندن حرڪتن جو جواب ڏجي. ساڻ ٻڌي بہ ڪجي ۽ مقابلو بہ ڪجي. پر ٻڌي توڙي مخالفت ۽ مقابلو حد اندر هجڻ گهرجي. ان لاءِ هن ٽي انقلابي اصول سيڪاريا. *[(1) پهريون اصول هو پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جو اصول. اڳلو جيستائين اول چيڙ نہ ڪري تيستائين مٿس حملو نہ ڪجي. پر چيڙ جو جواب ضرور ڏجي. (2) هو ڪاميابي جو اصول. تيستائين نہ وڙهجي جيستائين ڪاميابيءَ جي پڪ نہ هجي. اڳواٽ رٿا ڪانسواءِ اڳواٽ تياريءَ ڪانسواءِ ۽ ڪاميابيءَ جي اڳواٽ خاطري ڪرڻ ڪانسواءِ نہ وڙهجي. مردار عوام دشمنن جي اندروني ڦوٽ جو فائدو ونجي. هڪ ئي وقت گهڻن سان نہ وڙهجي. سڀ ڪان پهريائين سڀ ڪان وڌيڪ مردار ۽ رجعت پرست دشمن تي وار ڪجن ۽ ڪيس اڪيلو ڪري مارجي. (3) ٽيون هو عارضي ناهہ جو اصول. رجعت پرست مردارن جي هڪڙي حملي جو منهن توڙ جواب ڏيڻ ڪانپوءِ سمجهہ ڪان ڪم ونجي. جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد اها خاص لڙائي ختم ڪجي. پنهنجي طرفان قدم وڌائي ناهہ جي آڇ ڪجي ۽ جي اڳلو تيار ٿئي تہ ساڻس صلح ڪري ڇڏجي. لڳاتار اصل نہ وڙهجي. ڪاميابيءَ جي نشي ۾ مست نہ ٿجي. ٿورن لفظن ۾ هن سيڪاريو تہ (الف) واجبي سبب تي لڙجي. (ب) پنهنجي ڪاميابيءَ جي پڪ ڏسي وڙهجي ۽ (ت) حد اندر وڙهجي.]*

1940ع جي پڇاڙيءَ ۾ ڪومنتانگ وارن انقلابي فوج جي چوٿين فوج تي ان وي صوبي ۾ اوچتو حملو ڪيو ۽ ان جي ڪمانڊر جنرل ييهہ تنگ کي قيد ڪري 9 هزار انقلابي مجاهدن کي شهيد ڪري ڇڏيو. ڪميونسٽ پارٽي ۽ انقلابي هاءِ ڪمان انهيءَ حرڪت خلاف سخت احتجاج ڪيو. جنرل چن يي کي ييهہ تنگ جي جاءِ تي چوٿين فوج جو ڪمانڊر مقرر ڪيو ويو. ليو شائو چي کي فوج جو سياسي رهبر مقرر ڪيو ويو. ڪين هدايتون ڏنيون ويون تہ ڪومنتانگ جي دست اندازين جو اڳ ڄاڻايل ٽن اصولن هيٺ مقابلو ڪن. ٻئي طرف مائو پارٽيءَ کي هدايت ڪئي تہ اجائي جوش ۾ نہ اچو. اهڙيون حرڪتون ٻيون بہ گهٽيون ٿينديون. هر حالت لاءِ تيار ٿيو:

هـي تـان تـورڙيـون، جي تـو پـورا پانـئيـون
راتيون ٻيون گهٽيون، جي تو ايندين هيڪلي!!

مئي 1941ع ۾ مائوزي تنگ پارٽيءَ جي ذهني سڌاري لاءِ هڪڙي باقاعده تعليمي تحريڪ شروع ڪئي. هن ڊارڊار مسئلن بابت ڪيترائي سائنسي مقالا لکيا. جهڙوڪ ”مطالعي جو سڌارو ڪريو“، ”پنهنجي ڪم جو ڍنگ درست ڪريو“ ”انقلابي لکڻين جو چالو ڍنگ بدلايو“ ۽ ”انقلابي قومي جنگ ۾ ادب ۽ فن جو ڪردار“. انهيءَ سڌاري جي تحريڪ انقلابي سائنس ۾ بنيادي ۽ زبردست واڌارا ڪيا ۽ پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي دماغن مان گهڻا غيرانقلابي خيال ڪڍي سندن انقلابي سمجهه ۽ سوچ کي بلند ڪيو.

# انقلابي اڏا

1937ع ۾ ڪومنتانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ناهه ڪانپوءِ انقلابي فوجن کي جپان جي ولاريل علائقن ڏانهن وڃڻ جو کليل رستو ملي ويو ۽ هنن اتي ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون. هي فوجون انقلابي خمير مان نهيل هنيون. سندن وڙهڻ جو ڍنگ جڳ کان نرالو هو. سندن بهادري جرئت ۽ قابليت جي دشمن بہ ساراهه ڪرڻ لڳا. هي چيانگ ڪائي شيڪ جي پگهاردار فوجن وانگر فقط فوجي طاقت جي زور تي ڪونہ وڙهنديون هيون. هو جتي بہ وينديون هيون اتي عوام کي سجاڳ منظم ۽ هٿياربند ڪري دشمن جي مقابلي ۾ آڻينديون هيون.

جنهن بہ علائقي ۾ انقلابي فوج ڪارروايون ڪندي هئي اتي ڳوناٽي بچاءَ جا دستا عوامي پوليس ۽ گوريلا دستا قائم ڪندي هئي. انهن مان چونڊ چونڊ مجاهدن ۽ دستن کي باقاعدي انقلابي فوج ۾ شامل ڪيو ويندو هو. ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳوناٽن جون انقلابي ڪاميٽيون قائم ڪيون وينديون هيون جيڪي ڳجهه ڳوهه ۾ انقلابي تحريڪ جي اڳواٽي ڪنديون هيون. اهڙيءَ طرح ان علائقي جا سمورا ڳوٺ پنهنجي انقلابي ڪاميٽين ذريعي انقلابي هاءِ ڪمان سان ڳنڍيا پيا هوندا هئا. هاءِ ڪمان کي بہ دشمن جي ذري پرزي جي خبر پئي پوندي هئي، هو آسانيءَ سان دشمن جون ڪمزور جايون ۽ هنڌ ڳولي دشمن تي ڦهري وار ڪندا هئا.

جن جن علائقن کي انقلابي فوج دشمن کان صفا ڪندي هئي اتي باقاعدي انقلابي اڏا ۽ مڪاني انقلابي حڪومت قائم ڪئي ويندي هئي. اهي انقلابي

حڪومتون مڪاني ڪميٽين ذريعي حڪومت ڪنديون هيون. ڪين سرڪاري اختيار مليل هئا. انهن ڪميٽين ۾ گڏيل سرڪار هوندي هئي. ان ۾ هڪ حصو ڪميونسٽ پارٽيءَ جا عيوضي هوندا هئا. هڪ حصو ترقي پسند جماعتن جو هوندو هو ۽ هڪ حصو وطن دوست زميندارن آبادگارن شاهوڪارن ۽ دانشورن جا نمائندا هوندا هئا. انهن اڏن جي چوطرف دشمن جو گهيرو هوندو هو. دشمن وقت به وقت مٿن اوچتا وار ڪندو هو ۽ جيڪي به اڳيان ايندو هوس تنهن کي لٽي ساڙي يا ماري هليو ويندو. گهيري سبب ڪابه شيءِ شڪل اندر اچي يا ٻاهر وڃي ڪانه سگهندي هئي. تنهنڪري ٻيو ته نهيو پر اٽي، اَن، لوڻ مرچ ۽ ڪپڙي لٽي جهڙيون روزمره جون شيون به اچي وڃي ڪونه سگهنديون هيون. اهڙا انقلابي اڏا اڪثر ڪري جابلو علائقن ۾ هوندا هئا. اتي پوک ۽ فصل اڳيئي گهٽو گهٽ ٿيندا هئا. مٿان وري جنگي حالتون ۽ گهيرا هوندا هئا. تنهنڪري ماڻهن جو موت کان بچڻ به مشڪل ٿي پوندو هو. پر مائو جا شاگرد انقلابي جڻ جِنَ هوندا هئا. هو ڪنهن ازغيبي طاقت سان بک، ڏک، ڏڪار، اڻ هوند جي ديوَن سان ٻکين پئجي ويندا هئا. مائو جي هدايتن هيٺ هو لکين ماڻهن، ٻارن، ٻڍن، ننڍن، وڏن کي زالين مڙسين گڏ ڪري منظم ڪندا هئا. سپ ماڻهو گڏجي پهاڙن کي به چيري پاٽي هٽ ڪندا هئا ۽ ويران پٽن جي ٻاڙي ٻاڙي آباد ڪندا هئا. بند ٻڌندا هئا. واهه کوٽيندا هئا. نالا ناهيندا هئا.

ڪڏهن ته دشمن جي والاريل علائقن ۾ وڃيو لڪ چپ ۾ پوک ڪريو ايندا هئا. لاباري جي موسم ۾ حملا ڪري لابارو ڪريو اَن ڪٽيو ايندا هئا. انقلابي پارٽي فوج ۽ سرڪار جا سڀ ڪارڪن به ٻين جهڙو ۽ پاڻ انهن ڪان وڌيڪ ڪم ڪندا هئا. پوک جي موسم ۾ انقلابي فوج جي سپاهيءَ ڪان وٺي ڪمانڊر انچيف تائين سڀ ڪم ڪندا هئا. سڀ فجر سان ڏٻگا ڪاهي هر ڪٽي وڃي ٻنيءَ ۾ پهچندا هئا، يا ڪوڏرون يا چنجور ڪٽي وڃي ڪاٽيءَ ڪي لڳندا هئا. اديب، شاعر، فيلسوف، انقلابي دانشور، ڪلارڪ، سيڪريٽري سيني ڪي ڏلهو ڪوڏار يا هر ڦار هٿ ۾ هوندو هو. سڀ جهجن سان گڏ پگهرن ۾ شم ٿيو صبح کان شام تائين پورهيو پيا ڪندا هئا. ٻيا وري لوهارڪو، واڍڪو، رازڪو يا ٻيو ڪو ڌنڌو ڪندا هئا. ڪي ٻاجيون پوکيندا هئا ته ڪي مال چاريندا هئا. جيڪي هوندو هو سو هڪجهڙو ورهائي ونڊي ڪائيندا هئا. هر شئي ۾ ڪفايت ڪندا هئا. ڪٽو ڪٽو سنڀالي ڪم آڻيندا هئا. ذرو به ضايع ٿيڻ نه ڏيندا هئا. حڪومت تي اجايو خرچ ڪونه وڌو ويندو

هو. عملدار ڪامورا سڀ غريباڻو گذر ڪندا هئا. نتيجو اهو نڪتو جو ٿوريئي عرصي ۾ سيني جي گڏيل مڙسيءَ ڪري ڪوٽ ۾ ڏڪار تي قبضو ٿي ويندو هو. پاڻ آئيندي لاءِ اَن ۽ سامان بچائي رکندا هئا.

# ڪومنتانگ جي حالت

هوڏانهن ڪومنتانگ سرڪار وٽ تمام سرسبز ۽ آباد علائقا هئا. ڪيس امريڪا ۽ انگلنڊ مان ڪروڙن اربن روپين جي قرضن جو سامان بہ عام جام ملندو هو. پر اتي جو عوام اَن داڻي لاءِ حيران هوندو هو. خود سندن فوجي سپاهي بہ وقتي بکون پيا ڪاٽيندا هئا. سبب اهو هو جو ڪومنتانگ جا سڀ جنرل ۽ آفيسر سوداگر بنجي پيا هئا. ڪين رڳو اهو فڪر هوندو هو تہ عام ضرورت جون شيون لڪائي بليڪ تي وڪڻون ۽ هڪدم ڪروڙپتي ٿي ونون. ڪومنتانگ علائقن ۾ مهنگائي چوٽ چڙهي ويئي. اَن سون جي اگهہ بہ مشڪل ٿي مليو.

انقلابي فوج ۽ سرڪار جي اعليٰ انتظام، بهادري عوامي ۽ انقلابي ڍنگ سان ڪم ڪرڻ سبب انقلابي اڏا ويا ڦهلبا، وڌندا ۽ ويجهندا. انقلابي فوج جو تعداد 1937ع ۾ ٽيهہ هزار هو. ٻن سالن اندر اهو تعداد وجي ٿن لکن تائين پهتو. 1940ع ۾ پنجن لکن تائين پهتو. انهيءَ ڪري انقلابين ۾ ڪجهہ لاپرواهي ۽ آڪڙ جا خيال پيدا ٿيا. مائو بار بار ڪين هدايت ڪئي تہ اهي خيال غلط آهن. اهي پاڻ مان ڪڍو.

1941ع تائين انقلابي فوجن ڪي وڏيون ڪاميابيون ٿيون. اهو ڏسي چيانگ ڪائي شيڪ ۽ جپان عملي طرح پاڻ ۾ جنگ بند ڪري انقلابي فوج جي پنيان هٿ ڌوئي لڳا. جنهنڪري بہ لک انقلابي فوج شهيد ٿي ويئي. ڪيترا انقلابي اڏا دشمن جي قبضي ۾ هليا ويا. باقي رهيل علائقن ۾ سخت تڪليفون ۽ مصيبتون پيدا ٿيون، پر ساڳئي وقت انقلابي فوج جي سمجهہ ۾ واڌارو آيو. منجهانئن اڳوٽي ابهرائي نڪري ويئي ۽ ڪين تمام سخت ۽ ڪٺن تجربو ٿيو.

اتر اولهہ چين وارو شينسي ڪانسو انقلابي اڏو، جنهن ۾ انقلابي هاءِ ڪمان جو هيڊڪوارٽر هو ۽ جتي ييناَن جي غارن ۾ مائوزي تونگ رهندو هو ان اڏي جو ڪومنتانگ وارا 1943ع کان وني چئني طرفن کان گهيرو ڪريو وينا هئا.

# ڪومنتانگ جي نئين رذالت

هاڻ چيني وڏن زميندارن سرمائيدارن ۽ سندن ڪومنتانگ پارٽيءَ وارن هڪڙي ٻي رذالت ۽ غداري ڪرڻ شروع ڪئي. گهڻا انقلابي اڏا انهن علائقن ۾ هوندا هئا جتي جپانين جو قبضو هوندو هو. اتي انهن تي جپاني حملا پيا ڪندا هئا. مٿان ڪومنتانگ وارن اها ذليل حرڪت ڪئي جو پنهنجي فوج کي هدايت ڪيائون ته اوهان جپان سان لڙائي ڪرڻ جي بهاني وجي جپانين اڳيان پيش پئي گرفتار ٿيو. پوءِ جپانين سان ملي سندن معرفت انقلابي اڏن تي وڃي حملا ڪري انهن کي ناس ڪريو! انهيءَ غداريءَ واريءَ حرڪت کي نالو ڏنائون ”اڻ سڌيءَ طرح مادر وطن جي خدمت ڪرڻ“!

پر جپاني دشمنن ۽ غدار وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن جي من جون مرادون پوريون نه ٿيون. 1945ع تائين جپان جي والاريل علائقن ۾ 19 انقلابي اڏا قائم ٿي ويا. انهن ۾ ٽن ڌرين جي گڏيل حڪومت قائم ڪرڻ جي اصول موجب چونڊون ڪري باقاعدي گڏيل مڪاني حڪومتون قائم ڪيون ويون. انقلابي فوج جو تعداد به وڌندي وڌندي وڃي 9 لک باقاعدي فوج ۽ 12 لک گوريلا فوج تائين پهتو.

24 اپريل 1935ع تي ماﺋو ”گڏيل سرڪار“ نالي هڪ وڏو مقالو لکيو *[ڏسو ماﺋوزي تنگ جا چونڊ مضمون ڀاڱو ٽيون صفحو 255]* انهيءَ مقالي ۾ هن ڏيکاريو ته جپان جي شڪست کان پوءِ جڏهن چين آزاد ٿئي تڏهن ان ۾ ڪهڙي قسم جي حڪومت هئڻ کپي ۽ ان جون پاليسيون ڪهڙيون هئڻ گهرجن. چين ۾ ڪيتريون ئي قومون رهن ٿيون. ڪومنتانگ وارا پاڻ کي قوم پرست سڏائيندا هئا. هو چوندا هئا ته چيني سڀ هڪ قوم آهن. جيڪو ٻي ڪنهن قوم جو نالو وٺندو اهو قوم جو دشمن آهي. ماﺋو ان مقالي ۾ ان پاليسيءَ جي سخت مخالفت ڪئي. هن لکيو ته سچي وطن دوستيءَ جون ٻه معنائون آهن. هڪ ته چين ڌارين جي غلاميءَ کان آزاد ٿئي، ٻيو ته چين ۾ رهندڙ ڌار ڌار قوميتون هڪ ٻئي جي برابر هجن. هر قوميت کي خود اختياريءَ جو حق هجي. يعني هرڪا قوميت چاهي ته چين جي ٻين قومن سان گڏجي رهي چاهي ته الڳ ٿي وڃي. چين جي آزاد حڪومت سڀني قوميتن جي گڏيل جمهوريت هجي. اها سمورين قوميتن جو رضا خوشيءَ وارو ميلاپ هجي. چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو فرض آهي ته ٿورائيءَ

وارين قوميتن کي مدد ڏئي تہ جيئن هو پنهنجي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي جوڙجڪ ۽ واڌاري لاءِ وڙهن ۽ وڙهي پنهنجا حق وٺن. انهن قومن جي ٻوليءَ جي حقن جو ادب ڪرڻ گهرجي. پوءِ ڀلي اهي ٻوليون فقط ڳالهايون وڃن ۽ لکڻ ۾ نہ آيون هجن. پارٽيءَ جو اهو بہ فرض آهي تہ انهن ٿورائيءَ وارين قومن کي پنهنجون الڳ قومي فوجون ناهڻ ۾ بہ مدد ڪري.

ظلم ۽ ناحق جي ڀاڻ اونداهي رات وڃي پئي آهستي آهستي ڪٽندي.

پره ڦٽڻ ۾ اجا بہ ڪافي دير هئي. پر ايتري اجائي گهٽي بہ نہ. حق ۾ انصاف جي گهڙي ڏينهون ڏينهن ويجهي پوندي ويئي.

”پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو، اُڀ تائين جهوليندو،
اهڙو ڏينهن بہ ايندو ساٿي، اهڙو ڏينهن بہ ايندو!“
(اياز)

★

# باب ڇهون

# فتح

★

متو آهين مڃ! تلها تو تونا هٽين،
تو جا ياڻئي اڃ، تنهن پاٽيءَ پنا ڏينهڙا! (شاهه)

## جرمني ۽ جپان جي شڪست

دنيا جي سياسي ۽ جنگي صورتحال ۾ جلد ئي وڏيون ڦيريون گهيريون اچي ويون. 22 جون 1941ع تي هٽلر روس تي اوچتو حملو ڪري روس جي وڏن علائقن تي تيزيءَ سان قبضو ڪري ورتو. انگلنڊ ڏٺو تہ يورپ ۾ باقي وڃي روس رهيو آهي. سو ان بہ جي شڪست کاڌي تہ جرمني هاٿي سڌو انگلنڊ تي حملو ڪري ان کان سڀ پراڻا وير وٺندي. تنهنڪري انگلنڊ ۽ امريڪا روس سان اتحاد ڪيو. پر سندن نيت وري بہ صفا ڪانہ هئي. ياڻئيائون تہ روس ۽ جرمني وڙهي هڪ ٻئي کي پورو ڪن تہ پوءِ اسين عين ٽائيم تي اچي مئلن جي مڏيءَ جا وارث ٿيون. 12 آڪٽوبر 1942ع تي روس جي انقلابي فوجن جرمن ديوَ جي اسٽالن گراڊ وٽ چيلهہ ڀڃي ڪري وڌي. جلدئي هنن جوابي حملو شروع ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري روس جي طاقت دنيا ۾ وڌي ويئي. امريڪا چيانگ ڪائي شيڪ جي پشت پناهي پئي ڪئي. پر ظاهري طرح پاڻ کي سيني چينين جو هڪجهڙو همدرد پئي ظاهر ڪيائين. 1944ع ۾ امريڪي فوجي مبصرن جو هڪڙو ٽولو ڪرنل باريٽ جي اڳواڻيءَ هيٺ يي نان ۾ اچي رهيو. نومبر 1944ع ۾ امريڪي صدر جو نمائندو مسٽر هرلي يي نان آيو ۽ مائو سان ملاقات ڪيائين. ڪيس چيائين تہ اسين اوهان ۽ ڪومنتانگ کي پاڻ ۾ ناهڻ چاهيون ٿا تہ جيئن اوهين گڏجي جپاني دشمنن کي منهن ڏيو.

1945ع جي شروعات ۾ روسي فوجون آڳ جو طوفان وسائينديون وجي برلن پهتيون ۽ جرمنيءَ کي هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا. 6 آگسٽ 1945ع تي امريڪا جپان جي هيروشيما ۽ ناگاساڪي شهرن تي ائٽم بم اڇلايا. 8 آگسٽ 1945ع تي روس امريڪا ۽ برطانيہ سان اڳ ڪيل معاهدي مطابق جپان خلاف اعلان جنگ ڪيو ۽ روسي فوجون تمام تيزيءَ سان اتر چين ۾ منچوريا جي علائقي ۾ داخل ٿيون ۽ جپان جي سڀ کان وڏيڪ طاقتور فوج ڪوانگ تونگ آرمي کي شڪست ڏيئي کيس هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ڪيائون. اهڙي طرح جپان جي چين تي اڳرائيءَ جو دور ختم ٿي ويو. جپان وچان نڪري ويو. باقي وجي پڙ ۾ ڪومنٽانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽي رهيا.

ڪومنٽانگ ۽ ڪميونسٽ پارٽي ٻنهي کي هن ڏينهن جو انتظار هو. امريڪا ۽ برطانيہ ۽ خود روس جپان سان وڙهڻ لاءِ مدد طور ڪومنٽانگ کي ڪروڙن اربن روپين جو مال ۽ فوجي سامان ڏنو هو. پر هو جپان سان وڙهڻ جو ڍونگ ڪريو پيا اهو مال ۽ فوجي سامان گڏ ڪندا هئا ۽ فوجون تيار ڪندا هئا. سندن اصل لڙائي چيني عوام سان ۽ انقلابي پارٽي ۽ فوج سان هئي. تنهنڪري هنن اهو سڀ سازسامان ۽ فوجون انقلابي عوام سان آخري لڙائيءَ لاءِ بچائي رکيون هيون.

## ائٽم بم جو ڏهڪاءُ

ٻي جنگ عظيم حقيقت ۾ روس جي انقلابي عوام ۽ سندن انقلابي فوج کٽي هئي. ماسڪو، اسٽالن گراڊ، ڪرسڪ، برلن، بداپيسٽ جون لڙايون روءِ زمين جي جنگي تاريخ ۾ بي مثال آهن. روس جي انقلابي مزدورن ۽ هارين هن جنگ ۾ جيڪي سَنو ۽ ڪيو تَنهنجي ياد دنيا جي انقلابي عوام جي سيني ۾ هميشہ لاءِ جڳمڳائيندي رهندي. روس جي انقلابي فوج جي سپريم ڪمانڊر مارشل اسٽالن ۽ سندس اڳواٽي هيٺ لڙندڙ فوجي اڳواڻن مارشل زوڪوف، مارشل ڪونيئف، مارشل واڪوسو وسڪي، مارشل ويسلي يسفڪي وغيره جرمن جنرلن کي ٿوٿا چٻائي ڇڏيا. هنن جي بهادريءَ ۽ قابليت جي اڳيان امريڪي ۽ برطانوي جنرل جڻ تہ ٽين دنيا جا سپاهي ثابت ٿيا. پر امريڪا ائٽم بم ايجاد ڪري سڄي دنيا ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪري ڇڏيو. ’پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي‘ واري چوٽيءَ وانگر هنن پروگرام ناهيو تہ ائٽم جو دڙڪو ڏيئي سڄي دنيا کي ڪائي

وجون. يورپ ۾ ايشيا جي انقلابي عوام زبردست قربانين ۽ جدوجهد ڪانپوءِ شاندار فتح حاصل ڪئي هئي. ايشيا ۽ افريقا جا ڪيترا ملڪ اڳ يورپ جي سرمائيدارن جي قبضي ۾ هئا. ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ انهن سرمائيدارن جي حالت ڪمزور ٿي ويئي هئي. انهن غلام ملڪن جي ماڻهن مڙسي ڪري پاڻ کي آزاد ڪرائي ورتو هو. هاڻ امريڪا جي مرضي ٿي ته انهن ملڪن کي وري آئون غلام بنايان.

## روس جي مجبوري

ٻئي طرف خود روس تمام تباهه ٿيل هو. سندس شهر ۽ ڳوٺ جرمن وحشين ساڙي ٻاري ڇڏيا هئا. تنهنڪري هيڏي مهانگي ۽ شاندار فتح ڪانپوءِ هنن وري يڪدم ڪنهن ٻئي خوفناڪ جنگ ۾ پوڻ نٿي گهريو. سندن مرضي هئي ته جيسين ڪجهه ساهه پٽيون ۽ جنگ جا ڦٽ ڇٽايون ۽ ائٽم بم جو ڪو علاج ڳولي لهون تيستائين ڪنهن ڦڏي فساد ۾ نه پئون ته چڱو. امريڪا ۽ سندس چاڙتي چيانگ کي روس جي انهن مجبورين جي خبر هئي. تنهنڪري هو پاڻ وڏيڪ شير ٿي ويا. ٽئين پاسي چين جي انقلابي فوج گذريل پنج سال اڪيلي سر جپان ۽ چيانگ ٻنهي سان مقابلو ڪيو هو. تنهنڪري هو تمام ٿڪل ٽٽل هئا. ڪومنٽانگ جي فوج سالن جا سال جپان سان وڙهي ڪانه هئي. انهيءَ کي ته رڳو انهيءَ لاءِ تازو توانو ڪريو ويهاريو وينا هئا ته آخري فيصلي جي لڙائيءَ ۾ ٿڪل ٽٽل ۽ ماريل انقلابي فوجن کي نپوڙي ناس ڪن.

## پهريون ٽڪر

جپان پيش پوڻ وقت قبول ڪيو ته منهنجون فوجون جتي جتي به هونديون اتي چين روس ۽ امريڪا ۽ سندن ساٿين اڳيان پيش پونديون. انهيءَ اعلان جي ٻئي ڏينهن 10 آگسٽ 1945ع تي انقلابي فوجن جي ڪمانڊر ان چيف جنرل چُوتيهه جپان جي چين وارين فوجن جي ڪمانڊر انچيف جنرل ياسوجي توڪامورا کي تار ذريعي حڪم ڏنو ته انقلابي فوجن جي آسپاس جيڪي به جپاني فوجون هجن سي انهن جي اڳيان پيش پون ۽ پنهنجا نمائيندا انقلابي فوج جي ڪمانڊرن جنرل چين يي ۽ ٻين وٽ ڏياري موڪلين ۽ ڪانئن حڪم وٺن.

ٻئي ڏينهن چيانگ ڪائي شيڪ چين جي سپريم ڪمانڊر جي حيثيت ۾ جنرل چوتيه کي تار رستي حڪم ڪيو ته اوهان جون فوجون جتي به هجن اتي بيهي رهن ۽ آئينده حڪمن جو انتظار ڪن. جپان کان هٿيار اسان جون فوجون پاڻهي وٺنديون. جنرل چوتيه جوابي تار ۾ ڪيس چيو ته تنهنجا هي حڪم عوام جي مفاد جي خلاف آهن. تنهنڪري انهن تي عمل نٿو ڪري سگهجي. ٻئي طرف امريڪا جا بحري ۽ هوائي ٻيڙا حرڪت ۾ اچي ويا. جيڪو ملڪ انقلابي فوج اٺن سالن جي موتمار لڙائيءَ کان پوءِ جپاني دشمن کان آزاد ڪرايو هو ان تي چيانگ ڪائي شيڪ جي فوجن کي امريڪي بحري ۽ هوائي جهازن ذريعي لاٿو ويو. مطلب ته سندن نيت هئي ته جپان سان وڙهي ملڪ آزاد ڪرائين هاري، مزدور انقلابي پارٽي ۽ سندس فوجون پر جڏهن قبضي جو ٽائيم اچي ته ملڪ جا مالڪ ٽين وڏا سرمائيدار، زميندار ۽ سندن سرڪار! اهو اڪين ڏنو ڌاڙو هو. ان تي پردي وجهڻ لاءِ چيانگ ڪائي شيڪ ۽ سندس آقا امريڪا صلح جي ڳالهين جو ناٽڪ شروع ڪيو.

## مائو ۽ چيانگ جي ملاقات

چيانگ ڪائي شيڪ 1945ع جي آگسٽ مهيني جي 14 تاريخ، 20 تاريخ ۽ 23 تاريخ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي لڳاتار ٽي تارون موڪليون ته پنهنجا نمائندا اسان جي هيڊ ڪوارٽر چنگ ڪنگ موڪليو ته پاڻ ۾ نهي پائر ٿيون. 27 تاريخ خود امريڪا جي چين واري سفير پيٽرڪ هرلي اچي يي نان ۾ نڪاءُ ڪيو. مائو ۽ سندس ساٿين کي خبر هئي ته دشمن جي نيت ڇا آهي. پر هنن سندن انهيءَ ڍونگ جي عوام اڳيان قلعي ڪولڻ ضروري سمجهي. 28 تاريخ مائو، چو اين لائي ۽ هڪڙي ٻئي ساٿيءَ کي وٺي چنگ ڪنگ روانو ٿيو. 12 اپريل 1927ع تي چيانگ دغابازيءَ سان انقلابين جو جيڪو قتل عام ڪرايو هو ان ڏينهن کان پوءِ پهريون دفعو چيانگ ڪائي شيڪ ۽ مائوزي تنگ پاڻ ۾ منهن مقابل ٿيا. هڪ مهينو ٽيرهن ڏينهن ڪميونسٽ پارٽيءَ جو وفد چنگ ڪنگ ۾ رهيو ۽ پيچيديون ڳالهيون ٻولهيون ٿيون. 10 آڪٽوبر 1945ع تي جنگ بندي جو نهراءُ ٿيو ۽ فيصلو ٿيو ته ٻئي پارٽيون ٻين جمهوري پارٽين سان گڏجي چين جي نئين عوامي حڪومت ناهينديون. پر چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو وفد اجان گهر پهتوئي مس ته ڪومنتانگ جي فوجن ڪين سندن فتح ڪيل انقلابي اڏن مان تڙڻ شروع ڪيو.

ڊسمبر 1945ع ۾ جنرل مارشل امريڪي صدر ٽرومن جو نمائندو ٿي چين آيو ۽ ٻنهي ڌرين سان ڳالهيون ٻولهيون ڪيائين. ڳالهين جو مطلب هو ڪومنتانگ جي اڳرائي تي پردو وجهڻ ۽ انقلابين کي تيستائين آسري ۾ رکڻ جيستائين ڪومنتانگ جون باقي رهيل فوجون به ڏکڻ اوپر چين مان کڄي اچي انقلابي اڏن جي آسپاس پهچن.

## ڪومنتانگ جو ڀرپور حملو

جون 1946ع تائين ڪومنتانگ جون سڀ فوجون اچي رٿيل جاين تي پهتيون ۽ 26 جون 1946ع تي امريڪا جي سازسامان ۽ فوجي اڳواڻيءَ هيٺ انقلابي اڏن خلاف عام ڀرپور حملو شروع ڪري ڏنائون. انهيءَ حملي ۾ هنن پنهنجي ڪل 248 ڊويزنن مان 193 ڊويزنون استعمال ڪيون جن ۾ ڪل 16 لک سپاهي هئا. ٻه مهينا پوءِ آگسٽ 1946ع تي جنرل مارشل اعلان ڪيو ته صلح جون ڳالهيون ناڪام ٿيون آهن ۽ اسين ڳالهين مان هٿ ڪڍون ٿا. ڪين اميد هئي ته هاڻي ٻن ٽن مهينن اندر انقلابي پارٽي ۽ سندن فوجن جو ٻڻ بنياد ناس ڪري ڇڏينداسين. اٺ مهينا لڳاتار ڪومنتانگ جو چٽو عام حملو جاري رهيو. انقلابي فوجن ڪي ڪيترا انقلابي اڏا خالي ڪرڻا پيا. باقي رهيل اڏن ۾ تمام وڏي تباهي آئي. پر دشمن جون اميدون پوريون ڪونه ٿيون.

فيبروري 1947ع تائين انقلابي فوج دشمن جون 66 ڊويزنون ناس ڪري ڇڏيون ۽ سندس عام حملو روڪي وڌو. چيانگ ڪائي شيڪ ڪاوڙجي پنهنجن ڏهن اعليٰ ڪماندرن کي برطرف ڪري ڇڏيو. ان کان ٿورو اڳ صلح جو ٻيو چار اچلايو ويو. 16 جنوري 1947ع تي ڪومنتانگ جنرل مارشل جي معرفت ڪميونسٽ پارٽيءَ کي پيغام ڏياري موڪليو ته اسان جي نمائندن کي اجازت ڏيو ته توهان سان توهان جي هيڊ ڪوارٽر يي نان ۾ اچي صلح جون ڳالهيون ٻولهيون ڪن. مطلب وري به اهوئي هو ته ساهي پٽڻ ۽ وڏيڪ فوجون گڏ ڪرڻ لاءِ مهلت ونجي. 28 فيبروري تائين ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي.

28 فيبروري تي مارشل اعلان ڪيو ته ڳالهيون ٻولهيون ناڪام ٿيون آهن. تيستائين امريڪي هوائي جهازن چيانگ ڪائي شيڪ جون ٽڙيل پکڙيل فوجون آڻي گڏ ڪيون ۽ نئين سر جمع ڪيون. مارچ 1947ع تي هنن اڍائي لک فوجن سان شينسي ڪانسو جي مرڪزي انقلابي اڏي تي حملو ڪيو.

# يينان تي دشمن جو قبضو

اتي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مرڪز ۽ انقلابي فوجي هاءِ ڪمان جو هيڊ ڪوارٽر هو. ان ۾ انقلابي فوج فقط 30 هزار هئي. انهيءَ حملي سبب فيصلو ڪيو ويو ته مائوزي تنگ ۽ چو اين لائي سميت مرڪزي ڪميٽي ۽ فوجي هاءَ ڪمان انهيءَ علائقي اندر رهنديون. ساڳئي وقت ليوشائوچي ۽ جنرل چوتيھ جي اڳواڻيءَ هيٺ مرڪزي ڪميٽيءَ جي ورڪنگ ڪميٽي ٺاهي ويئي. ان کي هدايت ڪئي ويئي ته حملي واري علائقي کان ٻاهر وڃي ٻاهرين ڪمان سنڀاليو. جي مائوزي تنگ ۽ ٻيا اڳواڻ قيد ٿين يا شهيد ٿي وڃن ته ٻنيان مرڪزي ڪميٽي ۽ انقلاب جو ڪم جاري رکجو. 19 مارچ 1947ع تي دشمن يي نان تي قبضو ڪيو. مائو، چو اين لائي روپوش ٿي ويا ۽ ڳجھ ڳوھ ۾ مقابلي جي جدوجهد هلائڻ لڳا.

آگسٽ 1947ع ڌاري انقلابي فوج ڪومنتانگ جي حملن جو زور ٽوڙي ورتو ۽ سندس 97 ڊويزنن جي اٺ لک فوج ۽ جپانين اڳيان پيش پيل ساڍا ٽي لک چاڙتي فوج کي نيست نابود ڪري ڇڏيو.

باقي رهيل عوام دشمن فوج ٽڙي پکڙي ويئي. ڪيترن هنڌن تي جوابي حملا به ڪيا ويا.

# انقلابي فوج جو جوابي حملو

30 جون 1947ع تي ڏکڻ اوڀر چين ۾ رهندڙ انقلابي فوج جا دستا جنرل ليوپو چن جي اڳواڻيءَ هيٺ پيلي نديءَ کي زبردستي پار ڪري تاچي جبلن ڏانهن اڳتي وڌيا. اهڙي ريت انقلابي فوج عام جوابي حملو شروع ڪيو.

مارچ 1948ع تائين ڏهن مهينن ۾ هنن فوجن دشمن جي هڪ لک فوج کي صفا ڪري ڇڏيو. ينگ سي ۽ هان نديءَ جي وچ وارن ميداني علائقن ۾ نوان انقلابي اڏا قائم ڪيائون. وري وچ اوڀر چين ميداني فوج جا دستا جنرل چين يي جي اڳواڻيءَ هيٺ دشمن جي لڳاتار حملن کي ناڪام بنائي اڳتي وڌيا ۽ دشمن جي هڪ لک فوجن کي ناس ڪري ڇڏيائون. انهيءَ ڪاروائي سبب دشمن انهيءَ علائقي اندر ڪائي فينگ ۽ چينگ چو شهرن اندر گهيرجي رهجي ويو.

آگسٽ 1947ع ۾ انقلابي فوج جي تائي يوان فوج جا دستا جنرل چين ڪينگ جي اڳواٽي هيٺ پيلي ندي ٽپي اولهہ هنان ۾ داخل ٿيا ۽ اتي لويانگ جي مکيہ شهر ۽ چانوٽي کي آسپاس جي علائقن کان ڪٽي ڇڏيائون.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اتر اولهہ جي ميداني فوج جنرل لِن پيائو جي اڳواٽي هيٺ وڏي پيماني تي سياري جو حملو شروع ڪيو. هن 15 ڊسمبر 1947ع کان 15 مارچ 1948ع تائين دشمن جا ڏيڍ لک سپاهي ناس ڪري ڇڏيا ۽ دشمن جي تمام مضبوط فوجي شهرن تي قبضو ڪيو. نينگ ڪو شهر ۾ دشمن جي چانوٽي جي سپاهين بغاوت ڪئي ۽ انقلابي فوج سان اچي گڏيا. اهڙي ريت اتر اوير چين ۾ دشمن جي صفائي تي ويئي. دشمن وٽ ان علائقي ۾ باقي وجي ٿي تن تنها شهر چينگ چون، شين يانگ ۽ چينگ چو بچيا. آس پاس جو علائقو سڄو انقلابي فوج جي قبضي ۾ اچي ويو.

سيپٽمبر، آڪٽوبر ۽ نومبر 1947ع ۾ شانسي چاهار هوپي علائقن جي انقلابي ميداني فوج جنرل نويهہ چنگ جي اڳواٽيءَ هيٺ تاچنگ نديءَ جي اتر ۾ دشمن جي صفائي ڪرڻ شروع ڪئي. هن 50 هزار دشمن جا سپاهي ختم ڪري ڇڏيا ۽ شانسي چاهار ۽ شانسي هوپي جي انقلابي اڏن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيائين. ڊسمبر 1947ع کان شن تونگ فوج جا اوير چين جي ميداني فوج جو وڏو حصو هئي تنهن جنرل سوشيهہ يو جي اڳواٽي هيٺ دشمن جا 63 هزار سپاهي ماري ڏهن ننڍين شهرن تي قبضو ڪيو. شانسي هوپي ميداني فوج شانسي صوبي ۾ ڪاروايون ڪري دشمن جي هٿ ۾ فقط لِن فينگ جو شهر ڇڏيو. اهو شهر آسپاس جي علائقن کان ڪٽجي ويو. اتر اولهہ چين جي انقلابي ميداني فوج جنرل پينگ تي هُئائي ۽ جنرل هولنگ جي اڳواٽي هيٺ اتر شينسي صوبي ۾ 1947ع جي اونهاري کان ڪاروايون شروع ڪيون. مارچ 1947ع ۾ هنن دشمن خلاف جوابي حملو شروع ڪيو. هنن چنگ شوئي ۽ وي شوئي ندين جي وچ واري ميداني علائقن تي قبضو ڪري سيان ۽ لين چو شهرن کي ڳنڍيندڙ شاهي سڙڪ کي ٽوڙي ڇڏيو. 22 اپريل 1948ع تي هن فوج انقلابي هيڊ ڪوارٽر ينان کي آزاد ڪرايو.

## ٽي زبردست ڪاهون

انهن جوابي حملن سان دشمن جي ميس ماري پوءِ مشهور ٽي زبردست ڪاهون ڪيون ويون. اهي وڏيون ڪاهون سيپٽمبر 1948ع کان جنوري 1949ع

تائين هليون. انهن ڪاهن چين جي هزارن سالن جي تاريخ جو رخ هميشه لاءِ بدلائي ڇڏيو. 7 سيپٽمبر 1948ع تي مائو انقلابي فوجي ڪائونسل پاران ڏکڻ اوڀر ميداني فوج جي ڪمانڊر جنرل لِن پياؤ ۽ سندس زير ڪمان فوجن کي دشمن تي ڀرپور زبردست ڪاهه شروع ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون.

## ليائوشي شين يانگ واري زبردست ڪاهه

ان ڪاهه کي چيني انقلابي تاريخ ۾ ”ليائوشي شين يانگ واري ڪاهه“ سڏيو ويندو آهي. اها ڪاهه 12 سيپٽمبر 1948ع کان شروع ٿي ۽ 2 نومبر 1948ع تي پوري ٿي. دشمن وٽ ان علائقي ۾ 44 ڊويزنون هيون. اهي چنگ چون، شين يان ۽ چنگ چو شهرن جي چاوڻين ۾ مورچا ٺاهيو ويٺيون هيون. دشمن جي انهن مورچن سبب انقلابي فوج جو ڏکڻ اوڀر چين تي قبضو مڪمل ٿي نہ ٿي سگهيو. هن ڪاهه جو مقصد دشمن جي انهن فوجن کي ناس ڪرڻ هو. هن ڪاهه ۾ انقلابي فوج جون 53 ڊويزنون شريڪ هيون. سندن سپاهين جو تعداد 7 لک هو. انهيءَ ڪاهه جو مرڪزي نڪتو چينگ چو شهر هو. ان ۾ دشمن جي هڪ لک فوج قلعي ۾ بند ٿيو ويٺي هئي. 12 سيپٽمبر 1948ع تي انقلابي فوج چنگ چو شهر جو گهيرو شروع ڪيو. هنن ٻين فوجن کي گس تي ويهاري ڇڏيو تہ ٻين علائقن مان چنگ چو جي بچاءَ لاءِ ڪا فوج اچي تہ ان کي واٽ ۾ ئي ختم ڪيو وڃي. انقلابي فوجن اجان چنگ چو جي پسگردائي ۾ دشمن جي صفائي پئي ڪئي تہ چيانگ ڪائي شيڪ پاڻ هوائي جهاز ۾ چڙهي چنگ چو ۾ اچي لٿو ۽ ٻين هنڌن کان 11 ڊويزنون ٻي فوج گهرائي ورتائين. انهن فوجن چنگ چو جي چوڌاري وڌل گهيري کي ٽوڙڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نہ ٿيون. انهي وچ ۾ شين يانگ شهر کان دشمن جون اجا بہ 11 ٻيون ڊويزنون ۽ ٽي گهوڙي سوار برگيڊون چنگ چو کي آزاد ڪرائڻ لاءِ اڳتي وڌيون. پر انهن کي بہ واٽ تي روڪيو ويو. 14 آڪٽوبر تي انقلابي فوجن چنگ چو تي عام حملو شروع ڪيو. 31 ڪلاڪن جي چٽي لڙائي کان پوءِ دشمن جي فوجن کي ناس ڪيو ويو ۽ سندن ڪمانڊر کي هڪ لک فوجن سميت گرفتار ڪيو ويو. پر چيانگ ڪائي شيڪ چنگ چو جهڙي اهم فوجي مرڪز کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هو. هن اجان بہ ٻين فوجن کي چنگ چو ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڏنو. 26 آڪٽوبر تي انهن فوجن کي بہ گهيري

۾ آندو ويو. سندن ڪمانڊر کي هڪ لک فوجن سميت قيد ڪيو ويو. 2 نومبر تي شين يانگ ۽ نيگ ڪو شهرن کي آزاد ڪيو ويو. دشمن جي ڏيڍ لک ٻين فوجن کي ناس ڪيو ويو. هن سڄي ڪاهه ۾ دشمن جي پوڻا پنج لک فوجن کي ناس ڪيو ويو ۽ سڄي ڏکڻ اوڀر چين جي علائقي کي آزاد ڪيو ويو.

# هُوئا هائي واري ڪاهه

ان ڪان چار ڏينهن پوءِ انقلابي فوج جي ٻي زبردست ڪاهه شروع ٿي. ان کي ”هُوئا هائي واري ڪاهه“ چيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪاهه ۾ اوڀر چين ۽ مرڪزي ميداني فوجن جنرل چن يي جي اڳواڻيءَ هيٺ حصو ورتو ۽ منجهس ڇهه لک سپاهي شامل هئا. اها ڪاهه 6 نومبر 1948ع کان 10 جنوري 1949ع تائين هلي. ڪومنتانگ جي چونڊ فوجن مان ساڍا پنج لک فوجون ناس ڪيون ويون. هن ڪاهه ذريعي يئنگ زي نديءَ جي اتر ۾ اوڀر چين ۽ وچ وارا ميداني علائقا آزاد ڪرايا ويا. ڪومنتانگ جو تخت گاهه نينڪنگ انقلابي فوج جي حملي جي پهچ اندر اچي ويو. دشمن جا ڪيترا چوٽيءَ جا جنرل پنهنجي فوجن سميت گرفتار ٿيا. انهن ٻن ڪاهن جو نتيجو اهو نڪتو جو انقلابي فوج پهريون دفعو تعداد ۾ بہ دشمن کان گهڻي ٿي ويئي.

# پيڪنگ واري ڪاهه

ٻي ڪاهه اجان آخري منزل تي هئي تہ وري ٽين زبردست ڪاهه شروع ڪئي ويئي. ان کي ”پيڪنگ ٽينٽ سين واري ڪاهه“ سڏيندا آهن. هن ڪاهه جا ڪمانڊر جنرل لِن پياؤ، جنرل لوجنگ هوان ۽ جنرل نيهه جنگ چين هئا. انقلابي فوجن هوئا هائِي واري ڪاهه ڪاميابيءَ سان پوري ڪري چين جي مشهور عظيم پٽ ٽيپي ڏکڻ طرف دشمن تي حملو ڪيو. دشمن جي فوجن جي ڪمانڊر ان چيف جنرل فوشويهه پنهنجي ڇهه لک فوجن سان سمنڊ رستي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي. پر مائو پنهنجي 11 ڊسمبر 1948ع واري هدايت نامي ۾ انقلابي فوج کي تاڪيد ڪري ڇڏيو هو تہ دشمن ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو. ڪيس ڀڄڻ هرگز متان ڏيو. تنهنڪري انقلابي فوجن وڄ جي تيزيءَ سان دشمن تي حملو ڪري ڪيس پنجن ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ سندن اولهہ ۽ ڏکڻ طرف ڀڄڻ جون واهون بند ڪري

چڙيون. 21 ڊسمبر 1948ع تي دشمن جي مکيہ فوجن کي سن پاويان وٽ گهيري ناس ڪيو ويو. 24 ڊسمبر تي چيانگ چاهو شهر وٽ دشمن جي اڌ لک فوج کي گهيري ۾ آڻي ختم ڪيو ويو. 14 جنوري 1949ع تي ٽينٽ سين جي اهم ۽ مشهور شهر تي ڪاھ شروع ڪئي ويئي. اوڻٽيهن ڏينهن جي ڇتي جنگ ڪانپوءِ شهر تي قبضو ڪيو ويو. دشمن جي سوا لک فوجن کي ناس ڪيو ويو ۽ سندن ڪمانڊر قيد ڪيو ويو.

# پيڪنگ تي قبضو

انهيءَ ڪان پوءِ پيڪنگ جو گهيرو تنگ ڪيو ويو. دشمن جي فوجن جو ڪمانڊر ان چيف جنرل فوشويھ پڇڻ جي ڪا واھ نہ ڏسي صلح جون ڳالهيون هلائي پيش پيو. 31 جنوري 1949ع تي انقلابي فوجون پيڪنگ ۾ داخل ٿيون. اهڙيءَ ريت هيءَ ڪاھ مڪمل طور ڪامياب ٿي. دشمن جي فوجن مان صرف اڌ لک فوج سمنڊ رستي پڇڻ ۾ ڪامياب ٿي. باقي رهيل فوج مان سوا پنج لک فوج هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ پيش پئي. سيپٽمبر 1947ع ۾ سوئي يان صوبي جي ڪومنٽانگ فوجن تار رستي اطلاع ڏياري موڪليو تہ اسين پيش ٿا پئون ۽ انقلابي فوجن سان شامل ٿا ٿيون.

هنن ٿن زبردست ڪاهن ڪومنٽانگ جي فوجي راڪاس جي چيلھ پڃي ڇڏي. امريڪا ۽ چيانگ وري بہ ڪوشش ڪئي تہ ڪجھ مهلت ملي تہ جيئن انهيءَ وچ ۾ نيون فوجون ڀرتي ڪري انهن کي تربيت ۽ نوان هٿيار ۽ سازسامان ڏيئي ميدان تي آڻيون. هنن وري بہ صلح جي ڳالهين وارو پراڻو هٿيار استعمال ڪيو.

پهرين جنوري 1949ع تي چيانگ ڪائي شيڪ اعلان ڪيو تہ مون صدارت تان استعيفيٰ ڏني آهي ۽ پنهنجي جاءِ تي ٻئي ماڻهوءَ کي عارضي صدر مقرر ڪيو اٿم. ان هٿ ٺوڪئي عارضي صدر ڪميونسٽ پارٽيءَ کي قوم جي نالي ۾ اپيل ڪئي تہ ”گهڻي رتوڇاڻ ۽ بربادي ٿي چڪي آهي. هاڻ اڃو تہ سڀ اختلاف وساري هن بدنصيب قوم جي ڇوٽڪاري لاءِ راھ ڳوليون. مهرباني ڪري مسڪين قوم تي رحم ڪائي وڏيڪ رتوڇاڻ بند ڪريو.“

وڏن زميندارن، سرمائيدارن ۽ سندن عيوضين جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڪيترا ساد سودا ماڻهو برغلائجي ويا. خود اهي ماڻهو جيڪي انقلاب سان همدرديون رکندا هئا سي بہ چوڻ لڳا تہ ”ڪومنٽانگ وارا ڪٽي ڪهڙا بہ آهن پر

هينئر واجبي ڳالهه تا ڪن. ’جيڪو ڀُلي ڀُلي پاڻ اچي، سو ڀ ڀُليو نہ چئجي.‘ جيڪي ٿيو سو ٿيو. ڏڌو ڪير وري ٽڻن ۾ نہ پوندو. هاڻ سيني چينين کي گهرجي تہ پاڻ ۾ وري ڀ پائر ٿي وڃن.“ ملڪ جي هوا ۾ اهو ڦيرو ڏسي خود ڪميونسٽ پارٽي اندر ليوشائوچي جهڙا ڪيترا اڳواڻ چوڻ لڳا تہ هاڻي سڀ مطلب پورا ٿيا آهن. ڪومنتانگ جو نڪ پٽ سان لڳو آهي. چڱي صلاح اها آهي تہ ڪومنتانگ سان ڪنهن نہ ڪنهن نموني ناهه ڪري ڇڏجي. ڇو تہ هاڻ ڪومنتانگ وارا ڪٽي ڇا ڀ ڪندا تہ ڀ وري نہ اسري سگهندا. اجايو ضد نہ ڪجي. متان امريڪا ڀ ضد ۾ اچي جپاني فوجن کي وري گهرائي وري ڪو دنگاڻ نہ ڪرائي وجهي. يا مورڳو ائٽم بم نہ هٽي ڪڍي. اڌ کي ڇڏي سڄيءَ ڏانهن ڊوڙبو تہ اڌ ڀ وڃائبو. خود روسي انقلابي پارٽيءَ ۽ حڪومت ۽ سندن اڳواڻ مارشل اسٽالين ڀ دوستاڻي صلاح ڏني تہ حال اوهين اتر چين رکو. ڏکڻ چين ۾ في الحال پلي چيانگ جي حڪومت هجي. پوءِ ڀ ڏنو ويندو. پر مائوزي تنگ انهن سمورن دليلن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ چيائين تہ چيني قوم هنن ذليلن کي ويهہ سال برداشت ڪيو آهي. انهيءَ وچ ۾ هنن عوام خلاف اهڙا ڏوهہ ڪيا آهن جن جي معافي ٿي نٿي سگهي. هنن ماڻهن تي اعتبار ڪرڻ يا مٿن قياس ڪائڻ ائين آهي جڻ نانگ کي کير پيارڻ. باقي رهيو ائٽم بم سو جنگ ۾ فتح جو مدار عوام تي آهي. ٻن ٽن نون هٿيارن تي ناهي. ائٽم بم ڪاغذ جو شينهن آهي. ان کان ڊڄبو تہ ري موت مري وڃبو.

اجان اهو گهوٽالو هليو پئي تہ 26 جنوري تي ڪومنتانگ سرڪار چيني قوم جي قاتل، جپاني فوجن جي ڪمانڊر انچيف جنرل ياسوجي اوڪامورا کي آزاد ڪري ڇڏيو. مائو مطالبو ڪيو تہ انهيءَ جنگي مجرم کي هڪدم گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪنهن ڀ جنگي ڏوهاري کي نہ ڇڏيو وڃي. ساڳئي وقت چيانگ ۽ سندس ڏوهاري ساٿين کي ڀ حفاظت ۾ رکيو وڃي. صلح جون ڳالهيون فقط تڏهن ئي هلايون وينديون. آخر ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڳالهيون هليون ۽ ناهہ جو مسودو تيار ٿيو. آخري ٽائيم تي ڪومنتانگ اهو صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. 21 اپريل 1949ع تي مائوزي تونگ چين جي عوامي انقلابي فوجي ڪميشن جي چيئرمن جي حيثيت ۾ انقلابي فوجن کي سڄي چين ۾ عام حملي جو حڪم ڏنو.

# سڄي چين ۾ عام حملو

21 اپريل 1949ع تي انقلابي فوج جون ٻيو ۽ ٽيون نمبر ميداني فوجون جنرل ليو پيو چينگ ۽ جنرل چين يي جي اڳواڻي هيٺ ڪومنتانگ جي مورچن کي ٽوڙي پنج سئو ميلن جي ايراضي ۾ يئنگ زي نديءَ پار اڪريون.

25 اپريل تي هنن فوجن ڪومنتانگ جي تخت گاهه نين ڪنگ تي قبضو ڪيو. پوءِ اهي ڏار ڏار رستا وٺي ڏکڻ طرف اڳتي وڌيون ۽ چين جي مکيه شهرن نان چانگ، شانگهائي، فوچو ۽ اٺمائي کي آزاد ڪرايائون. 14 مئي تي چوٿين ميداني فوج جنرل لِن پياؤ جي اڳواڻي هيٺ يئنگ زي ندي هڪ سئو ميلن ۾ پار ڪئي ۽ اهم فوجي اهميت وارن شهرن لوچانگ، هينگ يانگ ۽ هينگ ڪو کي آزاد ڪرايائون. پوءِ اها فوج مائو جي پيدائش واري صوبي هونان ۾ داخل ٿي. هونان جا ڪومنتانگ اختياري وارا پيش پيا. تنهن کان پوءِ جنرل لِن پياؤ جي فوج ڪومنتانگ جي فوجن سان ٻه مهينا هينگ يان ۽ پاوچنگ جي علائقن ۾ لڙائي ڪري ڪين ماري ميجايو ۽ ڪوانگ تونگ ۽ ڪوانگ سي جي ڏاکڻن صوبن ڏانهن اڳتي وڌي. 14 آڪٽوبر تي جنرل لِن پيائو جي فوج چين جي ڏکڻ چيڙي واري بندرگاهه ڪينٽين کي آزاد ڪرايو، 22 نومبر تي هن ڪويلن شهر ۽ 4 ڊسمبر تي نينگ شهر کي آزاد ڪرايو. ٻئي طرف پهرين ميداني فوج جنرل پينگ تي هئائي جي اڳواڻي هيٺ اولهه طرف وڌي ۽ سيان جي شهر تي قبضو ڪيائين. تنهن کانپوءِ هنن سان لين چو، سننگ، يين چوان تي قبضو ڪيو. سن ڪيانگ جي مسلمان صوبي ۾ رهندڙ ڪومنتانگ فوج جو ڪمانڊر انچيف ۽ ساٽس گڏ صوبي جو گورنر برهان الدين پيش پيا. نومبر ۾ ڪوئي يان ۽ چنگ ڪنگ شهرن تي قبضو ٿيو. ڊسمبر جي آخر تائين سواءِ تبيٽ ۽ تائيوان جي چين جي سمورن علائقن ۾ هڪ ڪنڊ کان وٺي ٻي ڪنڊ تائين انقلابي فوج جو قبضو ٿي ويو. چيانگ ۽ سندس ڪجهه جنرل امريڪا جي مدد سان امريڪي جهازن ۾ چڙهي تائيوان جي ٻيٽ ڏانهن ڀڄي ويا.

15 جون 1949ع تي پيڪنگ ۾ صلاحڪار ڪانفرنس جي تياري ڪندڙ ڪميٽي جو اجلاس ڪوٺايو ويو. ان ۾ سمورين جمهوريت پسند تنظيمن، شاگردن، دانشورن، استادن ۽ ٻين تنظيمن جا نمائندا شامل ٿيا.

30 جون 1949ع تي مائوزي تنگ چيني ڪميونسٽ پارٽي جي 28 سالگره جي موقعي تي عوامي جمهوري ڊڪٽيٽرشپ جو نظريو پيش ڪيو. هن ان بابت پنهنجو مقالو پڙهيو. ان ۾ چيائين تہ نئين عوامي جمهوريت عوام لاءِ جمهوري هوندي پر عوام دشمن ۽ غدار طبقن خلاف ڊڪٽيٽري پاور استعمال ڪندي.

## چيني عوامي جمهوريت جو قائم ٿيڻ

1 آڪٽوبر 1949ع تي مائوزي تنگ پيڪنگ ۾ چيني عوامي جمهوريت جي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اهڙيءَ ريت چين جي انقلابي عوام صدين کان پنهنجي قومي آزادي ۽ انقلاب لاءِ جيڪا شاندار جدوجهد ڪئي هئي سا سوڀاري ٿي. قوم جي دشمن وڏن زميندارن، جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ ڌارين سرمائيدارن جي دلالن جي هٿ مان اقتدار کسجي هارين، مزدورن ۽ غريبن جي هٿ ۾ آيو.

پارٽيءَ ۽ سندس عظيم اڳواڻ مائو جي 25 سالن جي جدوجهد نيٺ رنگ لاتو. هنن عوام سان واعدو ڪيو هو تہ جيڪڏهن اوهين هٿيار کڻي انقلابي جدوجهد ڪندا تہ کٽي چا بہ ٿي پوي توهين پس پيش ضرور ڪامياب ٿيندا. اها پيشنگوئي پوري ٿي.

مائو کي چيني عوامي جمهوريت جو چيئرمين چونڊيو ويو. سندس عمر ان وقت 56 سال هئي.

چيني قوم جو سڄو بدن زخمن سان چُور هو. ان کي فورن ملم پٽيءَ، علاج، سنڀال ۽ ڏڍ جي ضرورت هئي.

مائو جي هدايت هيٺ سڄي چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ انقلابي فوج تباهہ ٿيل قوم ۾ نئين سر ساهہ وجهڻ لاءِ سيني مورچن تي جنبي ويون. مائو انهيءَ نئين اڏاوت لاءِ سربستو پروگرام گهڻو گهڻو اڳ ناهي ڇڏيو هو. هينئر ان تي عمل شروع ٿي ويو.

## اسٽالن سان ملاقات

مائو پنهنجي عمر ۾ چين کان ٻاهر ڪونہ ويو هو. انقلابي حڪومت قائم ٿيڻ کان ٽي مهينا پوءِ هو 26 ڊسمبر 1949ع تي حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو چين کان

ٻاهر روانو ٿيو. سندس منزل ماسڪو هئي. ماسڪو جي ڪريملن واري شاهي محل ۾ جارجيا جي غريب موچيءَ جو پٽ جوزف اسٽالن رهندو هو.

مارشل اسٽالن سان مائو جي هيءَ پهرين ملاقات هئي. مائو ۽ سندس انقلابي قوم ان وقت ڌرتيءَ کي ڌوڏيندڙ فتح حاصل ڪئي هئي. اها فتح انسان ذات جي صدين جي تاريخ جو وهڪرو بدلائڻ واري هئي. ان فتح سبب اوپر تي اولهه جي برتري ختم ٿيڻ واري هئي. ان فتح ڪري انقلابن جو مرڪز يورپ مان ڦري پوئتي پيل ۽ ڏتڙيل ايشيا ۾ اچڻو هو. انقلاب جي امانت يورپ جي انقلابي ڏاهن ۽ دانائن وٽان ڦري ايشيا جي ڏڍن ۽ سادن سودن انقلابي هارين جي هٿ ۾ اچڻي هئي.

پر اهي سڀ نتيجا اڃان آئيندي جي پردي ۾ لڪل هئا. تيستائين مائو جي پوزيشن هڪڙي پوئتي پيل غريب هاري ملڪ جي سادي سودي اڳواڻ واري هئي. ۽ اسٽالن اسٽالن هو. هو ڪوهه ڪاف جو اهو انقلابي شهباز هو جنهن کي روسي شهنشاهن جا قهري قيد ۽ جلاوطنيون زير ڪري نه سگهيون. هو عظيم لينن جو انقلابي شاگرد ۽ وارث هو. هن انقلابي روس تي چوڌهن سرمائيدار ملڪن جي اڳرائيءَ پيري زارتيسن شهر وٽ زميندارن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي فوج کي ڪاپاري ڌڪ هڻي شڪست کي ڦيري فتح بنايو هو. هو دنيا ۾ مزدورن ۽ هارين جي پهرين انقلابي حڪومت جو اڏيندڙ، بچائيندڙ ۽ مضبوط ڪندڙ هو. هو روس جي انقلابي هارين ۽ مزدورن جي فوج جو سپهه سالار اعظم هو. هن هٽلر جهڙي آدم خور ۽ سندس فرعون جنرلن جي آڪڙ کي ڌوڙ ۾ گڏي ڇڏيو هو. هن چرچل، روز ويلٽ جهڙن آڙيڪاپ سرمائيدار سياسي مدارين کي ٽوٽا چٻايا هئا. سڄي دنيا جي ظالم زميندارن، سرمائيدارن ۽ مسڪين عوام جي دشمنن کي هن جو رڳو نالو ٻڌي بدن ۾ سياٽو ۽ ڏڪڻي وٺي ويندي هئي.

لاکا لک سڄڻ، ڦلاڻيءَ پير پيو،
جنهن پر راڻا راڄئا، ڪوڙن منجهه ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، ستي سنچو نه لهي. (شاهه)

اسٽالن ان وقت سڄي دنيا جي انقلابين جو مڃيل استاد ۽ سپہ سالار اعظم هو. سندس اڳيان مائو جي حيثيت هڪ لائق شاگرد واري هئي. مائو کي اسٽالن چيني انقلاب بابت ڪيتريون هدايتون ڏنيون هيون. انهن مان ڪي تمام

ڪارائتيون هيون. پر ڪن صلاحن مان مائو خوش ڪونہ هو. هن نهايت فضيلت ۽ ادب سان اسٽالن جي ڪن راين سان اختلاف ڪيو هو ۽ پنهنجي عقل ۽ مرضيءَ تي هليو هو. پر اسٽالن پوءِ بہ سندس مجيل استاد ۽ هزار ادب ۽ احترام جي لائق انقلابي مرشد هو. اسٽالن هن ملاقات ۾ ڪشاده دليءَ سان قبول ڪيو تہ منهنجي چيني انقلاب جي واٽ بابت راءِ برابر ڪيترن هنڌن تي غلط هئي ۽ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي راءِ صحيح هئي. اهڙيءَ طرح اولهہ پهريون ڀيرو اوپر کي داد ڏنو.

## روس سان دوستيءَ جو عهدنامو

مائو پوڻا ٻہ مهينا روس ۾ رهيو. 14 فيبروري 1950ع تي هن روس سان دوستي، مدد ۽ جنگ ۾ هڪٻئي جو ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جو معاهدو ڪيو.

## ڪوريا جي جنگ

امريڪا لاءِ چين ۾ ڪاڏل ڏک برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هو. هن سوچيو تہ هي جيڪو خوفناڪ ديو جاڳيو آهي سو جي وڌيو ويجهيو تہ پوءِ دنيا ۾ اسان جي وڏيرپ جيڪا هلي سا هلي. هنن جو ان وقت ذري گهٽ سڄي غير ڪميونسٽ دنيا تي قبضو هو. جرمني ۽ جپان جهڙا فيل مست ملڪ سندن پيرن جي خاڪ هئا. هو مرڻ مارائڻ بنا پنهنجي وڏيرپ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا.

25 جون 1950ع تي يعني چيني حڪومت جي قائم ٿيڻ کان اٺ مهينا پوءِ امريڪا ڪوريا جي لڙائي شروع ڪرائي. ان لڙائيءَ جو بهانو ڪري هنن چين جي ٻيٽ تائيوان تي فوجي قبضو ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجو جنگي ٻيڙو آڻي چين جي ڪناري تي بيهاري ڇڏيائون.

ڪوريا چين جو پاڙيسري ملڪ آهي. امريڪا ان جو ڏکڻ وارو اڌ ڪپي پنهنجي قبضي ڪيو آهي. ٻئي اڌ ۾ انقلابي حڪومت قائم آهي. پهرين ملهہ ۾ اتر ڪوريا جي انقلابي فوجن امريڪا جي ڇاڙتي ڏکڻ ڪوريا جي فوجن کي ڀڄاري وڃي سمنڊ جي ڪناري تي اچلايو. غدار حڪومت جي تخت گاهہ سيول تي قبضو ڪيو ويو. 15 سيپٽمبر 1950ع تي جنرل ميڪ آرٿر جي ڪمان هيٺ امريڪا ۽ ٻين سندس ڇاڙتن ملڪن جي فوجن گڏجي اتر ڪوريا جي انقلابي فوجن

خلاف حملو ڪيو. 2 آڪٽوبر تائين اهي فوجون انقلابي فوجن ڪي پوئتي ڌڪي ڏکڻ ڪوريا جون سرحدون ٽپي اتر ڪوريا جي انقلابي حڪومت جي سرحدن ۾ داخل ٿيون. ٻي ڏينهن 3 آڪٽوبر 1950ع تي چيني وزيراعظم چو اين لائي پارٽي سفير سردار پانيڪر جي معرفت امريڪي سامراجين ڪي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن امريڪا اتر ڪوريا تي پنهنجو حملو بند نه ڪيو ته چين جي حڪومت اتر ڪوريا جو بچاءُ ڪندي. امريڪا ڪي چين اک ۾ به ڪونه هو. هنن سوچيو ته چين جو جهڳو جهڻ ٿيو پيو آهي. وٽس نڪي اعليٰ هٿيار آهن نڪا هوائي ۽ بحري فوج آهي. هو امريڪا جي موتمار هوائي ۽ بحري فوج سان ٽڪر کائڻ جي کهڙي جرئت ڪري سگهندو؟ تنهنڪري هو ڌوڪيندا وڌندا رهيا. اتر ڪوريا جي انقلابي فوج انقلابي عوامي جنگ جي اصولن تي عمل ڪري اک چنڀ ۾ پهاڙن ۽ ٻيلن ۾ گم ٿي ويئي. 19 آڪٽوبر تي امريڪا ۽ سندس چاڙتن فوجن انقلابي تخت گاهه پيانگ يانگ تي قبضو ڪيو. آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ۾ اهي فوجون وچي اتر ڪوريا جي آخري چيڙي تي پهتيون. امريڪي ڪمانڊر ان چيف جنرل ميڪ آرٿر سرحد پار ڪري چيني علائقن ۾ بمبازي ڪرڻ جا سانيها ڪرڻ لڳو. 31 آڪٽوبر 1950ع تي چين جي رضاڪار فوج اتر ڪوريا ۽ چين جي وچ ۾ وهندڙ يالو ندي پار ڪري اتر ڪوريا ۾ داخل ٿي. هن اتر ڪوريائي انقلابي فوج سان گڏجي وڄ جهڙو تيز ۽ قهري جوابي حملو ڪيو ۽ امريڪا ۽ سندس چاڙتن جي فوج کي اتر ڪوريا مان ڊوڙائي ڪڍي ڇڏيائين. 30 نومبر 1950ع تي امريڪي صدر ٽرومن ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن چيني فوجن اتر ڪوريا جي مدد بند نه ڪئي ته چين تي ائٽم بم ڪيرايو ويندو. انهيءَ ڌمڪيءَ جي زور تي امريڪا سڄي دنيا کي ڏڪائي پنهنجي پيرن هيٺ ڪيو هو ۽ جڏهن به ٿورڙي ڪسر نه ايندي هيس ته اها ڌمڪي ڏيندو هو. پر مائو ٻي بلا هو. هن اعلان ڪيو ته ائٽم بم ڪاغذي شينهن آهي. جيڪا قوم بهادريءَ سان مقابلو ڪندي تنهن کي ائٽم بم هرگز شڪست ڏيئي نٿا سگهن.

11 اپريل 1951ع تي امريڪا جي آڪڙباز ڪمانڊر انچيف ميڪ آرٿر کي ڊسمس ڪيو ويو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ امريڪا مجبور ٿي ناھ جون ڳالهيون شروع ڪيون.

آخر جنگبندي ڪئي ويئي. هن جنگ امريڪا جي سچي لئي ٿوڙي وڌي. دنيا سمجهي ويئي تہ ايشيا جي بڪين اگهاڙن ۽ موچڙي ڪٽيل قومن ۾ بہ ڪي مڙس ماڻهو پيدا ٿيا آهن جي هاڻ يورپ ۽ امريڪا جي معتبري هلڻ ڪانہ ڏيندا.

انهيءَ وچ ۾ آڪٽوبر 1950ع تي چيني سرڪار تبيٽ جي وڏي پير دلائي لاما سان ناهہ ڪيو. تبيٽ جو علائقو هيستائين انگريز انهيءَ وڏي پير جي معرفت اڻ سڌيءَ طرح قبايو وينا هئا. سو هن ناهہ وسيلي موٽائي چين سان شامل ڪيو ويو. انگريزن پارت ڪي پٺيءَ ڏني تہ اسان جي هندستاني سلطنت جا وارث هاڻ توهان آهيو. جيڪي اسان پويان ڇڏيو سو اوهانجي ملڪيت آهي. تبيٽ بہ هاڻ اوهان جو ٿيو. وارو ڪري اهو چين ڪان ڪسيو. پارٽي وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن جي حڪومت جي دل بہ هرڪي، پر غدار زميندارن ۽ سرمائيدارن وارو چين تہ رهيو ئي ڪونہ هو جنهن ڪي آسانيءَ سان دبائي سگهجي. هاڻ تہ اتي ڪاري ڊگهي جا ڏٽي هاري مزدور ۽ غريب جاڳي پيا هئا. انهن هنن ڪي ڪنگهيو بہ ڪونہ.

# عوام دشمنن خلاف تحريڪ

امريڪا ڪوريا جي جنگ جو فائدو وٺي چين ۾ پنهنجا ڪيترا چاڙتا سمگل ڪري داخل ڪرايا هئا. هو پيچ ڊاهہ، جاسوسي ۽ بيون شرارتون ڪرائڻ لڳا. انهن شرارتن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ 21 فيبروري 1951ع تي انقلاب دشمنن ڪي پڪڙڻ ۽ عوام جي سوچ بدلائي انقلابي بنائڻ جي مهم شروع ڪئي ويئي. عوام ڪي سجاڳ ڪري منظم نموني تحرڪ ۾ آندو ويو. هاري ۽ مزدور عوام، نامي گرامي ڌاڙيل ۽ خوني وڏن زميندارن ۽ سندن ظالم غنڊن ڪي گرفتار ڪري ڏچرن وارا ٽوپلا پهرائي عام جلسن ۾ پنهنجي اڳيان ڪڙو ڪندا هئا. ڪاغذ جي تختيءَ تي سندن نالا لکي سندن بدن تي چنبڙائيندا هئا. پوءِ ان ظالم جو ستايل هرڪو ماڻهو ان ظالم ڪي ٻڌائيندو هو تہ تون مون سان هي هي ظلم ڪيا. ائين هزارين ستايل انهن ڌاڙيلن ۽ خونين ڪي سندن عوام خلاف ڪيل ڏوهہ بيان ڪري ٻڌائيندا هئا. جيڪي ظالم سچيءَ دل سان توبهہ تائب ٿيندا هئا ۽ گوڏن پر جهڪي هٿ ٻڌي ليلائي عوام ڪان معافي وٺندا هئا تن مان ڪن ڪي عوام بخش ڪندو هو. ڪن ڪي هلڪيون سزائون ڏيندا هئا. باقي جن جا ڏوهہ تمام سنگين هوندا هئا

۽ جيڪي عوام کان ٻاڏائي معافي نہ وٺندا هئا تن تي باقاعدي مقدما هلائي ڏوهہ ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ ڪين سزائون ڏيندا هئا.

## عوام دشمن ڪامورن خلاف تحريڪ

ٻئي سال 1952ع ۾ مائو جي هدايت هيٺ عوام جهنڊا بلند ڪري نعارا وڄائي جلوس ڪڍي رشوت خورن، آفيس ۾ ڪم جي اجائي اينگهہ ڪندڙن ۽ بي ايمان ۽ عوام دشمن ڪامورن جي ظلمن خلاف زبردست جدوجهد شروع ڪئي. مائو جي تعليم جو هڪڙو بنيادي اصول آهي تہ عوام جي انقلابي سرڪار سرڪاري حڪم ڪڍي عوام جي فائدي جا ڪم نہ ڪري. عوام ڪي سرڪاري خيرات نہ گهرجي. ڪيس بيدار ۽ منظم ڪجي تہ هو هزارن لکن جي تعداد ۾ منظم ٿي حرڪت ۾ اچي مظاهرا ۽ جلوس ڪڍي پنهنجا حق پاڻ گهرن. پوءِ عوامي حڪومت سندن مطالبا مڃي گهربل ڪم ڪري.

1953ع ۾ پيگل ٽتل ڪارخانن، رستن، ريلواين جي مرمت جو ڪم پورو ٿيو ۽ چين ڪجهہ سامت ۾ آيو. ٻهراڙيءَ ۾ ٻہ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ جون جماعتون قائم ٿيون جي آهستي آهستي ترقي ڪري اڳ سوشلسٽ ٿي ويون. گهٽا ڪم ڪيترا راڄ پاڻ ۾ گڏجي ڪندا هئا ۽ نفعي نقصان ۾ هڪجهڙا ڀائر ٿيندا هئا. اهو بنياد ٻڌي، هاڻي اڳتي وڌڻ لاءِ ايندڙ پنجن سالن جو منصوبو ٺاهي ان تي عمل شروع ڪيو ويو. سيپٽمبر 1953ع ۾ روس سان نون ڪارخانن هڻڻ ۽ روسي ڪاريگر مدد طور ڏيڻ جو معاهدو ڪيو ويو.

## اسٽالين جي وفات

هن ئي سال دنيا جي تاريخ جو هڪ تمام اهم واقعو ٿي گذريو. ان واقعي دنيا جي انقلابي تحريڪ توڙي دنيا جي تاريخ جو رخ اوچتو موڙي ڇڏيو. روس جو اڳواڻ ۽ سڄي دنيا جي انقلابي تحريڪ جو سپهہ سالار مارشل اسٽالين گذاري ويو. سندس موت جي ڪري ايڏو وڏو خال ٿي پيو جو ان ڪي ترت پرڻ وارو ڪوبہ اڳواڻ ڪونہ نظر آيو. روس جي انقلابي پارٽيءَ ۾ ڪيترن ئي مختلف طبقن جا ماڻهو شامل هئا. انهن ۾ ڪيترا نظرياتي ويڇا ۽ اختلاف هئا. پر اهي مارشل اسٽالن جي چپ جهڙي ڳري هستيءَ جي اثر رسوخ هيٺ دٻيا پيا هئا.

اهي اختلاف هاڻ نکري ميدان تي آيا ۽ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ اندر مخالف طبقن جي وچ ۾ ڪشمڪش تيز ٿي ويئي. روس اندر گذريل 35 سالن ۾ پارٽي ڪارڪنن، مئنيجرن ۽ آفيسرن جو مٿيون طبقو نهي ويو هو. ان طبقي وڏيون پگهارون، بنگلا، اعليٰ تعليم، اعليٰ هنري قابليتون، وڏيون رعايتون ۽ سهوليتون حاصل ڪري ورتيون. اهو اجا بہ وڌيڪ اختيارين، رعب تاب، هستي مستي ۽ عيش آرام حاصل ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيو هو. اهو طبقو هاڻ ڪنڊن پاسن مان نڪري ظاهر ٿيو ۽ ڏسندي ڏسندي روس جي پورهيت انقلابي قوتن کي سياسي اسٽيج تان ڌڪي پاڻ ان تي ڇانئجي ويو.

انهيءَ جو ڇتاءُ لينن گهڻا سال اڳ ڏيئي ويو هو. هن چيو هو تہ "اسان جي سوويت سرڪاري ڪامورن مان نئون وچولو ۽ سرمائيدار طبقو پيدا پيو ٿئي. ان کي روڪيو". لينن ۽ ان کانپوءِ اسٽالين سرمائيداريءَ ڏانهن لاڙو رکڻ واري انهيءَ نئين ايرنڊڙ طبقي کي اسرڻ، وڌڻ ويجهڻ کان روڪڻ ۽ سندس ذهنيت بدلائڻ لاءِ سخت جفاڪشيءَ سان تحريڪون هلايون هيون. هن ڪوشش ڪئي تہ ڪروڙين عوام جلد کان جلد تمام گهڻي ذهني ۽ ثقافتي ۽ سائنسي ترقي ڪري وٺن. تان جو ڪاموري ۽ آفيسر ڪلاس کي پير ڄمائڻ ۽ عوام جي اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو موقعوئي نہ ملي. پر سرمائيدار ملڪن پاڻ ۾ همصلاح ٿي ان سموري دور ۾ روس جي انقلابي حڪومت جو گهيرو ايڏو تنگ هو جو انقلابي حڪومت کي لاچار هن نئين ايرنڊڙ ڪاموري ۽ مئنيجر طبقي کي برداشت ڪرڻو پيو. پڇاڙيءَ وارن سالن ۾ انهيءَ طبقي جي ڪيترن حلقن سرمائيدار ملڪن سان سازش ۾ شريڪ ٿي روس جي انقلابي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جا وڏا گهاٽ گهڙيا. اسٽالين انهيءَ تي سخت قدم کنيو ۽ 1937ع ۾ ڪيترن سازشين کي سخت سزائون ڏنيو ويون. ڪيترن اعليٰ فوجي جنرلن کي گوليءَ سان اڏايو ويو. پر تيستائين ٻي جنگ عظيم شروع ٿي ويئي. جنگ کان پوءِ ملڪ سڄو تباهہ ٿيل هو. ان کي وري اڏڻ جي ضرورت هئي. اهڙي وقت تي گهر ۾ ڪو نئون گهوٽالو شروع ڪرڻ اسٽالن مناسب نہ سمجهيو. اڳيئي سندس خلاف گهڻي پروپيگنڊا ٿيل هئي. بهرحال هن سرمائيداريءَ ڏانهن لاڙو رکندڙ ڪامورن، مئنيجرن، جنرلن خلاف عوام جي ٻي پناهہ قوتن کي بيدار ۽ منظم ڪري تحريڪ ۾ نہ آندو، ۽ اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. عيش عشرت جا ڳولائو ۽

عوام جي اقتدار قبائڻ جو حرص رکڻ وارا موقعي جي تاڙ ۾ ٻرن ۾ لڪا ويٺا رهيا.

اسٽالين جي گذارڻ کانپوءِ اهي جڻ پنهنجي ٻرن مان نڪري آيا. گهٽي چڪتاڻ کانپوءِ نيٺ خروشچوف جو سوشلزم کام منکر ۽ منافق ٽولو لينن ۽ اسٽالن جي ناهيل ۽ اڏيل پارٽيءَ ۽ حڪومت تي قابض ٿي ويو.

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو. (شاهہ)

# جنيوا ڪانفرنس

1954ع ۾ ويٽنام جي انقلابي پارٽي ۽ سندس فوج هوچي منھ جي اڳواڻيءَ هيٺ فرينچ قبضو ڪندڙن کي دين بين ڦو جي جابلو ميدان تي موتمار شڪست ڏني. ان شڪست تي پردو وجهڻ لاءِ ۽ شرم کي پرچائڻ لاءِ سرمائيدار ملڪن جنيوا ۾ وڏين طاقتن جي ڪانفرنس ڪوٺائي. ان ڪانفرنس ۾ چين پاران وزيراعظم چو اين لائي شريڪ ٿيو. جنيوا جو صلح وارو عهدنامو صحيح ٿيو. ان ساڳئي سال انڊونيشيا جي شهر بندونگ ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جي غيرجانبدار ملڪن جي ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ چين کي تمام گهڻو مان ۽ عزت ڏني ويئي.

# ترقيءَ لاءِ وڏو ڇال

1955ع ۾ چين ۾ ٻنين، ڪارخانن ۽ واپار کي عوامي ملڪيت بنائڻ جو ڪم وڏي حد تائين پورو ٿي ويو. مائو جي هدايت هيٺ فيصلو ڪيو ويو تہ هاڻ ڪارخانن وجهڻ جي ڪم ۾ تڪڙو ۽ زبردست واڌارو ڪيو وڃي. زمين جي آباديءَ جي پراڻي ۽ مدي خارج سرشتي کي بدلائي بهتر ڪيو وڃي. 31 جولائي 1955ع کان گڏجي پوک ڪرڻ لاءِ زبردست تحريڪ شروع ڪئي ويئي. اهڙيءَ ريت ڇهن سالن جي مختصر عرصي ۾ چين دنيا جي مجيل هستي بنجي ويو. بکن، ڏکن ۽ فاقن جو دور ختم ٿيڻ شروع ٿي ويو. دنيا جي قومن جي برادريءَ ۾ چيني قوم کي وڏي عزت ۽ وڏو مان ملڻ لڳو.

# خروشچوف جو انقلاب دشمن حملو

فيبروري 1956ع ۾ روس جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ويهين ڪانگريس گهرائي ويئي. هن ڪانگريس جا ڪيترا کليا اجلاس ٿيا پر هڪڙو ڳجهو اجلاس

بہ ڪوٺايو ويو. ان اجلاس ۾ خروشچوف هڪ اهڙو نظرياتي ۽ سياسي بم اُڇلايو جنهن جي لهرن سڄي روس، سڄي دنيا جي انقلابي تحريڪ ۽ سڄي دنيا جي سياست کي وڪوڙي ڇڏيو. خروشچوف ڳجهي اجلاس ۾ پنهنجي انقلابي استاد ۽ اڳواڻ لينن جي جانشين، سوويت حڪومت جي اڏيندڙ ۽ انقلابي دنيا جي سپہ سالار مرحوم اسٽالين تي چٽا ذاتي حملا ڪيا. هن اسٽالين کي ڏاڙيل، خوني، روسي شهنشاهہ ايوان جهڙو ظالم ۽ جابر، روسي تاريخ جو سڀ کان وڏو ڊڪٽيٽر ۽ هڪڙو بيوقوف ۽ احمق انسان ڪوٺيو. هن چيو تہ جنهن زماني ۾ اسٽالين روس جو سربراهہ ۽ اڳواڻ هو اهو زمانو پراڻي زماني جي اونداهي جاگيرداري دور کان بہ وڌيڪ نفرت جهڙو وحشي ۽ اونداهو دور هو.

انهيءَ تقرير سڄي اجلاس جا حواس خطا ڪري ڇڏيا. جڏهن امريڪا جي جاسوسي کاتي انهيءَ تقرير جو رڪارڊ هٿ ڪري نيويارڪ ٽائيمس اخبار ۾ ڇپايو تڏهن سڄي دنيا ۾ سنسني ڦهلجي ويئي. سڄي دنيا جي انقلابي حڪومتن ۽ اڳواڻن چيو تہ اها امريڪا جي جاسوسي کاتي جي ذليل پروپيگنڊا آهي. ڇو تہ هيستائين ائين ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيو هو. اڳي دنيا جي انقلابي قوتن جي اڳواڻ يعني روسي حڪومت ڪڏهن بہ ائين اوچتو پنهنجي انقلابي ساٿي پارٽين سان صلاح ۽ اطلاع کانسواءِ پنهنجي پاليسيءَ ۾ ايڏو زبردست ڦيرو ڪونہ آندو هو. تنهنڪانسواءِ هي ظاهري طرح تہ اسٽالين تي حملو هو پر حقيقت ۾ اهو گذريل 30 سالن جي انقلابي حڪمت عملي ۽ انقلابي ڪارنامن ۽ ڪاميابين کان منهن موڙڻ ۽ پٺ ڏيڻ جو قدم هو. خروشچوف اسٽالين جي ڳلا جي آڙ ۾ گذريل انقلابي تاريخ تي ڪاراٺ جو ٽڪو هڻي انقلابي تحريڪ کي دنيا ۾ خوار خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انقلابي عوام تان دشمن ڪلايا هئا. صاف ظاهر هو تہ ان حرڪت جي پويان وڏا سياسي راز هئا. خروشچوف جي نيت بد ٿي ڏٺي. هن روس کي پنهنجي انقلابي رستي تان هٽائي سرمائيداري جي ڏٻڻ ڏانهن ڌڪڻ ٿي گهريو. سواءِ مائو جي دنيا ۾ ڪوبہ انقلابي ليڊر ايڏي هستيءَ وارو ڪو نہ هو جو هن انقلاب دشمن مردار حملي کي منهن ڏيڻ جي همت ساري سگهي پر مائو خود ڪمزور حالت ۾ هو. هن بلا کي منهن ڏيڻ ڪا چرچي جي ڳالهہ ڪانہ هئي.

## باب ستون

# وري چوطرف گهيري ۾

★

جو چليون پسي نہ چَکيو، تنهن واکاڻيو وک،
لُڏي کين لطيف چئي، لکن اڳيان لِکَ،
پير نہ موڙي پانهنجو، تکِيءَ پئجي تِکَ،
سرٽين ڏئي سُکَ، هکل سين هالار ڏٽي. (شاهه)

روس ان وقت جنگ جا زخم ميٽي چڪو هو. روسي مزدورن ۽ هارين ۽ سندن انقلابي پارٽيءَ لينن ۽ اسٽالن جي اڳواڻيءَ هيٺ گذريل 30 سال جيڪو رت ولوڙيو هو تنهنجو پلو فصل لهي چڪو هو. روس هاڻ دنيا جي ٻيو نمبر عظيم اقتصادي قوت بنجي چڪو هو. امريڪا جو روس تي ائٽمي گهيرو ٽٽي چڪو هو. روس بہ ائٽم ۽ هائڊروجن بم بنائي ورتا هئا. هاڻي هو راڪيٽن ناهڻ ۾ امريڪا کان گهڻو وڌي ويو هو. روس جا خلائي جهاز ڌرتيءَ جي ڪشش کي ٽوڙي چنڊ تي پهچي ويا هئا ۽ اتي روس جي انقلابي مزدورن ۽ هارين جي حڪومت جو متر‌ڪي ۽ ڏاٽي وارو لال جهنڊو کوڙي آيا هئا. روس جي يوڪرائين صوبي جو اڳوڻو پارٽي ڪامورو خروشچوف هينئر وڏي ڳالهہ ٿي ويو هو. هو لينن جي اسٽالين جي چڏيل اٿاهہ ورثي جو وارث بنجي وينو هو ۽ طاقت جي نشي ۾ الوٺ هو. چين سندس نظر ۾ ٻهراڙي جو جهنگ هو. چين جا سٺ ڪروڙ بکيا ماڻهو اجان پيٽ گذر لاءِ هلاڪ هئا. جي مقابلو ٿئي ها تہ مائو ۽ خروشچوف جي وچ ۾ ڪونہ ٿئي ها. ڪمزور ۽ ڪنگال چين ۽ زوراور شاهوڪار روس جي وچ ۾ ٿئي ها. ٻيو تہ روس سڄي دنيا جي انقلابي قومن ۽ انقلابي طبقن جي راڄ جو چڱو مڙس ۽ لٺ سردار هو. روس جي ڪميونسٽ پارٽي سڄي دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جي اڳواڻ هئي. جيڪو بہ ماڻهو روسي ڪميونسٽ پارٽي تي قابض هو

تنهن جي اک جي اشاري سان ڪوبہ ماڻهو سڄي دنيا جي انقلابي برادريءَ مان خارج ٿي سگهيو ٿي.

ٽين ڳالهہ تہ ان وقت سڄي دنيا جا سرمائيدار ۽ عوام دشمن بگهڙ انقلابي چين جي رت جا پياسا هئا. چين ڪي ٻي سڄي دنيا ۾ فقط روس ۽ سندس ساٿين جو ڏيو هو. اهي ملڪ ئي سندس پرجهلا ۽ ٻانهن ٻيلي هئا. هاڻ جي انهن سان ٿي ڦٽايائين ۽ اهي بہ سندس ويري ٿي ٿي پيا تہ پوءِ هن جون سڀ واهون بند ٿي ٿي ويون:

جي سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏيرَ،
ماروئڙا فقيرَ، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي؟! (شاھ)

هيڏانهن امريڪا هوڏانهن روس، اهي ڄڻ جنڊ جا ٻہ پڙ ٿي پون ها ۽ انديشو هو تہ چين ٻنهي جي وچ ۾ پيسجي اٽو ٿي ويندو.

چوٿين ڳالهہ تہ مائو کي خبر هئي تہ خود چين ۾ وڏن وڏن عهدن تي ڪيترا خروشچوف جا پيالي ياري موقعي جي تاڙ ۾ ويٺا آهن. ڪين رڳو ڪنهن وڏي طاقت جي هشي ۽ پٺي نيرڻ جي دير آهي. اهي وجهہ ملڻ تي انقلاب کي ڏک هٽندي ويرم ئي ڪانہ ڪندا. انهيءَ ڪري مائو جو خير ان ۾ هو تہ پنهنجو پٽڪو بچائڻ لاءِ خروشچوف جي حرڪتن کي ماٺ منيءَ ۾ برداشت ڪري ۽ ججهن جي پٺ وٺي. ائين ڪري ها تہ پنهنجو وقت عزت آبروءَ سان گذاري وڃي ها. پر پويان خروشچوف ۽ سندس سنگتي روس ۽ چين کي هٽي ڪامورن جي سرمائيدار حڪومت بنائي رکن ها.

مائو انقلابي آهي. ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين انقلابي آهي. تنهنڪري هن پنهنجي لاءِ، پنهنجي انقلابي پارٽيءَ لاءِ ۽ پنهنجي انقلابي ملڪ ۽ قوم لاءِ صلح سانت سان تائيم پاس ڪرڻ واري نہ پر خوفن ۽ خطرن جي واٽ چونڊي ڪنئي. هن خروشچوف جي ڏسيل انقلاب کان ڦريل واٽ تي هلڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. هن اڻ هوند، ڪمزوري، اڪيلائي ۽ دشمنن جي گهيرن جي حالت ۾ بہ خروشچوف جي انقلاب دشمن سياسي لائين کي چئلينج ڪرڻ ۽ ان سان ٽڪر کائڻ جو فيصلو ڪيو.

15 اپريل 1956ع ۽ 27 ڊسمبر 1956ع تي مائو خروشچوف جي نئين سياسي لائين تي فضيلت ۽ خبرداري سان تنقيدون ڪيون ۽ سندس اسٽالين تي مڙهيل الزامن کي ٽڏي ۽ محڪم نموني چئلينج ڪيو. هن چيو تہ اسٽالين جي پاليسي

ڪا سندس ذاتي پاليسي ڪانہ هئي. اها سڄي پارٽيءَ جي پاليسي هئي. انقلاب کي بچائڻ واري پاليسي هئي. سڄي دنيا جي انقلابين جي گڏيل پاليسي هئي. ان پاليسي کي ترڪ ڪرڻ، ان کي رد ڪرڻ ۽ انجي گلا ڪرڻ جو مطلب ٿيندو انقلاب جي حفاظت ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ. انقلاب سان بي وفائي ۽ غداري ڪرڻ. انقلابي هارين ۽ مزدورن جي اڏيل نظام کي انقلاب دشمن بگهڙن جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ.

## هنگريءَ ۾ انقلاب دشمن بغاوت

ٻي جنگ عظيم کانپوءِ يورپ ۾ سوشلسٽ ملڪن جو تعداد وڏي ويو هو. پولنڊ، زيڪوسلاويڪيہ، هنگري، بلغاريہ، رومانيہ، يوگوسلاويہ ۽ اوڀر جرمنيءَ ۾ روسي فوج جي مدد سان سرمائيداريءَ جو تختو اونڌو ڪري مزدورن ۽ هارين جي حڪومت قائم ڪئي ويئي هئي. خروشچوف جي هشي ڏيڻ تي انهن ملڪن ۾ سرمائيداريءَ جي حامين جو من وڏي ويو. هنن پورهيتن جي راڄ خلاف پروپيگنڊا زور شور سان شروع ڪري ڇڏي.

هنن ڪيترين ادبي ۽ ثقافتي ڪلبون کٽي ناهيون. انهن ڪلبن وسيلي هو سرمائيداري نظام وري قائم ڪرڻ لاءِ عوام کي برغلائڻ لڳا. هو ظاهري طرح ادب ۽ ثقافت جي آزادي جهڙا وڏندڙ نعرا هڻندا هئا. تنهنڪري پورهيتن غريبن کي خبر ئي ڪانہ پوندي هئي تہ ڪنهن جي بازار پيئي لڳي. هو سمجهندا هئا تہ شايد ڪا علم ۽ ادب جي خاص ڳالهہ هوندي جيڪا اسانکي سمجهہ ۾ نٿي اچي.

تانجو 1957ع ۾ هنگريءَ ۾ هڪڙي زبردست انقلاب دشمن بغاوت ڪئي ويئي. وڏي مشڪل سان روسي فوجن جي مدد سان بغاوت کي ڪچليو ويو. انهيءَ واقعي انقلابي قوتن کي سڄي دنيا ۾ وڏيڪ ڪمزور ڪيو. سيني سوشلسٽ ملڪن ۾ آزادي ۽ جمهوريت جي نالي جي آڙ ۾ سرمائيداري نظام موٽائي قائم ڪرڻ جي فائدي ۾ پروپيگنڊا هلڻ لڳي. سڄي دنيا جي انقلابي تحريڪ تي هڪ زبردست انقلاب دشمن مخالف لهر چائنجڻ لڳي.

## انقلابي سائنس ۾ نئون واڌارو

اهو ڏسي ماٺوزي تنگ 1957ع ۾ انقلاب جي سائنس ۾ هڪ نئون ۽ زبردست واڌارو ڪيو. اڳي عام طرح اهو سمجهيو ويندو هو تہ جاگيرداري ۽

سرمائيداري نظام ختم ٿيڻ ۽ سوشلسٽ نظام قائم ٿيڻ کان پوءِ سوشلسٽ ملڪن ۾ سڀ سک ٿي ويندو آهي. ڌار ڌار طبقن جو پاڻ ۾ مقابلو ۽ مخالفت ختم ٿي ويندي آهي. ان کان پوءِ پورهيتن جي ڊڪٽيٽرشپ جي گهٽي گهرج ڪانه رهندي آهي. زميندار ۽ سرمائيدار طبقا ختم ٿي ويندا آهن. باقي عوام پاڻ ۾ قرب ۽ محبت، ساٿ ۽ سهڪار ۽ صلح سانت سان رهندا آهن.

مائو انهيءَ بابت هڪ نئون مقالو "عوام جي وچ ۾ مخالفتون ڪيئن ختم ڪجن؟" لکيو. ان ۾ هن چيو ته مٿين ڳالهه غلط آهي. سوشلسٽ نظام ۾ به گهٽي گهٽي زماني تائين انقلابي عوام ۽ انقلاب دشمن طبقن جي وچ ۾ مقابلو جاري رهندو. سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام جا صدين جا پراڻا اثر پنهنجو زهر ڦهلائيندا رهندا. ڇوٽي وچولي طبقي منجهان سرمائيداري ذهنيت پيدا ٿيندي رهندي. ان کي نه روڪبو ته اها نيٺ هڪ نئين قسم جي سرمائيدار نظام کي جنم ڏيندي.

وڏي ڳالهه ته خود هارين ۽ مزدورن جي وچ ۾ به مقابلو ٿيندو ۽ مخالفت قائم هوندي آهي. هڪڙي پاسي عوام جي حڪومت ۽ ٻئي پاسي عوام جي وچ ۾ به ٽڪر هوندو آهي. سوشلسٽ حڪومت اندر رهندڙ ننڍين ۽ وڏين قومن جي وچ ۾ به ٽڪر ۽ مقابلو هلندو رهندو آهي. پراڻن ۽ نون خيالن، عادتن، ريتن رسمن ۽ نظرين جي وچ ۾ به مقابلو ۽ مخالفت جاري رهندي.

تنهنڪري سوشلزم قائم ٿيڻ کانپوءِ پورهيت طبقي جي ڊڪٽيٽرشپ کي ڪمزور ڪرڻ نه پر وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. سموري عوام مان خاص ڪري ڇوٽي وچولي طبقي ۽ پڙهيلن ڳڙهيلن مان صدين جا پراڻا ۽ رجعت پرست خيال تڙي ڪڍڻا آهن. منجهن هڪ نئين پورهيت انقلابي ذهنيت پيدا ڪرڻي آهي. جيڪڏهن ائين نه ٿيندو ته ڪڏهن نه ڪڏهن اها منزل ايندي جڏهن خود انقلابي پارٽيءَ تي به سرمائيداري خيالن ۽ نظرين جو قبضو ٿي ويندو. سوشلسٽ حڪومت جو فرض آهي ته رڳو سوشلزم جي اکر تي ڳنڍ ٻڌي نه وهي. ان کي وظيفو ڪري ڪم نه اٿي. هن کي گهرجي ته خود عوام اندر جيڪي مخالفتون ۽ تضاد آهن تن جي حقيقتن ۽ وجود کي تسليم ڪري. پوءِ وڏي ڌيان ۽ جفاڪشيءَ سان انهن جا حل ڳولي لهي ۽ عمل ۾ آڻي. نه ته خود عوام به ڪڏهن نه ڪڏهن اهڙي انڌي ۽ نااهل سوشلسٽ حڪومت مان بيزار ٿي پوندا ۽ سندس خلاف بغاوت ڪندا. ان جو فائدو عوام دشمن ئي وٺندا.

# دنيا جي انقلابي پارٽين جي ڪانفرنس

نومبر 1957ع ۾ خروشچوف ماسڪو ۾ سڄي دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين جي ڪانفرنس ڪوٺائي. مائو پنهنجي سر چيني وفد جي اڳواڻي ڪئي.

خروشچوف ٽولي ان ڪانفرنس ۾ ڪوشش ڪئي ته ڪانفرنس ڪان اهڙا فيصلا ڪرائي ڇڏيون جو اسان ڪي انقلابي واٽ ڪان ڦرڻ ۽ امريڪا سان ٻٽ ٿي مال ملڪيت ميڙڻ ۽ شاهوڪار ٿيڻ جي کلي ۽ باقائدي موڪل ملي وڃي. خروشچوف ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي چيو ته هاڻي جنگي هٿيار ايڏا خوفناڪ ٿي ويا آهن جو هاڻي جنگ لاءِ سوچڻ به حرام آهي.

هر انقلابي پارٽيءَ کي کپي ته جهيڙي ۽ لڙائيءَ جا سڀ خيال ترڪ ڪري مٺ محبت سان عوام جون دليون جيتي اليڪشنون کٽي سوشلزم قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. نه ته امريڪا ائٽمي جنگ ڇيڙيندو ۽ سڀ تباه ٿي ويندا سين. نه ڪا رهندي سرمائيداري ۽ نڪا سوشلزم. چو ته دنيائي ختم ٿي ويندي ته پوءِ سوشلزم ڪٿي قائم ٿيندي. ڇڏيو ته دنيا جون ٻه وڏيون ائٽمي طاقتون امريڪا ۽ روس پاڻ ۾ صلاح ڪري دنيا ۾ امن امان قائم ڪن. جيڪو به روس ۽ امريڪا جي ڳالهه کان ٻاهر ويندو ۽ گڙ ٻڙ ڪندو اهو انقلاب، عوام ۽ انسان ذات جو دشمن چئبو. گهڻا گهڻا سال اڳ آگسٽ 1946ع ۾ جڏهن اجان چيانگ ڪائي شيڪ چين تي چانيل هو تڏهن مائو امريڪي نامه نگار ائنالوئي اسٽرانگ کي انٽرويو ڏيندي پنهنجو جڳ مشهور بيان ڏنو هو ته "امريڪي رجعت پرست جنهن ائٽم بم سان عوام کي ڊيڄارين ٿا سو ڪاغذ جو شير آهي. اهو ڏسڻ ۾ ڏاڍو ڀوائتو اچي ٿو پر حقيقت ۾ ڀوائتو ڪونهي. ائٽم بم برابر عام تباهيءَ جو بم آهي پر جنگ جو فيصلو عوام ڪندا آهن. هڪ يا ٻه نئين قسم جا هٿيار ڪونه ڪندا آهن. اسان وٽ هينئر فقط کائڻ لاءِ ٻاجهر ۽ وڙهڻ لاءِ رائيفلون آهن. پر تاريخ ثابت ڪندي ته اسان جي ٻاجهري ۽ اسان جو رائيفلون امريڪي چاڙتي چيانگ جي هوائي جهازن ۽ ٽئنڪن کان وڌيڪ طاقتور آهن." واقعي ٿيو به ائين.

وري ڪوريا واري جنگ پيري جڏهن امريڪا باقائدي ائٽم جون ڌمڪيون ڏنيون هيون تڏهن به مائو ساڳي ڳالهه ڪئي ۽ امريڪا جي دڙڪن پر هيسجڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اهڙو ماڻهو ڪٿان ٿو خروشچوف جي ڌمڪين کان ڊڄي! هن

ڪانفرنس اڳيان تقرير ڪندي پنهنجو اهو مشهور نعرو ڏنو ”اوڀر جي هوا هاڻي اولهه جي هوا تي غالب آهي“. . . .

هن چيو ”مون سان هڪڙي ڏارئي ملڪ جي سياستدان جنگ جي مسئلي تي بحث ڪيو. هن چيو ته جي ائٽمي جنگ لڳي ته انسان ذات جو نالو نشان هن ڌرتي تان نيست نابود ٿي ويندو. مون چيس ته جنگ جو اهو قهر جي سچ پچ انسان ذات تي ڪڙڪي به پوي ۽ ڪٽي اڌ انساني نسل تباهه به ٿي وڃي ته به اڌ نسل ته بچندو! باقي سرمائيداري ۽ سامراج جو نالو نشان به ڪونه بچندو. پوءِ سڄي دنيا نيٺ سوشلسٽ ٿي ويندي. ٿورن ئي سالن ۾ انسان جي آدمشماري سوين ڪروڙ ٿي ويندي . . . . اسان چينين اجان پنهنجي ملڪ جي اڏاوت جو ڪم پورو نه ڪيو آهي ۽ اسان کي صلح سانت جي گهڻي ضرورت آهي. پر جيڪڏهن ڌارين سرمائيدارن اسان کي جنگ تي مجبور ڪيو ته پوءِ اسان کي لاچار پنهنجو پاڻ کي انهيءَ آفت لاءِ ذهني طرح تيار ڪرڻو پوندو. اسان کي پنهنجي ملڪ جي اڏاوت پوري ڪرڻ کان اڳ ۾ ساڻن فيصلو ڪندڙ جنگ لڙڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو. ان جنگ ۾ يا هو ختم ٿيندا يا اسين ختم ٿينداسين. جي اوهين روز جنگ جي نالي کان پيا ڏڪندا ۽ ڪنهن ڏينهن سچ پچ جنگ اوهان تي مڙهي ويئي ته اوهين ڇا ڪندا؟“

# غريب ۽ اڻ پڙهيل سڀاڳا آهن

1958ع جي بهار ۾ مائو پنهنجي قوم کي ترقيءَ لاءِ وڏو ڇال ڏيڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ”چين جي ڪروڙين عوام ۾ به خاص خاصيتون آهن. هڪڙو ته هو غريب آهن، ٻيو سندن ذهن خالي ۽ ڪورا آهن. ظاهري طرح ته اهي ٻئي ڳالهيون ڏک جهڙيون آهن پر حقيقت ڪري اهي فائدي واريون آهن. غريب ماڻهن ۾ عام طرح پنهنجي حالت بدلائڻ، پنهنجي مڙسي ڪرڻ ۽ انقلاب برپا ڪرڻ جي دلي خواهش رهي ٿي. اڻ پڙهيل عوام جا خالي ۽ ڪورا ذهن ڪوري ڪاغذ وانگر آهن. انهن تي ڪوبه مس جو دٻو ڪونهي. ڪوري ڪاغذ تي ماڻهو ڪهڙا به نوان نوان ۽ سهڻا سهڻا چٽ گل ڪڍندو ته ڪڍي سگهندو.“

# عوامي ڪميون

اها ڳالهه ظاهر آهي تہ ڪو ماڻهو اڪيلي سر ٿوريءَ موڙي ۽ ننڍي پيماني تي ڪو ڌنڌو يا ڪم ڪندو تہ ان مان تمام گهٽ فائدو ٿيندو. جي گهڻا ماڻهو گڏجي پنهنجون موڙيون ۽ پورهيا گڏي وڏي پيماني تي ڪو ڌنڌو يا ڪم ڪندا تہ ان مان گهڻو فائدو ٿيندن. سرمائيداري نظام زميندار ي نظام کي انهيءَ ڳالهه ۾ ئي ماريو. سرمائيدارن وڏا ڪارخانا قائم ڪيا جن ۾ هزارين ماڻهو گڏجي ڪم ڪن ٿا. ان ۾ خرچ جي بچت ٿئي ٿي. ڪم جو اڪلاءُ گهڻو ٿئي ٿو. لياقت وڌي ٿي. مشينون ڪم آڻي سگهجي ٿو.

پر سرمائيداري نظام ۾ هڪڙو زبردست بنيادي نقص آهي: اهو هي تہ ڪم تہ برابر هزارين ماڻهو گڏجي ڪن ٿا. ان مان تمام گهڻي بچت ۽ وڏو نفعو ٿئي ٿو. پر اها ملڪيت هڪڙي ماڻهوءَ جي يا ٿورڙن ماڻهن جي ٿئي ٿي. بچت ۽ نفعو بہ اهي ڪٽيو وڃن. عوام کي ڪوبہ فائدو نٿو پهچي. سوشلزم جو نظام سرمائيداري نظام کي انهيءَ ڳالهه ۾ ماري ٿو جو ڪم بہ گهڻا گڏجي ڪن ٿا ۽ بچت ۽ نفعو بہ گهڻن کي گڏ ٿئي ٿو. ان ڪري عوام جي دولت وڌي ٿي ۽ ان مان بيا ڪارخانا پون ٿا. ائين وچي تڪڙي ترقي ٿيندي. سڀ وڃن سکيا ٿيندا.

انقلابي استادن مارڪس ۽ اينجلس انقلابي پارٽين کي سيکاريو هو تہ عوامي حڪومت کي ڪارخانن سان گڏ زمين کي بہ عوامي ملڪيت بنائڻ گهرجي. جڏهن روس ۾ انقلاب آيو تڏهن لينن جو پروگرام هو تہ ائين ڪجي پر روس جي هاري پارٽيءَ تي چوٽي وچولي طبقي جي پڙهيلن جو قبضو هو. انهن وٽي هارين کي برغلايو تہ زميندارن کان زمينون کسي سرڪار پاڻ ڪٽندي تہ اوهان کي کهڙو فائدو ٿيندو؟ ان تي هاري بگڙي پيا. لينن لاچار هارين کي زمين ورهائي ٽڪر ٽڪر ڪري ڏني. نيٺ جڏهن هارين ڏٺو تہ انهن اڪيلن اڪيلن ننڍن ننڍن ٽڪرن مان ڪوبہ خاص فائدو نٿو ٿئي. تڏهن آهستي آهستي هنن گڏيل پوک جون ٽوليون ناهيون.

انهيءَ وچ ۾ ڪارخانا گهڻا ٿي ويا. ٽريڪٽر گهڻا تيار ٿي ويا. گڏيل پوک ٽريڪٽرن جي مدد سان ڪئي ويئي. هينئر روس جا هاري موجن ۾ آهن. پر اجا بہ سيني جي ملڪيت سورهن آنا گڏ ناهي. روس جو چوڻ آهي تہ جڏهن مشينري

جام ٿيندي ڏٺهن زمين کي ڪارخانن وانگر مڪمل طور عوامي ملڪيت ڪبو ۽ عوامي ڪميون ناهبا. عوامي ڪميون انقلابي گڏپ جو بهترين طريقو آهي.

چيني هارين کي زمين روسي هارين وانگر ٽڪر ٽڪر ڪري ورهائجي ملي. پر ان مان هارين جون مصيبتون پوريون ڪونہ ٿيون. تنهن ڪري آهستي آهستي گڏپ جي پوک جو رواج وڌو ويو. پر اها گڏپ اڃان مڪمل ڪانہ هئي. عام خيال هو تہ مڪمل گڏپ لاءِ اڃا 15 ـ 20 سال گهرجن. جو انهيءَ وچ ۾ لکين ٽريڪٽرن جو انتظام ڪرڻو آهي. پر ماٶ چيو تہ ترقيءَ جو مکيہ مدار ماڻهن تي آهي. مشينن تي ناهي. مشينن جي انتظام ۾ سال وڃائڻ جو ضرور ناهي. ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي منظم ٿي وڃن پوءِ مشينن هٿ ڪرڻ ۾ دير ڪانہ ٿيندي.

1958ع ۾ ماٶ هدايت ڪئي تہ چين ۾ عوامي ڪميون قائم ڪرڻ جي زبردست تحريڪ شروع ڪئي وڃي. عوامي ڪميون ۾ سوين هزارين گهرن ۽ ڪٽنبن جا ماڻهو سڀ پاڻ ۾ گڏجي هڪڙو گهر ۽ هڪڙو ڪٽنب ٿي ويندا آهن. سيني جي ملڪيت گڏ هوندي آهي سيئي گڏجي ڪم ڪندا آهن ۽ گهر جي پاتين وانگر پاڻ ۾ ورهائي وٺي کائيندا آهن. ڪميون جڻ تہ وڏن ڪارخانن وانگر آهي جنهن ۾ وڏي پيماني تي پيدائش ٿي سگهي ٿي. ججهن جي پورهئي مان لک بچائي لکن جي مشينري وني سگهجي ٿي. هزارين ماڻهو گڏجي وڏا واهہ کوٽي ويران ٻنيون آباد ڪري ٻرن ۾ بازاريون ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجي زندگيءَ کي رات مان ڏينهن بنائي سگهن ٿا.

ڊسمبر 1958ع ۾ امريڪا جو سينيٽر همفري خروشچوف سان ملڻ آيو. خروشچوف پرائي پنهنجي جو خيال لاهي سينيٽر همفري اڳيان چين ۾ عوامي ڪميون قائم ڪرڻ واري ڳالهہ تان چٿرون ڪيون ۽ چيائين تہ ”وٽن اڃان آهن ٽريڪٽر بہ ڪونہ هليا آهن ڪميون قائم ڪرڻ.“

# اندروني مخالفت

چين ۾ سرمائيداري وات جي شائقن جي کوٽ ڪانہ هئي. انهن ۾ هڪڙا ماڻهو اهي هئا جيڪي اڳي انقلابي هئا. هنن سالن جا سال جدوجهد ڪئي هئي. هاڻي هو وڏا آفيسر بنجي ويا هئا ۽ سکيا سهنجا ٿي ويا هئا. هنن جي مرضي هئي تہ هاڻ گهڻو ئي ٿيو. هاڻي ٿڌو ٿجي. اڳتي وڌڻ جي رفتار پوري پني رکجي. سڄي عمر ڊوڙيا آهيون. هاڻ ڪجهہ ٽڪ ٽڪجي. هنن کي ماٶ جي ڏوک ڏوڪان ۽

ڊوڙ ڊوڙان واري پاليسي بلڪل نئي وٺي. ٻيا اهي انقلابي هئا جن اڪثر شهرن ۾ ڪم ڪيو هو. مائو ۽ سندس ڪميونسٽ پارٽي ۽ انقلابي فوج پنهنجي جدوجهد سڄو وقت ٻهراڙيءَ جي جهنگن ۽ جبلن ۾ ڪئي هئي. شهرن ۾ رهندڙ انقلابي گهڻو ڪري لڪ ڇپ ۾ ڪم ڪندا هئا. انهن انقلابي پارٽي ۽ فوج وانگر ٻهراڙيءَ ۾ ڪٺن ۽ زبردست ڊسپلن واري زندگي ڪانه گذاري هئي. ٿيان وري نوان ڀرتي ٿيل پارٽيءَ جا ميمبر هئا. جڏهن سڄي چين ۾ انقلاب ڪامياب ٿيو ۽ وڏا شهر فتح ٿيا تڏهن شهرن جا لکين پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو جن ٿورو گهڻو انقلابي ڪم ڪيو هو سي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ داخل ٿيا. هو گهڻي ڀاڱي جاگيردارن، سرمائيدارن جي راڄ ۾ وچولي طبقي جا لکيل ادبي ۽ علمي ڪتاب پڙهيا هئا. اهي ڪتاب يا ته صفا انقلاب دشمن عوام دشمن هئا. يا ته وري نالي جا ترقي پسند هئا. انهيءَ نقلي ترقي پسند ادب ۽ علم تي چوٽي وچولي طبقي جي خسيس ۽ ڪوڪلي ذهنيت ڇانيل هوندي هئي. هو پائيندا هئا ته عقل جا اڪابر ۽ عزت آبروءَ جا لائق فقط شهرن جا پڙهيل آهن. جن مسڪينن ڪي جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي راڄ ۾ جاگيرداري سرمائيداري علم ۽ ادب پڙهڻ جو وجهه ڪونه مليو هو سي سندن خيال ۾ ڄٽ، بي وقوف ۽ نالائق هئا. سندن خيال هو ته جنهن ماڻهوءَ زميندارن ۽ سرمائيدارن جي راڄ جي پيدا ڪيل غيرعوامي علمن ۽ فنن ڪي پڙهيو سو ڄڻ ته ستين آسمان تي پهچي ويو. ڪين خبر ئي ڪانه هئي ته انقلابي ۽ عوامي علم ادب ۽ فن به ٿيندا آهن. مطلب ته سندن ذهنن مٿان انقلاب جو نيو برابر هو پر سندن ذهنن اندر غيرانقلابي خيال ڀريل هئا. چوٽان سرڪاري ڪامورا هئا. انقلاب اچڻ ڪانپوءِ پارٽيءَ جي سرڪاري ڪمن لاءِ پڙهيلن جي تمام وڏي ضرورت پيدا ٿي. لکين پڙهيل ماڻهو اهم عهدن تي فائز ٿي ويا. اهي ڇئن قسمن جا ماڻهو آهستي آهستي پاڻ ۾ ملي ويا. نتيجو اهو ٿيو ته انقلاب لاءِ رت ست ٻهراڙيءَ جي انقلابي اڻ پڙهيل هارين ۽ مزدورن ڏنو پر جڏهن ڪٽيءَ ڪائڻ جو ٽائيم آيو تڏهن سموري ديڳ جا مالڪ شهري چوٽي وچولي طبقي جا سفيد پوش پڙهيل ٿي ويا. ڪجهه وقت گذرڻ ڪانپوءِ انهن ڪي عوام تي حڪومت هلائڻ جي چوس پئجي ويئي. مائو ڪين سڌارڻ جون تحريڪون هلايون. پر انهن مان ڪوبه خاص ڪڙتيل ڪونه نڪتو. انهن جي ڪري سڄي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي انقلابي طبيعت بدلجڻ شروع ٿي. ان تي اندر ئي اندر اهڙن ماڻهن جي

اڪثريت چانئجي ويئي جيڪي انقلاب جي بنيءَ ۾ پڇي راس نہ ٿيا هئا ۽ اڃان پراڻن خيالن ۽ عادتن تي هريل هئا.

انهن ڪچن انقلابين غيرانقلابين ۽ انقلاب جي مخالفن جي ڳنڍيل ٽولي جي ليوشائوچي، تنگ شيائو پينگ جهڙا وڏا پارٽيءَ جا اڳواڻ پنيرائي ڪرڻ لڳا. فوج ۾ جنرل پينگ تي هئائي ۽ جنرل هوانگ توچينگ جهڙا جنرل سندن حمايت ڪرڻ لڳا. انهن اڳواڻن کي وري خروشچوف جون ٽيڪرون هيون.

## ليوشائوچي

ليوشائوچي، مائو ۽ چو اين لائي کانپوءِ پارٽيءَ جو سڀ کان بااثر اڳواڻ هو. سندس اثر گهڻي قدر شهرن جي چوٽي وچولي طبقي ۽ مزدورن ۾ هو. هن ۾ شروع کانوني سمجهوتو ڪرڻ، انقلاب ۾ ٽذائي ڪرڻ، انقلاب دشمن طبقن سان سُر ملائڻ جا لاڙا هئا. اهي آهستي آهستي ويا وڌندا. گهڻين ڳالهين ۾ سندس سياسي واٽ شروعاتي زماني جي چيني ڪميونسٽ اڳواڻ پروفيسر چن توشو واري هٿيار ڦٽا ڪرڻ واري واٽ جهڙي هئي.

1945ع ۾ جڏهن جپان شڪست کاڌي ۽ چيانگ امريڪا جي مدد سان انقلابي فوجن جو بڻ بنياد پٽڻ لاءِ عام حملي جا سانباها ڪري رهيو هو تڏهن ليوشائوچي جي مرضي هئي تہ هاڻي ڪومنتانگ سان نهي سندس ئي حڪومت اندر رهجي ۽ ڪجهہ سڌارا حاصل ڪجن. هن چيو "چين هاڻي صلح سانت ۽ جمهوريت جي نئين دور ۾ داخل ٿيو آهي. هن وقت انقلاب جي جدوجهد جو مکيہ طريقو هٿياربند جدوجهد نہ آهي. هاڻي مکيہ طريقو غيرهٿياربند جدوجهد ڪرڻ آهي. ان جو مقصد آهي عوامي پارليامينٽ حاصل ڪرڻ." مطلب تہ دشمن سان فوجي مقابلو ختم ڪري وڏيرن ۽ سيٺين سان اليڪشني مقابلا ڪري گهٽيون سيٽون کٽو!

اپريل 1949ع ۾ جڏهن انقلابي فوجون آخري عام حملو شروع ڪرڻ واريون هيون ڪيترن وڏن شهرن تي قبضو ٿي چڪو هو ۽ سرمائيدارن جي ملڪيتن تي قبضو ٿيڻ وارو هو تڏهن ليوشائوچي چيو تہ "چين ۾ سرمائيداري اڃان پنهنجي جوانيءَ ۾ آهي. ان ۾ وڏو واڌارو آڻڻ گهرجي . . . . سرمائيداري ڪو ڏوهہ ڪونهي. اها پاڻ چڱائي آهي. جيئن ڪارخانا وڌندا تيئن چين صنعتي طور اڳتي وڌندو."

1956ع ۾ چيائين تہ ”چين ۾ سوشلزم جي سرمائيداري تي فتح مڪمل ٿي چڪي آهي.“ مطلب تہ هاڻ انقلاب دشمن طبقن خلاف پهري سجاڳ رهڻ ۽ ساڻن جدوجهد ڪرڻ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي.

ليوشائوچي هرهنڌ اهم عهدن تي پنهنجن خيالن جا ماڻهو پرتي ڪري ڇڏيا. جڏهن خروشچوف جو رجعت پرست دور آيو تڏهن ليوشائوچي اندر ئي اندر انهن سان ملي ويو. اخبارن، ريڊئي ٽيليويزن، رسالن، فلمن، ٿيٽرن، راڳ ۽ فن جي سيني ادارن تي ليوشائوچي جي ٽولي جا ماڻهو قابض هئا. هو ماهرن جي روپ ۾ پنهنجا غيرانقلابي خيال وڏي زور شور سان چين ۾ ڦهلائڻ لڳا. مائو انهيءَ صورتحال خلاف آزادي ملڻ کان تڪڙو پوءِ تنقيد شروع ڪئي.

## شهنشاهن ۽ نازنينن جي وزارت

ثقافتي وزارت تي تنقيد ڪندي هن لکيو تہ ”جيڪڏهن هن وزارت پاڻ کي نہ بدلايو تہ پوءِ انکي ثقافتي وزارت نہ پر شهنشاهن، اميرن، سپهہ سالارن، وزيرن . . . . سهڻين نازنينن يا سانڊي رکيل قديم لاشن جي وزارت سڏڻ کپي.“ صحت جي وزارت وري رڳو شهرن جي صحت جو خيال رکندي هئي. ٻهراڙين سان ماٽيجي ماءُ وارو سلوڪ ڪندي هئي. تنهن تي مائو لکيو تہ ”ان وزارت کي شهري نوابن جي صحت واري وزارت سڏڻ کپي.“ پيڪنگ شهر جي پارٽي ڪميٽي انهن نام نهاد ترقي پسند عالمن، اديبن ۽ ماهرن جو وڏي ۾ وڏو اڏو هئي. مائو انهيءَ تي وقت بوقت تنقيدون پئي ڪيون. پر ليوشائوچي ۽ سندس چاڙتا ڪونہ ڪو بهانو ڏيئي ڳالهہ ٽاري ويندا هئا.

## تبيٽ ۾ جاگيردار بغاوت

19 مارچ 1949ع تي چين جي اندروني گهوٽالي جو فائدو وٺي برطانيہ ۽ امريڪا هندستان جي رجعت پرستن کي پاڻ سان ملائي تبيٽ جي بدمعاشن، وڏي پير دلائي لاما جي مردار ٽولي هٿان عوامي چين خلاف جاگيردارن جي بغاوت ڪرائي. هندستان جي سرڪار ذري گهٽ کلم کلا باغين جي همت افزائي ڪئي. جڏهن بغاوت ناڪام ٿي تڏهن دلائي لاما کي پڃائي آڻي پاڻ وٽ پناهہ ڏنائون. سرمائيدارن جي حڪومتن ۽ سندن جاسوسي کاتن، پريس، ريڊيو، ٽيليويزن

وسيلي زور شور سان چين خلاف پروپيگندا ڪرايائون. ان ڏينهن ڪانونئي يارت ۽ چين جي وچ ۾ دشمنيءَ جا سلا ايريا جي اڳتي وڌي وڃڻ تي ويا.

## مائو ڳوٺ هليو ويو

1959ع جي اونهاري ۾ مائو ٽيهن سالن کان پوءِ پهريون دفعو پنهنجي ڳوٺ شائوشان موٽي ويو. هو اتي هو تہ خبر پيس تہ روس بہ سال اڳ جيڪو ڪارخانن وجهڻ ۽ ڪاريگرن جي مدد ڏيڻ وارو عهدنامو ڪيو سو ختم ڪري ڇڏيو اٿس. 26 آگسٽ 1959ع تي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ليوشان شهر ۾ اجلاس ٿيو. ان ۾ انقلاب ڪان ڦري ويل ٽولي مائو جي سوشلزم اڏڻ واري واٽ تي سخت تنقيدون ڪيون ۽ سندس اڳتي چال ڏيڻ واري پاليسي کي رد ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ ميٽنگ ۾ چين جي وزيردفاع مارشل پينگ تي هئائي ۽ چيني فوج جي چيف آف جنرل اسٽاف جنرل هوانگ توچنگ، مائو جي سياسي لائين تي زبردست جهلون ڪيون.

مائو جو هميشہ اهو اصول آهي تہ ڪوبہ قدم تيستائين نہ کڻجي جيستائين اول عوام جي ذهن ۾ ان قدم جي اهميت چڱي طرح ويهي نہ رهي ۽ هو ان قدم کڻڻ لاءِ پاڻ بي چين نہ ٿين ۽ ڳهُر نہ ڪن. هو ڪاغذي ڪاروائي ۽ سرڪاري حڪمن وسيلي کي بہ قومي مسئلا حل ڪرڻ جي خلاف آهي.

پر عوامي آزاديءَ جي فوج جي اڳواڻن جي هي ڪلم ڪلا بغاوت تمام خطرناڪ هئي. تنهنڪري مرڪزي ڪميٽيءَ وزيردفاع ۽ چيف آف جنرل اسٽاف کي بروقت پنهنجن فوجي ۽ پارٽيءَ عهدن تان برطرف ڪري ڇڏيو ۽ مارشل لِن پيائو کي جنگي ڪاتي جو وزير مقرر ڪيو.

## يارت سان سرحدي جهڙپون

بئي مهيني يارت ۽ چين جي وچ ۾ سرحدي جهڙپون ٿيون ۽ 9 سيپٽمبر تي روس جي سرڪاري بيان ۾ چين ۽ يارت ٻنهي کي انهن جهڙپن لاءِ هڪجهڙو ذميوار ٺهرايو.

اهڙيءَ ريت روس پهريون دفعو سرڪاري طرح هڪ سوشلسٽ ساٿي ملڪ کي هڪ سرمائيدار واٺ وننڊڙ سرڪار جي برابر ٺهرايو.

## خروشچوف جو پيڪنگ اچڻ

انهيءَ مهيني خروشچوف صدر آئزن هاور سان ملاقات ڪرڻ لاءِ امريڪا ويو ۽ ڪيمپ ڊيوڊ ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ناهه جون ڳالهيون ٿيون. خروشچوف اها ڪيپ ڪتي 30 سيپٽمبر 1959ع تي پيڪنگ پهتو. شام جو مائو سندس اعزاز ۾ دعوت ڏني. ان ۾ خروشچوف وڏي غرور ۽ آڪڙ سان مائو کي فهمائش ڪئي ته اوهين دنيا کي ٽين جنگ ۾ وجهڻ گهرو ٿا.

## برادريءَ مان نيڪالي

جون 1960ع ۾ رومانيه جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪانگريس تي جنهن ۾ خروشچوف مائو تي ڪلم ڪلا حملا ڪيا ۽ ائٽمي جنگ جا ڊپ ڏياريا.

هن چيو ته هن زماني ۾ چين جي فوج جڻ انساني گوشت جو ڍير آهي. البانيه جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪانسواءِ ٻي سڄي دنيا جي سٺ ستر ڪميونسٽ پارٽين خروشچوف جي ها ۾ ها ملائي ۽ چين کي گهٽ وڌ ڳالهايو. ان ڪانپوءِ واري واري سان سمورن يورپي سوشلسٽ ملڪن جي ڪميونسٽ پارٽين ڪانگريسون ڪونايون. انهن ۾ سيني يڪراءِ تي چين ۽ مائو تي ملامت جا ڏوڙيا وسايا. چيني نمائندا هرهنڌ پهچندا هئا. هرهنڌ مضبوطيءَ سان پنهنجو نقطه نظر پيش ڪندا هئا. هرهنڌ ڪين بي عزت ڪري ويهاري ڇڏيندا هئا. دنيا جي پراٽين ڪميونسٽ پارٽين جي برادريءَ چين کي عملي طرح نيڪالي ڏيئي سندس حقو پاٽي بند ڪري ڇڏيو.

## اقتصادي ڏڪ

جولاءِ 1960ع ۾ روس چين ۾ ڪم ڪندڙ پنهنجا سمورا ماهر اوچتو واپس گهرائي ورتا. هنن جيڪو ڪم پئي ڪيو سو اڌ ۾ رهجي ويو. ڪارخانا بند ٿي ويا. مشينون اڌ ۾ رهجي ويون. سڄو صنعتي نظام درهم برهم ٿي ويو. نومبر 1960ع ۾ خروشچوف سڄي دنيا ۾ ڪميونسٽ پارٽين جي ڪانفرنس ڪوٺائي. انهيءَ وچ ۾ چيني وفد جي اڳواٽي چو اين لائي ڪئي. هن مطالبو ڪيو ته روس

ڪي هاڻي دنيا جي انقلابي تحريڪ جو فقط رسمي اڳواڻ ليکڻ گهرجي. عملي طرح سڄي دنيا جي انقلابي پارٽين جو درجو هڪجهڙو هئڻ کپي.

## روس سان سرحدي ٽڪر

روس جي سرحد اڳي چين کان تمام گهڻو پري هئي. 16 صديءَ ۾ روسي شهنشاهن (زارن) اوپر طرف قبضا ڪرڻ شروع ڪيا. تان جو 17 صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ اهي وڌندا اچي چين جي سرحد وٽ پهتا.

1840ع ۾ يعني مياڻيءَ واري جنگ کان ٽي سال اڳ يورپي ملڪن چين سان جنگ ڪري ڪيس ذري گهٽ پنهنجي بينڪ بنائي ڇڏيو. انهيءَ لڙائي کي آفيم واري جنگ چئبو آهي. ٻي طرف روس هڪ زبردست جاگيرداري ۽ سامراجي فوجي طاقت بنجي ويو. يورپي ملڪن چين کي وڏيڪ شڪستون ڏنيون. انهن جو وجهه وٺي 14 نومبر 1860ع تي روسي شهنشاهه چين کان زوريءَ پيڪنگ وارو عهدنامو لکائي ورتو، ۽ سندس چار لک چورس ڪلوميٽر هڙپ ڪري ورتا. چار سال پوءِ وري چين کان تاهي هونگ جو عهدنامو لکائي ساڍا چار لک چورس ڪلوميٽر ٻيا کسي ورتائين.

24 فيبروري 1881ع تي چين کان الي وارو عهدنامو صحيح ڪرائي ڪيس مُني لک چورس ڪلوميٽر علائقي تان دستبردار ڪيائون.

انهيءَ بدمعاشيءَ واري قرلٽ جي انقلابي استادن مارڪس ۽ اينجلس بروقت زبردست مذمت ڪئي. مارڪس لکيو تہ ”انگريزن روس کي چين جا اهي علائقا ڦرايا آهن جن جي روسي زار هميشہ تاڙ ۾ هوندا هئا.“ ساڳئي سال اينجلس لکيو تہ ”روس چين کان فرانس ۽ جرمنيءَ جيترا علائقا ۽ ڊينوب نديءَ کان وڏي ندي کسي آهي . . . . هاڻ هو ترڪيءَ وانگر چين جا بہ ٽڪرا ٽڪرا، آهستي آهستي ڦبائي ويندو.“ گهڻو عرصو پوءِ لينن روسي زارن جي چين سان ڪيل هلت جي ڳالهہ ڪندي لکيو تہ ”روس ۽ ٻين يورپي ملڪن جي سرڪارين چين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو آهي ۽ چورن وانگر روز وجن ڪونہ ڪو ٽڪر ڦبائيندا . . . . زارشاهي روس جي پاليسي مجرمن ۽ ڌاڙيلن واري پاليسي آهي.“ 1917ع ۾ جڏهن روس ۾ انقلاب آيو تڏهن لينن جي انقلابي حڪومت روسي شهنشاهن جي هنن سمورن ڌاڙن تان دستبرداري جو اعلان ڪيو. 31 مئي 1924ع تي لينن جي سرڪار چين سان هڪ عهدنامو ڪيو. جنهن موجب

روس جي انقلابي سرڪار روسي زار طرفان چين سان ڪيل سمورن عهدنامن کي رد ڪيو ۽ سمورن ڪسيل علائقن تان دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪيو. فيصلو ٿيو ته جلدئي ٻنهي ملڪن جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي جنهن ۾ نوان سرحدي عهدناما ڪيا ويندا. 1926ع ۾ نيون سرحد جون ڳالهيون هليون پر بگڙيل سياسي حالتن سبب رٿيل ڪانفرنس ٿي نه سگهي. جڏهن چين ۾ انقلابي حڪومت قائم ٿي تڏهن مائو روس کان گهر ڪئي ته سرحدن بابت لينن جي اعلان کي پاڙي ڏيو. پر خروشچوف جواب ڏيئي ڇڏيو. انهيءَ تان 1960ع کان تڪرار شروع ٿي ويو ۽ ڪيتريون خونريز سرحدي جهڙپون ٿيون. خروشچوف پنهنجي لکين فوج آڻي چين جي سرحدن تي ڪڙي ڪئي ۽ کلم کلا حملي جون ڌمڪيون ڏيڻ لڳو.

# ڳرا سال

59ع ۽ 60ع جا سال چين لاءِ تمام ڳرا سال ٿيا. قدرتي آفتن سبب ٻه ٽي سال لاڳيتو فصل خراب ٿيا ۽ اَن جي زبردست کوٽ پئجي ويئي. سڄي ملڪ سان راشن سرشتو لاڳو ڪرڻو پيو.

# مائو لاءِ ڏرتي تنگ

آگسٽ 1962ع ۾ ڀارت سان جهيڙو چوٽ چڙهي ويو. انڊونيشيا جيڪو اڳ چين جو گهرو دوست هو. امريڪا اتي بغاوت ڪرائي انقلاب دشمن فوجي ڊڪٽيٽرشپ مڙهائي ڇڏي. نئين فوجي حڪومت چين خلاف مخالفت جو طوفان ڪڙو ڪري ڇڏيو. سڄي دنيا ۾ اها زبردست پروپئگنڊا ڪئي ويئي ته اها فوجي بغاوت چين جي دست اندازيءَ جي ڪري ٿي آهي. مطلب ته ملڪ اندر هڪ طرف ليوشائوچي جي رجعت پرست ٽولي جو زور ته ٻئي طرف ڪوٽ ۽ ڏڪار. ٻاهرين دنيا ۾ هڪ طرف ڀارت جي سرٽوڙ مخالفت ته ٻئي طرف انڊونيشيا جي خواري ۽ ٻنڊي. هڪ طرف امريڪي سامراج جا وڪڙ ۽ الرون ته ٻئي طرف روس جا نظرياتي ۽ سياسي، فوجي ۽ اقتصادي دٻاءَ ۽ گهيرا. مائو ۽ سندس سياسي واٽ سان وفاداري رکندڙ لاءِ نه رڳو چين ۾ پر سڄي دنيا ۾ ڄڻ ڌرتي تنگ ٿي ويئي. خروشچوف کي پڪ هئي ته مائو کي هاڻ پيش پوڻ کانسواءِ ٻي واهه ئي ڪانه

رهي آهي. اجهو ٿو گوڏا کوڙي معافي وٺي. 7 جنوري 1963ع تي روس جي پراودا اخبار چين تي کلم کلا حملا ڪرڻ شروع ڪيا.

مائو ٻيا سڀ ڪم ڪار ڇڏي اول خروشچوف جي نقلي انقلاب پسنديءَ جي قلعي ڪولي. هن لڳاتار ڪيترائي مقالا شايع ڪيا. انهن ۾ هن روس جي نين اقتصادي، سياسي، نظرياتي ۽ خارجہ پاليسين جي رجعت پرست لاڙن کي بي نقاب ڪيو.

# عوامي جنگ جو عالمي نظريو

1965ع ۾ لِن پيائو "عوامي جنگ جي فتح زنده باد" جي نالي سان هڪڙو مقالو لکيو، جنهن ۾ اهو نظريو پيش ڪيو ويو تہ جيئن هرهڪ ملڪ ۾ شهر ۽ ٻهراڙيون ٿين ٿا. تيئن اجوڪي سڄي دنيا بہ ڄڻ شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ ورهايل آهي. اتر امريڪا ۽ يورپ ڄڻ شهري علائقا آهن ۽ سندن چوڌاري ايشيا، افريڪا ۽ ڏکڻ امريڪا جا کنڊ ڄڻ تہ ٻهراڙيون آهن. عوامي انقلابي قوتن کي کپي تہ پهريائين انهن ٻهراڙين يعني ايشيا، افريڪا ۽ ڏکڻ امريڪا ۾ انقلاب آڻين. پوءِ آهستي آهستي يورپ ۽ اتر امريڪا جي شهري علائقن کي گهيرو ڪري سوڙهو گهٽي اتان رجعت پرستن کي ماري مڃائي تڙي ڪڍن.

★

# باب اٺون

# عظيم پورهيت ثقافتي انقلاب

★

اڄ آڳڙيا آئيا، سائو ڪي سڄاڻ،
لاهيندا موريانڻ، رُڪ ڪريندا پڏرو. (شاهه)

تنهن ڪانپوءِ ڏسندي ڏسندي مائو چين ۽ دنيا جي سياسي اسٽيج تان غائب ٿي ويو. سندس عمر ستر ڪان مٿي چڙهي ويئي هئي. ائين ٿي لڳو تہ هر ڪمال کي زوال آهي. پوڙهي انقلابي شينهن جا سياسي ڏند ڏاڙهون ڪري ويا آهن ۽ انقلابي جدوجهد جا عضوا جواب ڏيئي ويا آهن. هن چيو هو تہ هن دور ۾ اوير جي هوا اولهہ جي هوا تي غالب آهي. پر هينئر اولهہ جون هوائون زور شور سان پي لڳيون ۽ اوير جي هوائن جو نالو نشان بہ ڪونہ هو. چوطرف عوام دشمن ۽ رجعت پرست جهولا ۽ طوفان پئي لڳا، ائين پي نظر آيو تہ جلدئي چين ۾ سرمائيداريءَ واري واٽ وارا ٽولا زور ٿي ويندا. پوءِ آهستي آهستي ڏاڪي بہ ڏاڪي انقلابي قوتن کي سيني ڪٽيل مورچن تان بي دخل ڪيو ويندو. انقلاب جا خيالي ۽ سکٽا منافقيءَ وارا نعرا پوءِ بہ هوندا. ”عوام، عوام!“ جو شور پوءِ بہ هوندو. پر راڄ ڀاڳ جا مالڪ اهي هوندا جن سدائين سک ماڻيا آهن. ڏکيا ڏکيا بکيا اهي ئي ڏهاڳي رهندا.

ڏکيءَ توءِ ڏکار، توٽي وسن مينهڙا! (شاهه)

جڻ چنگ ڪانگ جبلن کان وٺي لانگ مارچ کان ويندي انقلاب جي آخري فتح تائين چيني مزدورن ۽ هارين جيڪي ڪيو ۽ سٺو هو سو سڀ وچولي ۽ سرمائيدار طبقن ۽ سندن اهل اولاد لاءِ هو. جڻ عوام جي بادشاهيءَ جا سڀ خواب شروع کان وٺي آخر تائين ڪوڙا هئا. انقلابي استادن مارڪس، اينجلس، لينن ۽ اسٽالين سڀ جڻ سڄي عمر رڃ جي پويان ڊوڙي مري ويا. جڻ لکين ڪروڙين

انسانن صدين جون صديون جيڪي عذاب سنا هئا ۽ قربانيون ڏنيون هيون سي سڀ ڦلهيار ۾ ڦوڪون هيون. ائين ٿي لڳو ڄڻ پوڙهو سپهه سالار موت جي ڪنڌيءَ تي پهچي سمجهي ويو تہ هن دنيا ۾ حق ۽ انصاف ٿيڻو ئي ڪونهي ۽ هر انقلاب جو مقدر شڪست آهي. شايد پوڙهو سورمو نيٺ پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري آڻ مڃي ڪنڌ ۾ وجهي موت جو انتظار ڪرڻ لڳو هو.

آئون نہ گڏي پرينءَ ڪي، تون تو لهين سڄ!
آئون جي ڏيانءِ سنيها، نيئي پريان کي ڏج!
وجي ڪيچ چئج، تہ ويچاري واٽ مئي. (شاهہ)

پر سچن سورمن کي موت بہ ماري نہ سگهندو آهي. سي پنهنجي جيئري آڻ ڪيئن مڃين؟ هٿيار ڪيئن ڦٽا ڪن؟ ديوتيءَ تان ڪيئن لهن؟ پوڙهو داناءُ ڪا ڳري ڳالهہ سوچي رهيو هو.

جيهر لوڪ جهپ ڪري، اوهير اڏامن،
پٽون جي پاتار جا، ڇيتاريو ڇڻن،
ڪوهہ ڪندا ڪي تن، پاڙهيري پهہ ڪري؟! (شاهہ)

زندگيءَ جي هن سانجهيءَ ٽاڻي هن ۾ ڄڻ نئين جواني موٽي آئي. هن جو انقلابي جوش ۽ جولان، يقين ۽ اعتماد، عقل ۽ دماغ ڪڏهن بہ ايڏي بلنديءَ تي نہ هئا جيڏو هاڻي. هن چين جي اقتصادي مشڪلاتن کي دور ڪرڻ، ليوشائوچي ۽ خروشچوف جهڙن سرمائيداري واٽ وٺندڙ ڪوڙن انقلابين ۽ امريڪي سامراجين ۽ سندس چاڙتن کان چين ۽ سموري دنيا کي پاڪ ڪرڻ لاءِ هڪڙو شاندار ۽ وڏي دانائيءَ وارو انقلابي منصوبو تيار ڪري ورتو.

16 مئي 1966ع تي مائو پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جو جلاس گهرايو. ان ۾ هڪ نئين قسم جي زبردست انقلاب جو عام نقشو، پاليسيون ۽ پروگرام منظور ڪيا ويا. مائو چين جي سمورن عوام دشمنن خلاف هڪ اهڙي عجيب غريب فوج کي مارچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو جنهن جهڙي فوج ڪنهن بہ نہ سئي هئي ۽ نہ ٻڌي هئي!

هي جي آيا هير، سي مون اڳ نہ ڏنا ڪڏهن.
آئون ترسان، هو تڪڙا، پٽ نہ لائين پير. (شاهہ)

# اسڪولي ٻارن جي فوج

ڏسندي ڏسندي چين ڪي اسڪولي ٻارن جا انبوهه ۽ ڪٽڪ ويڙهي ويا! سڄي دنيا جي اخبارن ۾ سنسني خيز خبرون شايع ٿيڻ لڳيون. چي چين ۾ هنگريءَ جهڙا زبردست هنگاما شروع ٿي ويا آهن. مائو کي قيد ڪيو ويو آهي. چين جي شهرن ۾ ننڍڙا ٻار ۽ شاگرد تباهي مچائي رهيا آهن. هر شئي برباد ڪئي پئي وڃي. فوج بيوس آهي. پارٽي ليڊر ڀڄي ويا آهن. ڪن اخبارن انديشا ظاهر ڪيا ته شايد امن امان رکڻ لاءِ روس کي پنهنجي فوج موڪلڻي پوي. سخت سينسرشپ سبب ٻاهرين دنيا فقط افواهن تي پئي هلي.

ڪين خبر ئي ڪانه هئي ته چين ۾ دنيا جي تاريخ جو سڀ کان انوکو ۽ گهرو انقلاب شروع ٿي چڪو هو. جن ٻارن کي هنن شرارتي ۽ مستي خور سمجهيو هو سي ان عظيم انقلاب جا طوفاني اڳواڻ دستا هئا. هو انقلاب جا لال سپاهي هئا ۽ سندن ڪمانڊر انچيف لال فوج جو سپريم ڪمانڊر انچيف مائو پاڻ هو. اهي ننڍڙا ٻار دنيا ۾ اهو انقلاب آڻڻ وارا هئا جنهن جهڙو انقلاب آڻڻ ۾ هيستائين دنيا جا سڀ وڏا ناڪام ويا هئا.

سنهان پانءِ م سپ، جي وياءِ واسينگن جا،
جنين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان نه چري! (شاهه)

اهي ننڍڙا لال پهريدار لال جهنڊا کڻي سڄي چين ۾ ڪاهي پيا ۽ ”انقلاب زنده باد!“، ”مائوزي تنگ زنده باد“، ”رجعت پرست مرده باد“ جا نعرا هڻندا، اسڪولن، ڪاليجن، اخبارن، ريڊئي، پريس، ٽيليويزن ۾ ڊوڪي پيا. جتي جتي به رجعت پرست نام نهاد عالمن، اديبن، ماهرن، فنڪارن انقلاب دشمن علمي ادبي فني ۽ هنري مورچا ناهيا هئا هو انهن ۾ ڪاهي پيا ۽ سندن مورچن کي ڍاهڻ شروع ڪيائون. وڏن وڏن ادبي، علمي، ثقافتي ۽ فني چوڌرين، خانن، رئيسن ۽ نوابن جون پڳون لاهي ڪين پنهنجي شاندار حويلين مان گهلي ٻاهر ڪيائون.

ڪين هزارن لکن ماڻهن اڳيان ڪڙو ڪري ٻڌايائون ته اوهان عوام خلاف هي هي جرم ڪيا آهن. سندن سڀ کان وڏو هٿيار انقلابي تبليغ هو جنهن سان هنن چين جو وڻ وڻ واسي ڇڏيو. هنن لکين ڪروڙين عوام ۾ ٽرٽلو مچائي ڪين ڏونڏاڙي سجاڳ ڪري ٻڌايو ته توهان جي اقتدار خلاف ڪهڙا گهات گهڙجي رهيا

آهن. اوهان جي ڪئي ڪمائي ڪٽ تي ٿئي. اتو اتي پنهنجي انقلابي گهر کي بچايو. هنن مائو جي انقلابي تعليم جي عام ۽ گڏيل مطالعي جي مهم شروع ڪئي. هزارين ڇٽا گڏجي مائو جي تعليم جون مکيه ڳالهيون وڏي واڪي دهرائڻ لڳا. 12 آگسٽ 1966ع تي مرڪزي ڪميٽيءَ وڏيڪ هدايتون جاري ڪيون. 12 ۽ 18 آگسٽ 1966ع تي مائو پيڪنگ جي آسماني سانت واري چوڪ وٽ سڄي چين مان گڏ ٿيل لکين لال پهريدارن جي دستن جي سلامي ورتي.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ رجعت پرستن جوابي حملا شروع ڪيا ۽ عوام کي برغلائي لال پهريدارن سان دوبدو چڪريون ڪرايائون. انهيءَ ڪري مائو رٿيل پروگرام موجب پنهنجي فوج جي ٻين دستن کي ميدان ۾ آندو. اهي دستا ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي انقلابي وڏن شاگردن ۽ استادن، انقلابي هارين ۽ انقلابي مزدورن، انقلابي اديبن ۽ فنڪارن جا دستا هئا.

## عوام دشمنن جا جوابي حملا

عوام جي حملي کان بچڻ لاءِ رجعت پرستن ڪئين اٽڪلون هلايون. هو پارٽيءَ ۽ حڪومت جي ڪيترن وڏن وڏن مورچن تي قابض هئا. تنهنڪري ڪيترن هنڌن تي هو آسانيءَ سان عوام کي برغلائي ويا ۽ ثقافتي انقلاب جا ڪوڙا وارث ٿي ويهي رهيا. هنن پنهنجن ماڻهن هٿان لال پهريدارن جون ڪوڙيون جماعتون ناهرائي انقلابي عوام کي پاڻ ۾ ويڙهائي وڌو. مزدورن کي لالچائي پاڙي ڪرڻ لاءِ سندن پگهارون اوچتو وڌائي ڇڏيائون. ڪين سنا سنا گهر خالي ڪرائي ڏنائون. پوءِ ڪارخانا بند ڪري ڪين چيائون تہ ”پيڪنگ وڃي ثقافتي انقلاب ۾ شريڪ ٿيو. اوهانکي صدر مائو گهرايو آهي.“ لکين ڪروڙين ماڻهو ريلن ۾ چڙهي پيا. تنهنڪري ريلن جو نظام درهم برهم ٿي ويو. نين ڪنگ، لوشان، شانگهائي ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ هنن زبردست فساد ڪرايا. انهن ۾ ڪيترا ماڻهو مئا ۽ سوين ڦٽيا. سڄي دنيا ۾ اهي خبرون هلي ويون تہ مائو جي وڏي عمر سبب مت ڪسجي ويئي آهي. هو پاڳل ٿي پيو آهي ۽ چين ۾ هر شئي تباهہ پيو ڪرائي. 1967ع ۾ مائو پنهنجي هٿ سان وڏن اکرن ۾ هڪڙو پوسٽر لکيو جنهن جو عنوان هو ”هيڊ ڪوارٽر تي بمبازي ڪريو“ انهيءَ هدايت ملڻ تي چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي رجعت پرست اڳواڻن ۽ ڪامورن خلاف تحريڪ شروع ٿي ويئي. پيڪنگ جي پارٽي ڪميٽي رجعت پرستن جو وڏو اڏو هئي. ان

کي لال پهريدارن ۽ انقلابي عوام ڊسمس ڪري پارٽي هيڊ ڪوارٽر مان لوڏي ڪڍي ڇڏيو. مردار ذهنيت رکندڙ پارٽي ڪامورن کي عام جلسن ۾ عوام آڏو پيش ڪيو ويو ۽ ڪين پنهنجن حرڪتن لاءِ عوام کان معافي گهرڻ تي مجبور ڪيو ويو.

جنوري 1967ع ۾ انقلابين شانگهائي شهر جون سرڪاري اختياريون مردارن کان کسي پنهنجي حوالي ڪيون. اهو سال مائو سڄي چين جو دورو ڪيو ۽ ثقافتي انقلاب لاءِ هدايتون جاري ڪندو رهيو. هيلنگ ڪيانگ صوبي ۾ انقلابين سرڪاري اختياري وارن کان سرڪاري اختياريون کسي هڪ انقلابي ڪميٽيءَ جي حوالي ڪيون. ان ڪميٽيءَ ۾ انقلابي مزدورن انقلابي سپاهين ۽ انقلابي ڪارڪنن جا هڪجيترا نمائندا شامل ڪيائون. پوءِ ته هرهنڌ عوام پراڻين اختياريءَ وارن کان اختياريون کسي انقلابي ڪميٽيون ناهي انهن جي حوالي ڪرڻ شروع ڪيون. 1967ع جي پڇاڙيءَ کان وٺي 1968ع جي اونهاري تائين انقلاب دشمنن وري به زبردست جوابي حملا ڪيا.

# هر ڳالهه ۾ اڳواٽي پورهيتن جي ٿئي

1968ع ۾ مائو هدايت ڪئي ته هر ڳالهه ۾ پورهيت طبقو اڳواٽي ڪري. مرڪزي ڪميٽيءَ فيصلو ڪيو ته جتي جتي پڙهيلن جي حڪومت آهي اتي مزدور طبقي جا دستا وڃن ۽ هميشه لاءِ اتي رهي پون. هو اتي انقلابي جدوجهد هلائي تنقيد ڪري سڄو نظام بدلائين.

27 جولائي 1968ع تي انقلابي مزدورن جا جٿا اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين، ريڊيو، پريس، ٽيليويزن، فلمي اسٽوڊين، ٿيئٽرن، ناچ گهرن ۽ راڳ جي ادارن ۾ داخل ٿيا ۽ اتي هميشه لاءِ رهيا پيا. هنن انهن ادارن جو سڄو بندوبست پنهنجي هٿ ڪيو ۽ اتي ڪم ڪندڙ ماڻهن کي سڄاڳ ۽ منظم ڪري حرڪت ۾ آندائون ۽ منجهن زبردست انقلابي تبديليون آڻڻ لڳا. سيپٽمبر 1968ع تائين انقلابين تبيٽ ڪانسواءِ ٻين سيني صوبن ۾ سڀ سرڪاري اختياريون پراڻين پاپين کسي انقلابي ڪميٽين جي حوالي ڪيون. اهو سڄو ڪم مڪمل ڪري پوءِ 31 آڪٽوبر 1968ع ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ مردارن جي سردار ليوشائوچي کي سمورن پارٽي ۽ سرڪاري عهدن تان برطرف ڪري ڇڏيو.

# ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ڏاهي وري اڏڻ

عظيم پورهيت ثقافتي انقلاب هلندي جيڪي شاگرد، هاري، مزدور ۽ نوان ڪارڪن اڀري آيا هئا تن کي پارٽيءَ ۾ شامل ڪيو ويو. اڳوڻن پارٽي ميمبرن مان جيڪي لاعلاج عوام دشمن ثابت ٿيا تن کي خارج ڪيو ويو. پارٽيءَ جي پراڻي ڍانچي کي ٽوڙي ان جي نئين تنظيم ڪئي ويئي. ان مان پراڻو ڪنو رت ڪڍي نئون رت داخل ڪيو ويو.

ثقافتي انقلاب هلندي سماج جي سڄي چرخي کي اونڌو ڪيو ويو. هر ڳالهه ۾ انقلابي ڦيرا آندا ويا. اهڙا ڦيرا جن جو ٻڌي سڄي دنيا جو دماغ ڦيريون کائڻ لڳو. دشمن تہ دشمن پر دوست بہ دنگ رهجي ويا!

# تعليم ۾ انقلاب

تعليم جو ڪورس گھٽايو ويو. ان ۾ اڳي کان گھٽ ڪم رکيا ويا. ڪورس جا ڪتاب نوان لکيا ويا جن ۾ هر مثال انقلابي ڏنو ويو. مثال طور پنج رقمي جا درجا هن قسم جا رکيا ويا ”جيڪڏهن اٺ ظالم زميندار هڪ سو هارين کي ٽي سال ڦري 50000 رپيا ناجائز طرح ڳڏ ڪن تا تہ ٻہ سئو زميندار ڏهن سالن ۾ گھڻن هارين کي ڦري 5 لک رپيا ناجائز طرح ڳڏ ڪندا؟“ آرٽس جي ڪمن جي اهميت تمام گھٽي گھٽائي ويئي. ڏنو ويو تہ انهن هنڌن تي ماڻهو سڄيون عمريون پيا پڙهن. سندن هٿ جي پورهئي ۽ عوام سان واسطو ڪٽجيو وڃي. هو ڪتابي ڪيڙا ٿيو پون ۽ سدائين خيالي ڪاڪ محلن ۾ رهيا پيا هوندا آهن. اهڙن ماڻهن تي انقلاب دشمن خيالن ۽ لاڙن جو حملو جلدي ڪامياب ٿيو وڃي. باقي سائنس، ٽيڪنيڪل، انجنئرنگ، ميڊيڪل ڪاليجن ۽ يونيورسٽين کي زور ونايو ويو. تعليمي ادارن ۾ داخلا، ڪورس، پڙهائي ۽ انتظام جو سرشتو مڪمل طرح بدلايو ويو. شهرن ۾ سمورن تعليمي ادارن جو انتظام انقلابي مزدورن جي حوالي ڪيو ويو. ٻهراڙين ۾ سڀ اسڪول انقلابي غريب هارين جي تنظيمن جي نظرداري ۽ انتظام هيٺ ڏنا ويا. هر اسڪول، تعليمي اداري کي ڪانہ ڪا پنهنجي زمين، ڪارخانو يا ڪو ڌنڌو ڏنو ويو. شاگرد ٻنيءَ يا ڪارخانن ۾ پيداوار ڪري عملي تجربو پرائڻ لڳا. ۽ انهيءَ سان گڏ پنهنجي گذر جو بندوبست بہ ڪرڻ لڳا. عملي تعليم ٻني يا ڪارخاني تي پيداوار ڪندي بروقت ملڻ لڳي. شهرن جي

شاگردن ۽ شاگرداڻين کي هدايت ڪئي ويئي تہ ميٽرڪ پاس ڪري يا ڪنهن هنري اسڪول مان تعليم وٺي ڏورانهين هنڌن تي وڃي ڪنهن ڪميون ۾ شامل ٿيو ۽ هاري يا مزدور جو پيشو اختيار ڪريو. تعليمي ادارن ۾ استاد ٽن قسمن جا رکيا ويا. هڪڙا عام استاد، ٻيا شاگرد استاد، ٽيان علمي تجربو رکندڙ مزدور يا هاري استاد. عام استادن کي اول ڪميونن ۽ ڪارخانن ۾ هٿ جو پورهيو ڪرڻ ۽ عوام کان نئين سر انقلابي تعليم وٺڻ لاءِ موڪليو ويو. سال کن ڪانپوءِ ڪين موٽائي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهائيءَ تي رکيو ويو. داخلائن جو سرشتو انقلابي رکيو ويو. شاگردن کي فرسٽ ڊويزن يا سيڪنڊ ڊويزن جي آڌار تي ڪاليج ۾ داخلا ڏيڻ جو پراڻو سرشتو بند ڪيو ويو. ڪاليج ۾ داخلا لاءِ اهو اصول رکيو ويو تہ لڳاتار پڙهڻ ۽ عملي پورهئي کان ڪٽجي رهڻ انقلاب لاءِ سخت نقصانڪار ڳالهہ آهي. تنهنڪري ميٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هرڪو وڃي هاري يا مزدور جي پورهئي سان لڳي ۽ هارين ۽ مزدورن کان عملي پورهئي ۽ انقلابي رهڻي ڪهڻي، جدوجهد ۽ سوچ جي تعليم وٺي. ۽ پنهنجي ذهنن کي بدلائي پورهيتن جي سانچي ۾ وجهي. ڪجهہ سال هارپ يا مزدوري ڪرڻ ڪانپوءِ ڪميون جي سفارش تي لائق پورهيو ڪندڙ، انقلابي خيال رکندڙ ۽ خود مطلبيءَ کان آجن انقلابي نوجوانن کي ڪاليجن ۾ داخلا ڏني ويندي. ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ نوي سيڪڙو داخلائون خاص مزدورن ۽ هارين ۽ سندن اولاد لاءِ رکيون ويون. جيڪي شاگرد پاڻئين تہ وڏا وڏا آفيسر، سائنسدان، انجنير، ماهر وغيره ٿي نالو ڪڍون ۽ وڏي نوڪري وٺون تن کي مردار خيال رکندڙ ماڻهو سمجهيو وڃي ٿو ۽ سخت ناپسند ڪيو وڃي ٿو. هر شاگرد کي اهو سوچڻو آهي تہ انقلاب لاءِ ڏکئي کان ڏکيو ۽ خسيس ۾ خسيس ڪم ڪرڻ بہ فخر جي ڳالهہ آهي. نيڪي ناموس، نوڪريءَ يا پيشي ۾ ترقي جي خواهش غيرانقلابي ذهنيت آهي. هارين ۽ مزدورن کي چوٿا ڪورس پاس ڪرائي سڌو ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ داخلا ڏني ويئي. مطلب تہ تعليمي ادارن تان غيرپورهيت ذهنيت رکندڙ شهري شاهوڪارن، سفيد پوشن، ۽ ڪتابي ڪيڙن جو قبضو ختم ڪيو ويو.

## فوج ۾ انقلاب

فوج جي سيني آفيسرن جهڙوڪ ليفٽيننٽ، ڪئپٽن، ڪرنل، برگيڊيئر، جنرل يا مارشل وغيره جا لقب، بلا ۽ تمغا رد ڪيا ويا. فيصلو ٿيو تہ هڪڙي

جنرل جو بہ ائين نالو ونبو جيئن ڪنهن عام سپاهيءَ جو. مثال طور ڪامريڊ محمد خان ۽ ڪامريڊ ايوب خان. پوءِ پلي هڪڙو سپاهي هجي ۽ ٻيو فيلڊ مارشل. هر ماڻهوءَ کي چيو ويو تہ هو فوجي تعليم پرائي. فوج کي چيو ويو تہ هو عوام کان تعليم وٺن. باقاعدي فوج، عوامي رضاڪار فوج، ۽ هٿياربند هاري، مزدور ۽ شاگرد سڀ گڏجي جنگي مشقون ڪن. ملڪ جي بچاءَ جون ذميداريون فقط فوج تي نہ پر فوج، عوامي رضاڪارن، ڳوٺاڻن پهريدارن، هارين ۽ مزدورن تي هڪجهڙيون رکيون ويون. هدايت ڪئي ويئي تہ فوجي سپاهي ۽ آفيسر انقلابي پورهيت مزدورن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ذهنيت اختيار ڪن ۽ نہ زميندارن يا سرمائيدارن واري فوج جي جنرلن يا ڪرنلن واري.

# صحت ۾ انقلاب

صحت جو مرڪز شهرن مان ڦيرائي ٻهراڙين ۾ ڪيو ويو. ٻهراڙيءَ جي هارين ۽ مزدورن کي ٿوري عرصي جي تعليم ڏيئي لکن جي تعداد ۾ ڊاڪٽر بنايا ويا. اهو اصول مقرر ڪيو ويو تہ ڊاڪٽر مريضن وٽ پهچن ۽ کين ڳولي لهن. هو پاڻ پڇائون ڪري وڃي ڏسن تہ سڀ ماڻهو چڱا ڀلا آهن يا نہ. ڪو بيمار تہ ڪونهي. انهن ڊاڪٽرن کي ”پيرن اگهاڙا“ ڊاڪٽر چئبو آهي. ولائتي علاج سان گڏ ديسي علاج تي بہ زور آهي. لکن ڪروڙن ماڻهن وٽ جيڪي ديسي علاج جا قديم نسخا هئا، انهن نسخن کي چين جي اعلىٰ ترين سائنسدانن ۽ ڊاڪٽرن ليبارٽرن ۾ تپاس ڪري ڏٺو. انهن نسخن مان وڏو تعداد تمام ڪارائتو نڪتو. ان ۾ بهترين ڊاڪٽرن ۽ سائنسدانن گهربل ڦير گهير ڪري کين اڃان بہ وڌيڪ ڪارائتو ڪيو. تنهنڪري گهڻي ڀاڱي علاج آزمايل ديسي علاجن سان ٿئي ٿو ۽ ڊاڪٽرن جي ڪابہ کوٽ ڪانهي. هدايت ڪئي ويئي تہ اسپتالن ۾ وڏا توڙي ننڍا ڊاڪٽر هٿ جو پورهيو ڪن. هو اسپتالن جي صفائي ڪن، پنهنجي هٿ سان بيمارن جي ملم پٽي ڪن. مطلب تہ انقلابي پورهيت ڊاڪٽر ٿين ۽ عوام جا وڏيرا ۽ رئيس ڊاڪٽر نہ ٿين. وڏا وڏا ماهر ۽ اسپيشلسٽ جيڪي سڄي عمر ڪمرن ۾ بند رهيا ۽ سندن دل ۾ عوام لاءِ نفرت ۽ فرعونيت هئي تن کي اسپتالن مان ڪڍي هارين ۽ مزدورن سان گڏ رهي پورهيو ڪرڻ لاءِ ٻهراڙين ۾ موڪليو ويو تہ جيئن پورهيو ڪن، عوام کان پنهنجي ذهنيت جو علاج ڪرائين

۽ ڪائنڻ نئين انقلابي ذهنيت سکن. مطلب تہ سڀ ڪان پهرين انقلابي انسان ۽ پورهيت ٿين. عوام جي ڊاڪٽري ڪرڻ جي لائق تڏهن ئي ٿيندا.

## ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ انقلاب

ڪميونسٽ پارٽي ملڪ جي اڳواڻ پارٽي آهي. عام طرح ان جو رتبو تمام مٿاهون ٿيندو آهي. پارٽيءَ جا جيڪي اعليٰ اڳواڻ ۽ ڪلارڪ ميزن، ڪرسين تي ويهي ڪم ڪندا هئا ۽ ملن، پيرن، پنڊتن ۽ پادرين وانگر پاڻ کي عوام کان الڳ ۽ مٿاهون سمجهڻ لڳا هئا تن کي ثقافتي انقلاب هلندي اتان ڪڍي پري پري جي ويران علائقن ۾ جبلن پٽر ڪٽڻ، رستا ناهڻ، چمر ۽ پاڻ گڏ ڪرڻ، ڪانيون وڍڻ، هر هلائڻ ۽ ڪاٺي ڪوٽڻ تي لڳايو ويو تہ جيئن هو پنهنجي ذهنيت بدلائين ۽ عوام سان ملي هڪ ٿي وڃن. سندن ذهن مان تڪبر ۽ غرور ڪيڻ لاءِ کين تمام گهٽ ۽ ظاهري طرح بي عزتيءَ جا ڪم ڏنا ويا. مثلاً گهٽيون صاف ڪرڻ، هارين، مزدورن ۽ سندن ٻارن جون حجامتون ڪرڻ. کين سيکاريو ويو تہ انقلاب خاطر هر پورهيو عظيم آهي. اڳي ڪميونسٽ پارٽيءَ وارا پنهنجا پاڻ ۾ هوندا هئا ۽ پاڻ ۾ ئي وڙهندا پرچندا هئا. هينئر ڪميونسٽ پارٽيءَ جو دستور بدلائي عام ماڻهن کي حق ڏنو ويو تہ هو پنهنجي راءِ ڏين تہ ڪهڙن ماڻهن کي پارٽيءَ ۾ شامل ڪجي، ڪهڙن کي ڪڍي ڇڏجي. عوام کي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪمن ۽ هلت بابت تنقيد جو مڪمل حق ڏنو ويو. اڳي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي هيٺين شاخ جو ماڻهو فقط مٿين شاخ کي شڪايت ڪري سگهيو ٿي. پر هينئر هر ماڻهوءَ کي حق ڏنو ويو تہ هو مرڪزي ڪميٽيءَ تائين پنهنجا اختلاف ۽ رايا موڪلي. مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ ڪيترن ننڍي عمر جي نوجوانن، هارين ۽ مزدورن کي شامل ڪيو ويو.

## ادب، فن ۽ اخبارن ۾ انقلاب

اخبارن، رسالن، فلمن، ٿئيٽرن، راڳ، مصوري ۾ انقلاب آندو ويو. سيني کي منظم ڪيو ويو ۽ نئين سر تعليم ڏني ويئي. سڄي ملڪ جي ”انقلابي مولودين“، ”انقلابي پٽن ۽ مگٽهارن“، ”انقلابي ڪانيرن“، انقلابي ڊراڙن“، ”انقلابي مُهاڻن“ جون تنظيمون ناهيون ويون ۽ انهن جا پيڪنگ، شانگهائي ٻين

شهرن ۾ ڏينهن جا ڏينهن اجلاس هليا. پيو تہ نهيو پر جيڪي پوڙهيون مايون سڄو ڏينهن پاڙي اوڙي جون گلائون پيون ڪنديون آهن تن کي گڏي "انقلابي ماسين" جي تنظيم ناهي ويئي. سڄي چين جي پوڙهين ماسين جي نمائندن تقريرون ڪيون ۽ انجام ڪيائون تہ "اڳتي گهڻ ڳالهائينديون سين. پاڙي اوڙي جون گلائون ڪري راڄ ڪونہ ويڙهائينديون سين. پنهنجون سڀ صلاحيتون انقلاب لاءِ وقف ڪنديوسين."

فلمن ۽ ٿئيٽرن جي رنگين مزاج ايڪٽرن ۽ نازڪ بدن ايڪٽريسن کي هدايت ڪئي ويئي تہ هو ڪارخانن ۽ ٻنين تي وڃي هارين ۽ مزدورن وٽ رهن ۽ انهن وٽ پنهنجا کيل تماشا پيش ڪن. انهن سان گڏ پورهيو ڪن ۽ پنهنجي پراڻي خود پرست ذهنيت بدلائي انقلابي ڪن. اڳي اخبارن، رسالن ۾ فقط پڙهيلن عالمن ۽ لکڻي داسن جا لمبا چوڙا مضمون ڇپبا هئا. هاڻي فيصلو ٿيو تہ اڳتي انهن ۾ فقط هارين، مزدورن ۽ ٿورو پڙهيل غريب شهرين جا ننڍا ۽ سادا مضمون ڇپجن. اخبارن ۾ جنرلن، مارشلن، سياسي اڳواڻن، ماهرن، فلمي ايڪٽرن جون ڳالهيون ۽ فوٽا ڇپڻ بند ڪيا ويا. هاڻ غريب هاري جي محنت، مزدور جي عقل مندي، سپاهي جي جرئت، ننڍڙن ٻارن جي جوش جذبي ۽ پوڙهن جي همت جون ڳالهيون ڇپجڻ لڳيون. اڪثر هن قسم جون خبرون ڇپجڻ لڳيون تہ "فلاڻي صوبي جي فلاڻي ڳوٺ جي ڪميون جي گڏيل ملڪيت واري هڪڙي ڪڪڙ جو چوزو گم ٿي ويو. فلاڻي ٻار ڪامريڊ مائو جي انقلابي تعليم تي عمل ڪري ٻڪئي پيٽ سان ڏينهن جا ڏينهن ڳولا ڪري وڏي تڪليف ۽ قرباني سان رلي پني اهو عوام جو چوزو ڳولي لڌو ۽ عوام کي چوزي جي نقصان کان بچايو." مزدورن ۽ هارين مان شاعر، اديب، مضمون نگار ۽ ناول نويس تيار ڪيا ويا. ٻوليءَ کي آسان ڪيو ويو. مضمون ننڍا ۽ سادا ڪيا ويا جيئن اڻ پڙهيل بہ ٻڌي سمجهي سگهي.

## سڀ ڪم سکو!

سڄي عوام کي هدايت ڪئي ويئي تہ پنهنجي ڏنڊي ڪانسواءِ بہ ٻيا بہ ڌنڌا بہ سکو. پهريون تہ سڀ فوجي علم حاصل ڪريو ۽ سپاهي بڻجو. ٻيو تہ جيڪو هاري هجي سو پوک ڪانسواءِ ڪجھ وقت ڪارخانن ۾ ڪم ڪري مزدور ٿئي. جيڪو هاري يا مزدور ناهي تنهن کي کپي تہ پوک ۽ مزدوريءَ مان ڪو هڪڙو

ڏنڊو ضرور سگهي. انهيءَ لاءِ هر ڪارخاني جي مزدورن کي پوک لاءِ پنهنجي ٻني ڏني ويئي. هارين جي هرڪا ڪميون کي نہ ڪي ڪارخانا قائم ڪري ٿي. انهن ۾ هاري واري سان مزدوري ڪن ٿا ۽ پنهنجي ضرورت جو سامان پاڻ پيدا ڪن ٿا. مطلب تہ هارين، مزدورن، عام غريبن ۽ انقلابي ڪارڪنن کي هڪ ٻئي جي ڏنڊي ۽ مسئلن کان عملي طرح واقف ڪيو ويو. ڏنڊي جون ديوارون ڊاهي عوام کي هڪ ٻئي جي ويجهو آندو ويو. شهرن ۽ ٻهراڙين جو فرق تمام گهٽجو گهٽايو ويو.

قوم جي هر ماڻهوءَ کي هدايت ڪئي ويئي تہ هو جنگ جي خطري ۽ قدرتي آفتن لاءِ هر وقت تيار رهي ۽ ڏکئي سُکئي وقت لاءِ ڪجهہ پاڇي ڪري رکي. فوجي، اقتصادي ۽ سياسي پاليسيون اهڙيون ناهيون ويون آهن جيئن ڪوبہ علائقو جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن آفت يا حملي سبب چين جي ٻين علائقن کان ڪٽجي وڃي تہ اهو علائقو مالي، فوجي ۽ سياسي طرح پنهنجي پيرن تي بيهي سگهي. هر ماڻهوءَ، هر ڪميون، هر علائقي کي چيو ويو آهي تہ هو پنهنجو پاڻ تي ڀاڙين ۽ ڏکئي سکئي ۾ ڪنهن بہ حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هجن. سڄي قوم کي هدايت ڏني ويئي آهي تہ هو ذاتي ملڪيت جي هوس ۽ خود مطلبيءَ خلاف جنگ ڪن.

انهن ۽ ٻين ڪيترين انقلابي قيرن گهيرين چين کي اهڙو بدلائي ڇڏيو آهي جو خبر ڪانہ ٿي پوي تہ ماڻهو رهن ٿا يا جن!

جيڪي هاري صدين جا سست سمجهيا ويندا هئا تن سواءِ ڪنهن سرڪاري مدد جي جبلن کي ڏاري حيرت انگيز واهہ ۽ نيون وهائي زمين جي ٻاڙي ٻاڙي آباد ڪري ڇڏي آهي. مزدورن ڪارخانن ۾ اهڙيون نيون ايجادون ڪيون آهن جو يورپ جا ڪريگر بہ حيران ٿي ويا آهن. مطلب تہ عظيم پورهيت ثقافتي انقلاب شاندار نموني ڪامياب ٿيو. سرمائيداري واٽ وٺندڙ لڪل عوام دشمنن کي ظاهر ڪري لوڏي ڪڍيو ويو. پارٽيءَ کي نئين سر اڏيو ويو. سڄي قوم ۾ نئون انقلابي اتحاد پيدا ڪيو ويو. منجهن هڪ نئون ولولو ۽ تڙپ پيدا ڪئي ويئي. ڏهن سالن کان لڳاتار ڀلا فصل پيا لهن. ڏڪار ختم ٿي ويو. مليون ۽ ڪارخانا تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. چين هيڊروجن بم، راڪيٽ، ميزائل ۽ خلائي جهاز ناهي ورتا آهن.

مائو هدايت ڪئي آهي تہ عظيم پورهيت ثقافتي انقلاب کي دائمي طرح جاري رکيو وڃي. جڏهن بہ ڪجھ سالن ڪانپوءِ ڏسجي تہ انقلابي نظام جي مشينري ۾ گند ڪچرو گڏ ٿي ويو آهي تہ هڪدم عوام کي بيدار ۽ منظم ڪري سندن هٿان پورهيت ثقافتي انقلاب جي نئين لهر شروع ڪجي ۽ سڀ گند ڪچرو انقلابي نهرين ۾ ٻهاري پري اڇلائي ڇڏجي.

## خروشچوف ۽ برزنيف

انهيءَ وچ ۾ خروشچوف گهٽا ڏينهن اڳي بي عزت ٿي پنهنجي عهدي تان خارج ٿي ويو. سندس جانشين برزنيف ۽ ڪوسيگن جو ٽولو ٿيو. انهن پنهنجي پيشرو جي عمل جي عام واٽ کي گهٽي پاڳي برقرار رکندي پنهنجي پاليسين، خاص ڪري ٻاهرين پاليسين ۾ وڏيڪ احتياط ۽ خبرداري کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو.

## ٻاهرين دنيا سان نوان لاڳاپا

عظيم پورهيت ثقافتي انقلاب 1966ع کان 1970ع تائين پنج سال لاڳيتو زور شور سان هليو. انهيءَ وچ ۾ چين سڄي دنيا کان ڪٽجي ويو هو. سيني ملڪن سان سندس ناتا ذري گهٽ ڪٽجي ويا. سڀ چيني سفير نئين سر انقلابي پورهيت تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ گهرايا ويا هئا. 1971ع ۾ اها ڪسر پوري ٿي. عظيم پورهيت ثقافتي انقلاب سڄي دنيا ۾ انقلاب جي هڪ زبردست نئين لهر اٿاري، سڄي دنيا ۾ زبردست انقلابي طوفان اٿيا انهن امريڪي سامراجين ۽ چيني انقلاب جي ٻين مخالفن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. اوير جي هوا اولهہ جي هوا تي وري بہ غالب پئجي ويئي.

1971ع جي پڇاڙي ۾ چين کي وڏي اڪثريت سان جميعت اقوام جو ميمبر ۽ سلامتي ڪائونسل جو دائمي ميمبر تسليم ڪيو ويو. چيانگ جو غدار ٽولو جنهن کي امريڪا چين واري سيٽ تي زوريءَ مڙهيو ويني هئي تنهن کي لوڏي ڪڍيو ويو. فيبروري 1972ع ۾ سڄي دنيا جي سرمائيدارن ۽ عوام دشمنن جي راڄ جو لٽ سردار نڪسن امريڪا کان ڪهي چين آيو ۽ مائو سان ملاقات جو شرف حاصل ڪيائين. مائو جو چين جيڪو اڃان ٿورا سال اڳ سڄي دنيا مان تڙيل ۽ لوڏيل هو تنهن کي هينئر سيڪو ملڪ سڏي وڏي فخر سان وچ ۾

ويهاري ٿو. هرڪو سندس دوست بنجڻ چاهي ٿو. اهڙي طرح پوڙهي انقلابي سپهه سالار زندگي جي سڀ ڪان ڪنن ۽ وڏي جدوجهد ۾ عوام کي سوپ ڪٽي ڏني.

جا لکن لوساتي، سا سيج چڙهندي سسئي!

# اهڙا مانجهي مرٽا ناهن!

مائو هينئر 79 سالن جو ٿي چڪو آهي. سندس زندگيءَ جو سج جاڻ لٿو. سال اڌ ۾ هو پنهنجو وارو وڄائي هليو ويندو. هن ڌرتيءَ هزارين لکين منا ۽ محبوب ماڻهو ۽ اعليٰ ۽ عظيم انسان پيدا ڪيا آهن. ڪئين نيڪ ۽ پيارا ماڻهو، ڪئين مٿير مڙس، سورهيه سردار، درويش، مذهبي اڳواڻ، عالم شاعر، سائنسدان، فنڪار هن ڌرتيءَ جي سونهن سوائي ڪري ويا. دنيا جي انقلابين جو قبلو تمام قديم ۽ تمام وڏو آهي. خود مائو جن انقلابين جو شاگرد آهي تن مان هڪڙو هڪڙو ’ايڪ رانجها، لکان دا مٿ‘ هو. پر مائو بہ ڪا ٻي ماءُ مشڪل ڄڻي. هن ماڻهوءَ جا هن ڌرتيءَ جي انقلابي عوام تي احسان ڪيترا ڳڻي ڪيترا ڳڻبا؟

جَـرَ لهريـون، تـرَ وارِي، تِـرَ وار،
انهن ڪان اَپار، پلي مون سين پال ڪيا. (شاهه)

اڄ مائو نہ فقط چين جو پر سڄي ايشيا جو مهندار آهي. هن جي اڳواڻيءَ هيٺ سَون سالن جي ذلت ۽ غلاميءَ ڪان پوءِ ايشيا جو ڪنڌ اوچو ٿيو آهي. هن دنيا جي ترقيءَ جو مرڪز يورپ ڪان واپس موٽائي ايشيا ۾ آندو آهي. هن عوام جي سون هزارن سالن جي انقلابي جدوجهد جا ڦل ۽ ميوا ڪانوَن، ڪبرن ۽ گڏهن ڪتن کان بچايا آهن. انقلاب جي شاندار واٽ ۾ جيڪي چيون ۽ لک اجان آڏا هئا تن کي هن وڍي انهن مان شاندار رستا گهڙي ڪڍيا آهن. انقلابي استادن جي تعليم جي شفاف چشمن ۾ گذريل 50 سالن ۾ جيڪو گند ڪچرو پئجي ويو هو تنهن کي هن چاڻي صاف ڪري ڇڏيو آهي. هن سڄي دنيا جي انقلابي عوام کي انقلاب ڏانهن وڌڻ لاءِ چوطرف رستا کولي ڏنا آهن. هينئر سڄي دنيا جا ظالم زميندار، ڦورو سرمائيدار، قومن کي غلام بنائيندڙ ۽ نقلي ترقي پسند سڄي دنيا جي مظلوم قومن، انقلابي هارين، مزدورن ۽ سچن حق پرستن جي چوطرفي گهيري ۾ وڪوڙيل آهن. مائو جي انقلابي تعليم پنجن ئي کنڊن ۾ انقلابي

چٽنگون دڪائي ڇڏيون آهن. اهي چٽنگون ڏُکي ڏُکي، نيٺ شعلا بنجي ڀڙڪي رهيون آهن. اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ظالم زميني ۽ ڦورو سرمائيداري نظام ۽ قومن کي غلام بنائڻ جا سرشتا انقلابي ڀنيٺ ۾ جلي ٻري ڀسم ٿي ويندا. هن ڌرتيءَ جا انقلابي ماڻهو، انقلابي قومون ۽ انقلابي عوام هڪ اهڙو نئون ۽ اعليٰ نظام ٺاهيندا ۽ اڏيندا جو هيءَ بدنصيب دنيا پوءِ سچو پچو بهشت بنجي پوندي. تنهنڪري هن ايشيائي هاريءَ جي پٽ جو نالو امريڪا، يورپ، اوشينا ۽ آفريڪا ۾ بہ اهڙي عقيدت ۽ پيار مان ورتو وڃي ٿو جهڙو چين ۾. سڄي دنيا جا سچا انقلابي ڪيس پنهنجو سورهيہ سردار، استاد ۽ ابو ڪري مڃين ٿا.

الا جُنگ جين، جنين اجهي گهاريان،
شال م سُڪي وِيَرِي، جئان پيءَ پين،
مرڪڻ اڪڙين، تو ڏني مون ٿئي. (شاهہ)

هن ڌرتيءَ کي اڃان الائي ڪيترا هزار يا ڪروڙ سال گردش ڪرڻي آهي. الائي ڪيتريون صديون انسان هن گهر ۾ رهندو ايندو. تاريخ ۾ هزارين لکين لاهيون چاڙهيون ۽ انقلاب ايندا. پر جيستائين حق ۽ باطل جي جنگ آهي؛ جيستائين مڙس جي مڙسيءَ ۽ سورمن جي سورهيائيءَ جو دنيا ۾ قدر هوندو تيستائين مائوءَ جو نالو ۽ سندس انقلابي تعليم جي روشني دائم قائم رهندا.

اهڙا مانجهي مرڻا ناهن،
ويس متائي ورڻا آهن. (منشي)

★

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books




مارڪس، اينجلس، لينن ۽ اسٽالن جو تسلسل ۽ ترقي، مائوزي تنگ

ٽيڪسٽ اِنٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي – ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami